
موهن جو دڙو
ناول
علي بابا
Gul Hayat Institute
روشني

موهن جو دڙو

(ناول)

علي بابا

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

2008ع

ڪمپوزنگ : شاهنواز ٽالپر

Gul Hayat Institute

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ارپنا

يوسف شاهين جي نالي

جنهن ڪتاب ”ورلڊ ڪانفيڊريشن آف پيپلز“
“WORLD CONFEDERATION OF THE PEOPLES”
لکي هن صديءَ جو سڀ ڪان وڏو ۽ اهم ڪم ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (256) مشهور ناول ”**موهن جو دڙو**“ اوهان اڳيان حاضر آهي. هي تاريخي ناول ناماياري ليکڪ، ڊراما نگار ۽ ڪهاڻيڪار **علي بابا** جو لکيل آهي. ياد رهي ته هي سندس ناول جو پهريون حصو آهي، ٻيو حصو هو لکي ڪونه سگهيو ۽ اسان کان موڪلائي ويو.

ناول جو ذڪر ڪندي غلام حسين رنگريز لکي ٿو:
”علي بابا سندس ناول ”**موهن جو دڙو**“ (پهريون حصو) ۾ ذات ۽ ذهن جي بلندين کي ڇهي رهيو آهي. ٻوليءَ کان وٺي منظر نگاريءَ تائين ڪٿي به سندس گرفت ڪمزور پوندي محسوس نٿي ٿئي. ڪاش! علي بابا ”موهن جو دڙو“ جو ٻيو حصو به مڪمل ڪري سگهي. جيڪڏهن اهو ناول مڪمل ٿي وڃي ته هرمن هيس جي ”سڌارٿا“ کان به وڌيڪ مقبوليت ماڻهي سگهي ٿو.“

هن ڪتاب جو ٽيون ايڊيشن 2008ع ۾ **روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو** پاران ڇپايو ويو. ان کان اڳ هي ناول 1985ع ۾ **نيو فيلڊس پبليڪيشن** پاران ڇپايو ويو. شروعات ۾ هي ناول قسطوار ”روح رهاڻ“ ۽ ”نئين زندگي“ ۾ ڇپيو. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ شاهنواز ٽالپر جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

Gul Hayat Institute

محمد سليمان وسان
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

مان ۽ منهنجو ناول

اسان تي الزام، آندا جڳ جيڻ جا (اياز)

مون تي وڏا الزام آهن. انهن مان هڪ هي به آهي ته آئون پروفيشنل آهيان. آئون جيڪڏهن پروفيشنل هجان ها ته منهنجو هيءُ ناول " موهن جو دڙو " اڄ کان پنجويهه سال اڳ مارڪيٽ ۾ اچي وڃي ها ۽ تي سگهي تو ته پبلشر به آئون پاڻ هجان ها. مونکي ياد آهي ته اهو ناول مون يارهن ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ لکڻ شروع ڪيو هو. ان وقت قد بت ۾ به آئون پنهنجي پٽ عاشق لطيف جيڏو ئي هئس. عاشق لطيف کي خبر آهي ته پريس ڇا ٿيندي آهي. سنڌالاجي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جون آفيسون ڪٿي آهن ۽ هڪ اسڪرپٽ ڪيترن مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ ڪتابي شڪل ۾ ايندو آهي. پر ان وقت مونکي ڪا خبر ڪانه هئي ته سنڌي ادبي بورڊ جو دفترڪٿي آهي. رسالا ڪٿان ۽ ڪيئن نڪرندا آهن ۽ ايڊيٽر کهڙي بلا جو نالو آهي. آئون پنهنجي منهن پيو لکندو هئس. ان وقت ڇپائيءَ جو تصور ئي مون وٽ ڪين هو. بس ذهن جي ڪينواس تي ڪي شڪليون ڪي ڪردار، ڪي ستان اڀرندا هئا. آئون انهن کي ڪاڳرن تي پيو اتاريندو هئس. اهو سجو ڪم آئون پنهنجي اسڪول جي ڪم کان وڌيڪ اهم سمجهي ڪري خاص حيدرآباد وڃي، ٻارهين، پندرهين روپين واريون اوچن پنن واريون ٿلهيون خوبصورت ڪاپيون ۽ شيفرڊس ۽ پارڪر پينون وٺي پيو ڪاڳر ڪارا ڪندو هئس. اهي ڪاپيون جلدي پرجي ويندیون هيون ته آئون وري ٻيون ڪاپيون وٺي ايندو هئس. لکندي منهنجي سيٽسفيڪشن نه ٿيندي هئي ته آئون اهي لکيل ڪاپيون ڦاڙي يا ساڙي ڇڏيندو هئس ۽ اهو سلسلو چار پنج سال هلندو رهيو. انهن ڏينهن ۾ آئون ايس-ايم هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ ۾ پڙهڻ لڳو هئس. جيڪو پاڻ هڪ وڏو شاندار اسڪول هو (اڄ به آهي). انهن ڏينهن ۾ ڪوٽڙيءَ جي ميونسپل لئبريري ڏسڻ وٽان هوندي هئي. مونکي، موهن جي دڙي تي جيڪو به مواد ملندو هو آئون انکي ڏاڍي غور ۽ فڪر سان پڙهندو هئس. ان لئبريري جو انچارج منهنجو مامو عبدالله ڊي-بلوچ هو جيڪو ساڳئي وقت ايس-ايم هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر به هو. انڪري لئبريري جي ڪٻٽن جون چابيون به مونکي ملي وينديون هيون ۽ مونکان ڪتاب ڪٽي وڃڻ جي ڪا به پڇا ڳاڇا نه ٿيندي هئي تنهنڪري آئون پنهنجي مقصد جا ڪتاب گهر کڻي ويندو هئس.

پڙهڻ ڪانپوءِ وري ڪتاب موٽائي ڪٽي لئبريريءَ ۾ اچي رکندو هوس. وري نوان ڪتاب ڪٽي ويندو هئس. ان طرح لئبريريءَ ۾ اچڻ وڃڻ ۽ ڪتابن جون الماريون اٿلائيندي ڪيترا سنڌي ۽ انگريزي ڪتاب مونکي ڏسڻ ۾ آيا. جن ۾ " دي لاسٽ ڊيز آف پامپي "، "ڌرتي ماتا"، " سڌارٿا "، " اولڊ مين ائنڊ ڊي سي "، " وار اينڊ پيس "، " دي آئوٽ سائيڊر "، "هيون نون مسٽر علي سن "، " گڊارٿ ". مطلب ته الاهين ڪتاب جن منهنجو ذهن پاڻ ڏانهن ڇڪيو. ان وقت ۾ اردو ڪتاب سنڌ جي لئبريرين ۾ ڪو نه هوندا هئا ۽ انهن ڏينهن ۾ رڳو سنڌي ۽ انگريزي ادب پڙهيو ويندو هو. انڪري مونکي اردو ادب جي ڪا خبر ڪا نه هئي ته اردو ۾ ڪو به ادب لکيو ويندو آهي. پڙهڻ وقت آئون اهو ڪونه ڏسندو هئس ته ڪتاب جو ليکڪ ڪير آهي، ۽ نه ئي وري مهاڳ. بس هيچ ڪري پهرئين باب کان شروع ڪندو هئومانس. ان سڄي دور ۾ مونکي سنڌيءَ جي ڪنهن به اديب، پبلشر، ايڊيٽر يا ڇاپاخاني جي ڪا به خبر ڪانه هئي. بس مون وٽ سنڌي اديبن جو تصور ڪجهه ڊاڪٽر گربخشاڻي، حيدر بخش جتوئي، علامه دائود پوٽو يا پراڻن ۾ مرزا قليچ بيگ جهڙو هو. گهڻو ڪري آئون ائين سمجهندو هئس ته جديد دور جو اديب ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ حيدر بخش جتوئي جي قسم جا ماڻهو هوندا هئا. آئون سمجهندو هئس ته اهي سڀ عينڪون پائيندڙ سوٽيڊ بوٽيڊ ڪراڙا ماڻهو هوندا آهن. بس اهڙو ئي اميج هيو ڪجهه مون وٽ سنڌي اديبن لاءِ. ان وقت منهنجي مقصد جا مون وٽ رڳو ٽي ساٿي هئا. جن سان پيو اندر جو اورڻ اوريندو هئس. هڪ منهنجو اپاهج چاچو ڇُتو خان جنهن مونکي پُٽ ڪري پاليو هو. ٻارهن سالن تائين آئون پنهنجي چاچي کي سڳو پيءُ سمجهندو هوس جيڪو سنڌي ۽ گورمگي پڙهيل هو. تنهن منهنجي لکڻين کي ڏاڍو ساراهيو هو. جنهن همٿايو هو ته تون دنيا جو سڀ کان وڏو ڪم ڪري رهيو آهين. ٻيو عبدالڪريم ۽ ٽيون ساٿي ماءُ هئي. ڏاڍي وٽ پلجڻ ڪري منهنجي سنڌي ٻولي صفا خراب هئي. انڪري ماءُ مونکي شاهه تمام سهڻي نموني ڪجهه سني ۽ تلفظ سان پڙهايو. ۽ قرآن شريف جا بهترين چيپٽرز جي معني سنڌيءَ ۾ ٻڌائيندي رهي.

مون پنهنجي چاچي جي حياتيءَ ۾ ان ناول کي به پيرا مڪمل ڪيو، پر منهنجي تسلي ٿي نه سگهي. مون اُهي ڦاڙي ڇڏيا. ان وچ ۾ مون ٽي چار ڪهاڻيون لکي ورتيون هيون " پيڄري جا پکي " "ڏبڻ " (جيڪا مونکي نه وڻندي آهي) " نه ته ساڻ هلن سير ۾ ". جن ۾ رکي رکي آئون ڦير ڦار ڪندو رهندو هئس. اسڪول ۾ منهنجا ماستر مون تي ڪاوڙجي پوندا هئا. انڪري ته مونکي " ڊريگن بڪ آف ڪورس " " ٽيلزفرام

شئڪسپيئر" " شاهه " تاريخ، جيو گرافي ڪان سواءِ پنهنجي ٻين اسڪول جي ڪتابن جي خبر ڪانه پوندي هئي. اهو سمورو وقت آئون پنهنجي ناول تي سوچيندو رهيس. تڏهن آئون اهو سمجهندو هئس ته سنڌي ڪتاب ڪراچي يا بامبي مان نڪرندا آهن.

پوءِ منهنجو چاچو گذاري ويو. ان وقت منهنجو سڀ ڪان وڏو خرچ ڪاپين ۽ انڊپينن تي هوندو هئو. پوءِ آئون سادن ڪاغذن تي لکڻ لڳس. هڪ ڀيرو عبدالڪريم بلوچ جو هڪ دوست سيد " خادم حسين شاهه " (جيڪو پوءِ منهنجو به دوست ٿي ويو) تنهن منهنجي هڪ ڪهاڻي " پڃري جا پکي " عبدالڪريم بلوچ کان وٺي شمشيرالحيدريءَ کي ڏني جيڪا مهراڻ ۾ ڇپجي وئي. مهراڻ ۾ ٻي ڪهاڻي ڇپائڻ لاءِ آئون پاڻ حيدرآباد ويس. انهن ڏينهن ۾ مهراڻ جي آفيس تلڪ چاڙهيءَ تي هئي. اندر گهڙي مونکي چڪر اچي ويو. اندر مولانا غلام محمد گرامي، ڏيپلائي، عندالله خواب صاحب جن شيروانيون پائيو ويٺا هئا. سندن وڏيون وڏيون عينڪون ۽ شيروانيون ڏسي آئون دل ۾ جهلي سگهيس ته هيءَ ڪهڙي مخلوق ويني آهي. سو آئون ڏاڍو پريشان ٿي موٽي آيس.

ٽن چئن مهينن ڪانپوءِ شمشيرالحيدري سان ملڻ ڪانپوءِ سندس سهڻو اخلاق ۽ آدر ڀاءُ ڏسي آئون ساڻس هري مري ويس ۽ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون حيدرآباد ۾ " سنڌي ادبي بورڊ " جي پريس جون مشينون ڏٺيون. شمشير منهنجي ناول جا به ٽي باب پڙهي ڏاڍو ساراهيو ته تو جهڙيءَ ريت ناول شروع ڪيو آهي، ان ريت جي تون ان ناول کي نباهي وئين ته اهو ناول هن صديءَ جي بهترين ڪلاسڪس ۾ شامل ڪيو ويندو. ان طرح مون سنڌي ادبي دنيا ۾ پير ڪوڙيا. انهن ڏينهن ۾ طارق اشرف " هڪڙو قدم " " ٻيو قدم " ڪڍندي " سهڻي " ٽائين پهچي ويو هو. مون ڪيس سهڻيءَ جي ٽئين پرچي لاءِ هڪ ڪهاڻي " زندگي " ڏني. طارق ان ڪهاڻيءَ جو نالو مٽائي " مجسمو " ڪري ڇڏيو ۽ پروف جي فقط هڪ چُڪ جي ڪري ڪهاڻي سڄو وجود ڊهي ڪري پيو. ان ريت " سهڻي " ۾ لکڻ کان منهنجي دل ڪڄي وئي. ان وقت حميد سنڌي " روح رهاڻ " ڪڍندو هو. پوءِ آئون روح رهاڻ ۾ لڳاتار ڪهاڻيون لکڻ لڳس. جي " روح رهاڻ " ۾ ڏاڍي سهڻي نموني شايع ٿيڻ لڳيون. حميد شيخ اياز، امداد ۽ تنوير جيان مونکي به تمام گهڻو اسپيس ڏيڻ لڳو. ان ريت منهنجو اهو ناول " موهن جو دڙو " روح رهاڻ " ۾ شايع ٿيڻ لڳو. اڃان ناول جا ست اٺ باب مس ڇپيا هئا ته " روح رهاڻ " رسالي تي بندش وڌي وئي. ان دور ۾ شوڪت حسين شورو، عبدالحق عالماڻي، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر ارباب علي کهاوڙ، امداد حسيني، رسول بخش پليجو منهنجا دائمي ادبي دوست بڻجي ويا. انهن ئي ڏينهن ۾ شمشير کي " نئين

زندگي" جو ايڊيٽر چونڊيو ويو. ۽ منهنجو اهو ناول " نئين زندگي" ۾ قسطوار ڇپجڻ لڳو. پوءِ شمشير ۽ منهنجي پنيان پنهنجي ئي سنڌي عالمن ۽ مولوين باهي ٻاري ڇڏي، ته رسالو عليءَ ۽ شمشير جي جاگير آهي ڇا؟ هي ماڻهو سرڪاري رسالي ۾ وڏو گند ڦهلائي رهيا آهن. منهنجي دل پڄي پئي انڪري مون " نئين زندگي " ۾ لکڻ بند ڪري ڇڏيو.

ان وچ ۾ آئون ريڊيو پاڪستان تي ڊراما ۽ گيتن پريون ڪهاڻيون لکڻ لڳو هئس. وري پاڪستان ٽيليويزن جي جنم وٺڻ ڪري ٽيلويزن تي ٽيڪنيڪل ڊراما نويس نه هئڻ ڪري مونکي زوريءَ ٽيلويزن جي ڏٻڻ ۾ اڇلايو ويو. مون عبدالڪريم بلوچ ۽ شمشير کي الاهين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته منهنجو ناول اڌورو پيو آهي. پر هنن منهنجون سپ ڳالهيون رد ڪري ڇڏيون. ۽ وري مونکي اهڙو پبلشر به نه پئي نظر آيو جيڪو فضيلت سان منهنجو ناول ڇاپي. پوءِ هڪ ڏهاڙي سفر ڪندي ڪو شاهينگ منهنجي پيتي ڪٽي ويو. ان طرح آئون ان ناول جو وڏو حصو وڃائي وينس. ۽ ڏاڍي اُبهرائي سان سوچيم ته نيڪ آهي سنڌي ماڻهو اڃا ان قابل نه ٿيا آهن جو سندن هٿ ۾ ڪو فضيلت وارو ڪتاب ڏنو وڃي.

۽ اڄ آئون ڇٺين سالن ڪان پوءِ ان ناول ۾ ڪيتريءَ قيرقار ڪرڻ ڪانپوءِ "نيو فيلڊس" پاران ان ناول جو پهريون حصو پيش ڪري رهيو آهيان. آئون ڪوشش ڪندس ته ٽن چئن مهينن اندر آئون ناول مڪمل ڪري پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان.

ٻي ڳالهه ته مون ان ناول کي جنهن رنگ ڍنگ سان لکڻ پئي چاهيو حالتون سازگار نه هئڻ ڪري شايد آئون ان سان انصاف نه ڪري سگهيو آهيان. پر جيئن ته آئون اهو ناول ڪڇيءَ ڪان پنهنجي لاءِ لکي رهيو هئس. فقط پنهنجي سيٽسفيڪشن لاءِ. هاڻ اهو نقادن ۽ پڙهندڙن کي وڻندو يا نه انهيءَ ڳالهه لاءِ آئون ذرو به پريشان نه آهيان.

علي بابا

Gul Hayat Institute

1

اڄ کان گهٽ اڳي، هزارها ورهيه اڳي، جڏهن هن ڌرتيءَ تي ديوتائن جو راڄ هو، جڏهن سج، چنڊ، باهه، پاڻي، نانگن، ٻوٽن ۽ ٻتن کي پوڄيو ويندو هو، جڏهن هي دنيا هڪ ويران جهنگ هئي، جڏهن انسان جانور هو ---
اهو دنيا جو عجيب دور هو، انهي ءَ دور ۾ روشني ئي روشني هئي، انهيءَ دور ۾ اوندهه ئي اوندهه هئي، انهيءَ دور ۾ ٿڪ ئي ٿڪ هئا، انهيءَ دور ۾ روڄ ئي روڄ هو، انهيءَ دور ۾ اڻڳڻت خدا هئا، انهيءَ دور ۾ ڪو خدا نه هو.... هيءَ انهيءَ دور جي ڪهاڻي آهي.
هيءَ ڪهاڻي هڪ پيچري کان شروع ٿئي ٿي. هي پيچرو پنجن ندين واري ڏيهه جي هڪ زمين دوز شهر 'هري پايا ' مان جاري ٿئي ٿو ۽ اڄ کان اٽڪل پنج هزار ورهيه اڳ جي زمين دوز شهر، موهن جي دڙي جي ڪنڊرن ۾ ختم ٿئي ٿو. هي پيچرا به اسان جي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. دنيا هڪ وڏي ڪتاب جيان آهي، ۽ هي پيچرا ان تي اکرن جيان جڙيل آهن، جن ۾ ابتدا کان اڄ تائين بيشمار قومن جون ڪهاڻيون دبالت ٿيل آهن. عجيب عجيب، پراسرار، هيبتناڪ ڪهاڻيون، جن کي ٻڌڻ سان بُت جا وار ڪاندارجي وڃن. هي پيچرو به اسان کي هڪ اهڙي ئي ڀيانڪ ۽ پراسرار ڪهاڻي ٻڌائي ٿو.
تکي هوا لڳي، پيچري جي ذهن تان ڪن ورهن جي ڌنڌ ۽ ڌوڙ اڏائي، هن جي ذهن ۾ دٻيل ڪيترن پراڻن پيرن جا نشان پڌرا ڪري رهي آهي.

هن جي ذهن ۾ ڪيترا ورق وري ويا آهن، تهن هينان تهه، ڪيتريون چمان چم نچندڙ، ڏکندڙ، ڦرندڙ صديون، ڪيترا دور، ڪيڏا مرحلا، سڀ ته ڪالهوڻا سپنا هئا. محمد بن قاسم جا برق رفتار گهوڙا، پورس جا هاٿي، سڀ هن جي ذهن کان گذري ويا آهن. پر هو اڃا به ڪنهن اڳاٽي دور جي کوجنا ۾ آهي. هاڻ هن جي ذهن ۾ هڪ ڏڳي جي کُرن جا ڌنڌليل نشان جمي ويا آهن. هي ڏڳي جي کُرن جا نشان مهاراجا اشوڪ جي دور کان به پراڻا آهن. هي ڪنهن جو ڏڳو هو؟ هتان ٻيو ڪير گذريو هو؟ سندس ذهن تيزيءَ سان ڏڳي جي کُرن جي نشانن پنيان سرڪڻ لڳو آهي. پر ايتري پراڻي دور کي ايترو جهٽ پهچڻ به ته سولو نه آهي. سج لهي ويو آهي، رات جي ڌنڌ ماٺ جي پيرن سان پيچري تي ڇائنجندي وڃي، پر هڪ پيچرو به ڪڏهن سمهي سگهيو آهي؟ هو گذريل دور ڏاٺهن تيزيءَ سان نانگ وانگر وٽ ڪائيندو، سرڪندو ٿو وڃي. ڪنهن مهل ڪانپوءِ رات جي اونداهيءَ ۾، هن کي پاڇولي وانگي ڏڳي تي وينل هڪ واٺهڙو ڏسڻ ۾ آيو. پيچرو تيزيءَ سان هن ڏي

سرڪي ويو. هن انهي ۽ رات جي پانڌيئڙي ڪي سجاڳي ورتو. الائي ڇو، هو انهيءَ واٽهڙوءَ ڪي ڏسي منجهي بيهي ويو، شايد ڪيس پنهنجي حال تي رحم اچي رهيو هو. ڪاش هو انهيءَ رات جي مسافر ڪي ڪو پل ترسائي سگهي ! پر ويچارو پيچرو بہ ڪڏهن، ڪنهن مانجهي مسافر ڪي روڪي سگهيو آهي؟ پيچرو چپ چاپ انهيءَ مانجهي مسافر جي ڏِڳي جي لتاڙ هيٺ سمهي رهيو آهي. ڏِڳي جي لتاڙ ڪيس ڏاڍو آرام پهچائي رهي آهي. هو انهيءَ ڏِڳي ۽ مسافر ڪي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهي. اهو رات جو پانڌي پنجن ندين واري ڏيهہ،" ٿامي نگر " جو نوجوان ويد، " آتم تارا سمبارا [1] " هو. هن ڪي اڄ بہ انهي ۽ نوجوان جي انهيءَ پيانڪ ۽ پراسرار پنڌ جو هڪ پل ڇنيءَ طرح ياد هو. هو انهيءَ نوجوان جي انهيءَ وشواش ڀريل پنڌ ڪي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهي.

اها پوھ جي پاري، هاڻي رات انتهائي سرد هئي، تارا بہ اونداهي اپ ۾ ڄڻ ٿر ٿر ڪنبي جمي ٿڌا ٿي ويا هئا هو ڳرو اوڇڻ ويڙهيو، ٻڪل هنيو، پنهنجي گگدام تي نهايت ئي سڪڙيو وينو هو. گذريل رات ڪان هو اوجاڳيل هو، سو گهڙيءَ گهڙيءَ تي ننڊ جا گهيرات آيس، وري سجاڳ ٿي، اونداهيءَ اڌ رات ۾ هيڏانهن هوڏانهن واجهايائين، ۽ وري ڏِڳي جي ڏار تي جهولندو، جهوٽن ۾ ٿي پئجي ويو. سندس ٻڪايل، دسين جو ماريل ڳوپ، مئل پير ڪٽندو، وڏن سڱن ڪي ڏار سان لوڏيندو، ڳچيءَ ۾ ٻڌل ٽليءَ جو مڌر آلاپ ڇيڙيندو، ويو ٿي اونداهيءَ ۾ اڳيرو ٿيندو...... ۽ رات جيئن پوءِ تيئن ويئي ٿي انگهندي.

اوچتو ئي اوچتو رڻ ڳجيو راڙو ٿيو، ڏِڳو ٽٽو، واٽهڙو ڊيهو ڀري جاڳي پيو، رات جي نوائيءَ ۾ هڪ ڀيانڪ رڙ ڌرتيءَ ڪي ڏاريندي، انگاس چڙهي وئي، ۽ ان سان گڏ ئي ڪيئي ڀيانڪ آوازن جو پڙاڏو پيدا ٿي ويو -- ڄڻ هڪ وقت ڪيئي بد روح ڌرتيءَ تي لهي واويلا مچائي رهيا هئا. سارو اونداهو وايو منڊل اهڙو تہ ڀيانڪ ۽ پراسرار ٿي ويو جو وڻ ٻوٽا پوت ٻڄي ڪائڻ لاءِ ڊوڙي رهيا هئا. واٽهڙو وائڙو ٿيو، هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو تہ ڇا جو هل هلاچو آهي. ان ئي پٽي تي ان ئي پير تي هڪ ٻي گهٽيل، سنهي، دل ڏاريندڙ ريهہ ايري، ۽ ڀيانڪ آواز جي پڙاڏي ۾ ٻڏي ويئي. واٽهڙو آواز ڪڙوائي نهاريو، ٽورو ئي پري، گهاٽن وڻن جي ڏارن مان ڪيس سوجهرو ڦٽندو ڏسڻ ۾ آيو. هڪدم ڏِڳي تان لهي، ٽلو ڪولي ٻجڪي ۾ وڌائين، ۽ تڪڙو تڪڙو ڏِڳي ڪي واڳ ڪان گهليندو، گس ڇڏي هيٺ اونداهي جهنگ ۾ گهڙي پيو، ۽ گهاٽي وڻڪار جي اوٽ وٺندو، لڪندو، ڇپندو انهيءَ سهائيءَ ڏانهن وڌڻ لڳو، جتان ڀيانڪ آوازن جو پڙاڏو اچي رهيو هو.

---

[1] سمبارا : داروڙ قوم جو قبيلو

جيئن ئي واٺهڙو ويجهو ٿيندو ويو، تيئن تيئن آواز ويا ٿي پيانڪ ٿيندا. جان ڪٽي ڏسي ته ڪارن اگهاڙن شودرن جو هڪ ٽولو آهي، جو مچ ٻاريو، ا ن جي چوڌاري ڦري رهيو آهي، ۽ مچ جي پرسان هڪ ننڍي نيٽي شودرمند ويم جي پيڙا ڪان رڙي رهي آهي. ٻه ڪاريون ڪوجهيون عورتون سندس ٽنگون سنڀالڻ جا وس ڪري رهيون آهن ۽ ٻه ٽي اگهاڙيون اڀاليون عورتون هن جي سيرانديءَ پيرانديءَ جهڪيل آهن. جيئن جيئن اها موڳائي مُنڌ گهٽجيو گهٽجيو رڙيون ٿي ڪري، تيئن تيئن هن جا ننگا ساٿي هنبوڇي هٽي، عجيب عجيب آلاپن سان، گدڙن وانگي اونايون ڏيو، نئين ساٿيءَ جي خوشي ۾ اور گهور پيا وجن.

اوچتو ئي اوچتو، موڳائي منڌ جي پيڙا وڌي وئي. هانپارو هٽندي، وٺي زور سان ڪِيڪ ڪيائين. سندس ڪارو، ننگو، اپريل ڏڙ جڻ ڏٻي پيو. سڄو بت پاٽيءَ ۾ ٽڙپندڙ ٻلهڻ وانگي هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. ڪنڌ کي ڏونڌاڙو ڏئي، وٺي اهڙي ته چِن پَٽ ڪيائين. جو پانءَ ته ساهه ٿو وڃيس. جيئن ئي هن جي چن پٽ وڌندي ٿي ويئي، تيئن ئي هن جي چوڌاري نچندڙ ننگا ساٿي، رنين آهرن، پنهنجن اڏوتن وارن کي لمڪا ڏيئي، چن پٽ ڪري، زور زور سان گدڙن وانگي اوناڙيون ڏيڻ لڳا. ڪنهن جون ٻانهون اپ ڏانهن پئي ويون، ته ڪنهن جو ڳاتو ڌرتيءَ تان جهولندو ٿي ويو. ڪو چڪريءَ ۾ هو، ته ڪو جهمر ۾ ويندي هڪ ڦوهه جوان نينگر، جنهن جو ڪارو سدول ڏڙ سونيءَ ننگريءَ جي ڪنهن پوڄاٽيءَ نچڻيءَ وانگي پٽراهون هو، ٿڙڪندي ڦڙڪندي، ڪسڪيون ڪندي، مچ ۾ ڪُڏي پيئي، ۽ ڪنوڻ وانگي جهڙپ هٽي، ٽانڊن مان ٽلندي نڪتي ۽ واسينگ وانگي ٻاهه جي چوڌاري وٺجڻ لڳي. ٻانهون مٿي اپ ڏانهن ڪجي شِيخ ٿي ٿي ويس. چيلهه تائين مٿيون ڌڙ پهڻ، ته ٽنگن زلزلو هوءَ ائين ٿڙڪندي ڦڙڪندي رهي.

واٺهڙو انهيءَ شودر ننگيءَ نچڻي جو ناچ ڏسي دنگ رهجي ويو. ڪيڏو نه عجيب ڏيک هو ! هڪ شودر جو جنم جي خوشيءَ جو ناچ، جو شايد هاٽي ڌرتيءَ تي اچڻ لاءِ تڪڙا تڪڙا هٿ پير هٽي رهيو هو. ۽ اهو سمورو منڊل هو ٻنهه ويجهڙائيءَ ڪان، گهاٽن ڌارن مان سسي ڪڍيو ڏسي رهيو هو. هاڻ هو ڏاڍي بيچينيءَ سان ان موڳائيءَ منڌ ۾، نهاري رهيو هو، جنهن جو سڄو بت سيٽجي ويو هو. اکيون، نڪ، چپ، وات، چنجها ۽ چپا ٿي ويا هئس، ۽ رکي رکي اوڪارا ڪري، وٺي اهڙي ته هنيئن ڦاٽ رڙ ڪيائين جو اکيون ۽ ٻاڪو ڦاٽي ويس، ۽ هن جي مٿان جهڪيل عورتن جي چرپر وڌي ويئي، ڇڻ هنن جي هٿن مان ترڪٽي

شي ترڪي ترڪي ٿي وئي، ۽ ان سان گڏ ئي پرڏاءَ ۾ نئين جيَو جي پهرين دانهن ايري ۽ خوشي جي پڙاڏي ۾ ٻڏي وئي.

ڦوهه جواني نچڻيءَ جي هٿن ۾ ٻرندڙ اماڙيون تيز ٿي ويون، هوءَ جهوليندي، واسينگ وانگي وٽ کائيندي، ماءَ ۽ وياءَ جي مٿان ڦيريون پائڻ لڳي، هن جي ايندي ئي، مٿان جهڪيل عورتون پري هٽي ويون. ننگي، نچڻيءَ، ماءَ ۽ وياءَ جي مٿان ڪئين چڪر ڪاٽڻ ڪان پوءِ، هڪ اماڙي هن جي سيراندي ۽ پيرانديءَ ڪوڙي، ۽ هڪ سنهي ڪيڪ ڪري، سٽ ڏيئي، ماءُ جي وارن مان چڳا پٽي، ۽ پوءِ ڦوهارو هٽندي، اونڌي گوڏين، اڇي ٻار جي مٿان نانگ وانگر جهولڻ لڳي. هن ڪيئن ڀيرا، ٻار جي مٿان اوريان گهوريان سرنيو، ۽ هڪ وڏي سنهي ڪيڪ ڪري، ٻار جي مٿان جهڪي، چڪ سان ٻار جو ناڙو ڇني، وارن جي ڇڳ سان ٻڌي ڇڏيو.

ان پر، اهو ننڍڙو سرير، ماءَ جي سرير ڪان ڇڄي، ڌرتيءَ سان ڳنڍجي ويو. سندس اگهاڙا اٿابا ساٿي، خوشيءَ ڪان جڻ اڏاٽا ٿي ويا، ۽ ماءُ ان ٻڏندڙ ماٿهوءَ جيئن، جنهن کي گهوٽا ڪائيندي اونهي ۾ ڪو ٽر ملي ويو هجي، نئين سنئين پئي، ساڻي ٿيو، هانپارو هٽي رهي هئي.

هڪ شودر جي پيدائش ------ ڌرتيءَ جي پهرين رات --- پوهه جي هنئين – ڪاني هوا --- ننگو، سڙيو، چلڪٽو، نازڪ بت --- نہ اوڇڻ نہ اجهو --- ننگا ساٿي، ننگي ڌرتي، ننگو آڪاش ... ڌرتيءَ جي پهرين رات ايڏي هاجي هاٽي ! نہ نہ ايءُ جاڙ آ، ڪلور آ ! واٿهڙوءَ جون اکيون پهڻ ٿي ويون، جڻ دل تي ڪنهن ٻڙڇ وهائي ڪڍيو هجيس. هو هڪدم سٽ ڏيئي، ڊڳي سوڏو شودرن جي پڙ ۾ نڪري آيو.

هڪ مهاپرش جو شودرن ۾ اچڻ، جڻ آڪاس ڌرتيءَ تي ڪري پيو، ممڻ مچي ويو. خوشيءَ جون ڪيڪون خوف ۾ بدلجي ويون، جنهن کي جيڏانهن منهن آيو، وٺي ڀڳو. رڳو اها موڳاتيءَ ماءُ ۽ سندس وياءُ پَٽ پيا هئا. ماءُ ڏهڪاءَ ڪان ڏڪٽي ٿيو پئي هئي، ۽ وياءَ ٽڏ ڪان.

واٿهڙوءَ ڄاتو ٿي تہ هن جي ائين نڪرڻ سان هنن اگهاڙن انسانن جي رنگ ۾ ڀنگ پوندو. پر هن ڪنهن بہ مُلهہ ان ننڍڙي ساهہ کي ' پوهہ ' لاٽا لوهہ جي ٻليدان چاڙهڻ نٿي ٻاسيو. هاڻ هو ان منڌ جي مٿان بينو هو، جا پنهنجي اوڙا پيڙا پلجي، پنهنجي وڍاءُ مٿان اونڌي جهڪي ويئي هئي.سندس نست ڪوٻن ۾ گهڙيل، ڊنل گونگيون اکيون، ديا لاءِ دانهي رهيون هيون.

واٿهڙوءَ پنهنجي ڏڳي جي جهل مان هڪ وڏو ڳرو اوني اوڇڻ ڪڍي، هن جي مٿان ورائي چڙيو ۽ گوڏن پر ٻيهي، ڏاڍيءَ گنڀيرتا سان ڪيس ٻانهون ٻڌائين، جڻ ته هوءَ ڪا شودر عورت نه، ڪا مهاديوي هئي.

شودر عورت جي ڏنل قاتل اکين مان ٻه وڏا لڙڪ لڙي، هن جي ڳٽن تي چمڪڻ لڳا ۽ هن انهيءَ سڀاجهي ديوتا جي اڳيان پنهنجي سسي ٽيڪي ڇڏي.

واٿهڙوءَ ڪيتريءَ دير تائين ان اونڌي ٻوٽ پيل عورت ڏانهن نهاريندو رهيو، ۽ پنهنجي چوڏاري سجدي ۾ پيل اڇوتن ڏانهن، جي ٿوري دير پهرين خوف کان ڏڄي پڄي لڪي ويا هئا. سندس نظرون هنن جي ڏڪندڙ اگهاڙن پنين تان ٿينديون، ڏرتيءَ ۾ جهڪي ويون --- ۽ پوءِ هو، جهڪيل ڪنڌ سان، ڏڳي جي واڳ جهلي هلڻ لڳو. سڀ شودر ملي، وڏا سجدا پري، پنهنجي گونگيءَ ٻوليءَ ۾ انهيءَ سڀاجهي ديوتا ڪي جس ڏيڻ لڳا. هاڻ واٿهڙو هو، ڏڳي جي ڳچيءَ ۾ ٽل وڄندو ٽلو، اونهي اپ ۾ ساٽا ستارا ۽ سنسان وات.

رات ڏينهن جهر جهر جهاڳندو، لڪ لتاڙيندو، واٿهڙو آڌيءَ ويل هڪ وسنديءَ پيڙو اچي ٿيو. ساريءَ وسنديءَ تي رات جي ديوي آري تي وينل ڪڪڙ جيان پنهنجا اونداها پر پکيڙيو ويني هئي. هر پاسي چر ڦرڪاري چاڪ لڳي پئي هئي. ماڻهو پنهنجي اجهن ۾، ننڊ ۾ الوٽ هئا. هر پاسي موت جي ماٺ لڳي پئي هئي. ٻنهه نه هونگ نه هون.

واٿهڙوءَ پنهنجي پوٺيءَ تان لهي، واڳ مان جهلي، چئني پاسي اونداهين پٽين مان واجهائيندو، هڪ وڏيءَ ويڪريءَ جاءِ اڳيان اچي بيٺو. جاءِ جي ڳڙکين مان سهائو سيرون ڪري پئي ڦٽو، ۽ ياڻيائين ته ڪو جاڳي پيو، سو وڏي ان رتول جو ڪڙو ڪڙڪايائين. ٿوريءَ دير ۾ در جي تاڪ مان هڪ اڌڙوٽ مُنڍ منهن ٻاهر ڪڍي، اچرج سان ڏانهس نهارڻ لڳي.

واٿهڙوءَ وڏي ڪيس چيو " مان واٿهڙو آهيان، پراهين پنڌ ۽ پوهه جي سرديءَ سيڪاتي وڏو ٿمر. هت پيٽي ٿمر نه پت. اجهو ڏسي تو ڳر آيو آهيان "

" ڀلي آئين، راول، تو جا پير، اسان جون اکيون". سڀاجهيءَ منڍ سندس آجيان لاءِ ٻئي ٻانهون سرڻ وانگي ڦهلائيندي، ڪنڌ جهڪائي چيو ." تو جي ڀلائي، جيجل ! " واٿهڙو ٻه سندس آڏو ٻانهون ٻڌي، نوڙت ڪئي، ۽ چائنٽ چڙهي اندر آيو. جاءِ اندران وڏي ۽ ويڪري، ڪئين ننڍين وڏين ڪونين ۾ ورهايل، ۽ ڪاٺ، ۽ ڪاشيءَ ڏاتوءَ، عاج ۽ چم جي سهڻن ٿانون ٿپن سان پريل پڪيل هئي. آتڻ واري آسڻ تي چرخن ۽ ارٽن تي سٽ چڙهيو پيو هو. هر ڪا شي پنهنجيءَ جڳهه تي سگهڙ پائيءَ سان سجائي رکيل هئي. اندر سگڙي ٻرڻ ڪري،

جاءِ اندران ڪوسي هئي. واٿهڙو ڪجهه دير سگڙيءَ تي ويهي، پنهنجن ڏڳهن، اپن، ڪنڌ تائين لڙڪندڙ وارن تان ٻُڪل ڪولي، پاڻ ڪي تئيندو رهيو. سٻاجهي منڌ جهڙو ئي اندران ڪير جو ڪپو ٿامي جي ٿالهيءَ تي رکي موٽي، تہ واٿهڙوءَ جو مٽيادار مک ڏسي ٻاڪو ڦاٽي ويس. هوءَ واٿهڙوءَ کي هڪ عام ماڻهو سمجهي هئي، ۽ ٻڪل مان سندس سٻاجهيءَ صورت ڪي چڱيءَ پيٺ نہ ڏسي سگهي هئي، هاڻ جو اوچتو سندس اک واٿهڙوءَ جي نرڙ تي ٻڌل، سونيءَ سر تي جڙيل، وڏي ٻاڙهي چمڪندڙ مٽيي تي پئي جو سونمباٽيءَ جي مهاتمائن جو نشان هو، ۽ جڏهن چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي صورت سجاتائين، تہ هٿن پيرن کي ڪنبٽي وني ويس. ساٻهن خوشيءَ ۽ خوف کان کير جو ڪپو هٿن مان ڇڏائي ويو هوس، ۽ وات مان رڳو ايترو اڪايس "مهاويد لجمڻ آتم تارا " ۽ ڦاٿل اکين سان هن جي مٽيادار مک ۾ نهاريندي سجدي ۾ پئجي وئي.

واٿهڙوءَ هٿ ڏکهيري ڪيس آشيرواد ڏنو، ۽ چيائين، "اي سٻاجهي سگهڙ، تو تي ديوتائن جي ديا هجي ! اٿ، منهنجو ٻت ساٿو ۽ نيڻ ننڊ هاٽا آهن، مون کي هانديڪو ڪر. " سٻاجهي منڌ، ٻئي ٻانهون ٻڌي، تپسيا سان اٿي، ۽ ٻنيري هلندي، ڪيس هڪ وڏيءَ سهٽيءَ ڪونيءَ ۾ وني آئي، جو ڪنهن راجا جي رتول وانگي سجايل هو. ساٿو، اوجاٻيل، ٿڪل ٿٽل، ڇُور واٿهڙو، وڏو ٻاڙهو جوبان لوڏيندو، جهولندو، اُٽڙندو، اڇي نرم سيج تي ڊهي پيو، ان کان پهرين جو سٻاجهي منڌ ڪير جو ڪپو سو ساندو ڪري اڇي واٿهڙو ننڊ ۾ الوٿ تي ويو.

پهرين سٻاجهيءَ منڌ، ڏڪندڙ هٿن سان، سيج جي پيرانديءَ کان سندس سونن ڦلن واريون چاڪڙيون سڏيون ڪيون، ۽ مٿائنس چڱيءَ طرح سان اوني اوچڻ ورائي ڇڏيو، ۽ ڪيتري دير تائين سندس پيرانديءَ کان تپسيا سان ٻانهون ٻڌي بيني رهي.

رات جو ڪامڻ ٿٽو، تارا تير تروڪٽيون، هڪ هڪ تي، اونداهي اپ تان ڇجي ويا. پورپ کان پرهہ جي ديوي، رات جي ينيرڪن پردن مان پنهنجو لجوڙو ڀهڪندڙ منهن ڪڍي، ڏرتيءَ ڏانهن جهاتي پائي رهي هئي.

سج جي پهرين ڪرڻن ساڻ ساريءَ وسنديءَ ۾ اها خبر سُرهاڻ وانگي پکڙجي وئي تہ وسنديءَ ۾ نامي جو مهاويد آتم تارا آيو آهي. پوءِ ڇا هو، ماڻهو ڪٽان جو ڪٽان ڪهي آيا، جڻ تہ ڪو وڏو جشن جو ڏينهن هو. گهريتڙين پنهنجن گهرڙن جي هاج سويري اُڪلائي، پٽ ٻهاريا، وسنديءَ جي وڏوڙين پنهنجن جواڻ ڏيئرن ڪي طرحين طرحين سوڻ ساٹ ڪيا. نوجوانن توڙي پوڙهن اوڇا وڳا پهريا، جتان ڪٽان، ڪنوار وانگي سجايل گهٽين مان، پَٽ

پنهير وڳن ۾ ويڙهيل، اپسرائن جهڙيون سهڻيون نينگريون، سورهن سينگار ڪريو، چاڳ ۽ ڪلڪاريون ڪنديون، جوان نينگرن جي دلين کي گهائينديون شرمائينديون، وسنديءَ جي مُکي پداري سمبارا جي رتول ڏانهن ويون.

وسنديءَ جي مُکي پنداري سمبارا جي رتول ۾ اندران توڙي ٻاهران ماڻهن جا ميڙ لڳي ويا هئا، پر تڏهن به سڄي رتول ۾ ماٺ لڳي پئي هئي، جيڪڏهن ڪنهن ڳالهايو ٿي ته ڦسڪن ۾ ته متان نندهاڻو ديوتا ڪچيءَ ننڊ مان جاڳي نه پوي. هر ڪو ماڻهو، هر ڪا منڊ، ڏاڍيءَ بيچينيءَ سان ان سڀاڄهي ديوتا جي سڄاڳ ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا، ۽ رتول جو سڄو وڏو وراندو پوڄارين، پوڄارڻين، وسنديءَ جي وڏوڙين ۽ وڏ گهراڻن سان ڀريو پيو هو.

ان ويل، مهاويد لڇمڻ آتم تارا سرهيءَ سيج تي سپنن جي سنسار ۾ وهلور هو. هن جي ڪونيءَ ۾ هن جي پيرانديءَ کان رڳو وسنديءَ جي مکي پنداري سمبارا جي وڏور ڌيءُ، پدمڻي، ' شيوا ديجي ' سورهن سينگار ڪريو، ڪنهن سپني جي اپسرا وانگي، گوڏن پر ٻانهون ٻڌيو، پنڊ پهڻ ٿيو ويٺي، گهائيندڙ پونر نيڻن سان سڄل مهاويد ڏي نهاري رهي هئي. هن جو سڄو نازڪ ڏڙ چڻ ويٺي ويٺي ڪڙهي پيو هو. هوءَ جنسي لڇي رهي هئي. سڄل ديوتا جي هر ڪروٽ سان هن جي دل ڌڙڪي تي وئي. هوءَ ان ديوتا جي درشن لاءِ ماندي ٿي رهي هئي. ديوتا جي جاڳڻ جي هڪ هڪ ساعت هن لاءِ صدين جو سوداءُ بڻجي تي وئي.

اڄ جڏهن وهاڻيءَ ويل ماءُ ڪيس ننڊ مان جاڳائي ٻڌايو ته هنن جي نجهري ٺامي جو مهاويد آتم تارا آيو آهي، ته هن کي پنهنجي ڪنن تي ويساهه نٿي آيو. هينئر به ائين پئي ڀانيائين ته ڪو سندر سپنو ڏسي رهي آهي. يلا ڪٿي پورب، ڪٿي پڇم. هوءَ سوچي نٿي سگهي ته هوءَ ڪو پنهنجي جيون ۾ پنهنجن سپنن جي سپرينءَ کي ڪڏهن ايترو ويجهڙائيءَ کان پسي سگهندي ---- ان اربيلي راول کي، جنهن جي درشن لاءِ سونمياڻيءَ جون وڏيون وڏيون نٽ راڻيون، لڇميون، مانديون هيون، جنهن جي واٽن ۾ "ٺامي" ۽ "سوني" جون نينگريون سجدا گهورينديون هيون، جنهن جي سپني ڪاڻ سهاڳڻيون پنهنجا ڳهڻا ڌرتيءَ ماتا تان گهورينديون هيون. هن پنهنجيءَ جمار ۾ ان سونهن جي سردار کي رڳو هڪ ڀيرو سوني نگريءَ جي هڪ وڏي جشن جي ڏينهن ڏٺو هو. مهاراجا سونيہ پاويہ جي چئن پلن ڍڳن واريءَ سهڻي سڄايل گاڏيءَ ۾ سونيءَ جي لڇمڻ ۽ لڇمين سان گڏ

وينو هو، پوڄل گهر وڃي رهيو هو. تڏهن کان هوءَ مٿس سوء جان سان ٻلهار هئي. اها سهڻي صورت هميشہ هميشہ سندس من مندر ۾ کُپي وئي.

ان رات هن سوني ننگريءَ جي وڏي پوڄا گهر ۾ ڌرتيءَ ماتا جي وڏيءَ مورتيءَ تان پنهجا سمورا ڳهڻا گهوريا، ۽ مها پوڄارڻ کي پنهنجو هٿ ڏيکاريو. مها پوڄارڻ هن جي هٿ جون ريکائون ڏسندي چيو" نينگري، هن ڌرتيءَ تي ديوتا فاني عورتن سان هميشہ پيار ڪرڻ لاءِ لهندا رهندا آهن. پنهنجي ڌڙ جي ستيا ۽ رکيا ڪج، جو تنهنجو ڌڙ هڪ ديوتا جي مُڏي آهي. تنهنجو لکيو هڪ ديوتا سان آهي."

" ديوتا ! " خوشيءَ کان هن جي مٺ پيڙجي وئي، ۽ ان ڏينهن کان هوءَ پاڻ کي ديوتا جي امانت سمجهڻ لڳي، ۽ ان ڏينهن کان هن ڏينهن تائين هوءَ ان ديوتا جون واٽون نهاريندي رهي. هوءَ سوچيندي هئي تہ اهو ديوتا ڌرتيءَ تي ڪڏهن لهندو. ڇا، هن جي جواڻي ائين ئي ميڻ وانگي ٽمڪندي ڳرندي ويندي. هوءَ سوچيندي هئي، اهو ديوتا ڪڏهن ايندو، ڪٿي لهندو. هن جو ا نتظار ڪهڙن ر نگ رتولن ۾ ڪيو وڃي، ڪهڙن جهنگلن ۽ رڻ پٽن ۾ هن کي ڳوليو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ راتين جو بيچين ٿي پاڻمرادو ڳالهائيندي هئي، ۽ پنهنجي ديوتا کي سڏيندي هئي، --- او ديوتا، هاڻي اچ بہ ! ڏس، مان تڙپي رهي آهيان. هيءَ ڌرتيءَ تو بن سنسان آهي. ڏس مون ڌرتيءَ جي سيني شين کي پنهنجي ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏيو آهي، ۽ مون پنهنجي من جا سپ در دريون کولي ڇڏيا آهن، اچ، منهنجي ڪنواري پاڪ ڌڙ کي ڇُهہ ۽ منهنجن نازڪ چپڙن جو امرت پيءُ. مان ايترو ئي پاڪ آهيان جيترو ماءُ جي کک مان نڪرڻ ويل. اي ديوتا، تو کي ڌرتي ماتا جو سوڳنڌ، مون کي وڌيڪ نہ تڙپاءِ، هاڻي لهي نہ آءُ ! هوءَ سڄي رات سُرهي سيج تي پاسا بدلايو پئي تڙپندي هئي... ۽ اڄ اهو ديوتا، الائي ڪهڙن ستارن جي گردش سان، هن جي نجهري نوڙي آيو هو --- ۽ هوءَ اکين ۾ اوڙاهہ پريو، سورهن سينگار ڪريو، پوڄارڻين وانگي هن جي شيوا ۾ بيٺي هئي.

ٻاهر وڏي ورانڊي ۾ پوڄارڻين جهانجهہ ۽ ٿلين تي مڌر سنگيت ڇيڙي ڇڏيو هو، ۽ پوڄارڻ ڪُرتڪا [2] ديجي، ڪوئل جهڙا سريلا آلاپ ڪڍي، پرهہ جو راڳ آلاپڻ لڳي.

" اي ديوتائن جا دادلا، سڄاڳ ٿي !

پرهہ ڦٽي آ،

---

[2] ڪرتڪا : ڪَتين جو ميڙ.

اپ جي نياڻي نماڻي، اُوشا، ڏورانهن ڏينهن مان،
پنهنجي ڀڪندڙ رت تي چڙهي آئي آ،
۽ ڌرتيءَ تي پنهنجا رنگا رنگ ڪرڻا ڦهلائي رهي آ :
ستا، سجاڳ ٿي. ۽ لجوڙيءَ ديويءَ جو درشن ڪر !
" اودشا جي ڇاتي روشن ۽ منهن ڀڪندڙ آ،
سونا وار تجلا پيا ڏين هوءَ مرڪي رهي آ.
جيئن ڪا سندري پنهنجي سپرينءَ کي موهت ڪرڻ لاءِ سورهن سينگار ڪري پنهنجيءَ
سونهن جو اظهار ڪندي آهي :
جاڳ ۽ ديوي جو درشن ڪر !
"جيڪي پرياتيون لنگهي ويون آهن،
۽ اڻڳڻيون پرياتيون جي اچڻيون آهن،
تن جي واٽ وٺي، اوشا ديوي آئي آ،
هن جي ڀڪندڙ مُک سان اونداهي ڀات ٽڙي ٿي،
۽ جي ننڊ ۾ ستل آهن، تن کي سجاڳ ڪري ٿي.
"او سهڻي اوشا ! تون اڻڳڻت جُڳن کان جئري آهين،
تون هر پنيرڪي ويل نئون جنم وٺين ٿي،
تنهنڪري تون ٻڍي ٻہ آهين ۽ جوان ٻہ،
"اڄوڪي پريات اها واٽ وٺي ويندي،
۽ هنيان پوءِ جي پرياٽيون ايندين،
پنهنجي واٽ وٺي ويندين.
پراڻي ڪال ۾ جن ماڻهن اوشا جي واٽ نهاري ٿي،
اهي لاڏاڻا ڪري ويا !
اڄ اسين اوشا جي واٽ پيا پَسيون،
۽ اسين ٻہ لڏي ويندا سون پاتال ڏي،
جتي نہ ڪو ڪم هوندو، نہ ڪار،
جتي نہ وديا هوندي، نہ اوديا،
نہ ڪو ميڙو هوندو، نہ منڊلي :
۽ اسان ڪان پوءِ جي ايندا،

سي ان ديويءَ جا رنگين ترورا پسندا.
" جاڳو، ديويءَ جو درشن ڪريو !
هو ڏسو،
اُشا[3] ديوي تيتري ڪڪڙ وانگي سونو آنو لاهيو،
ڪاڪاريندي پئي وجي :
نئون سج جنم وٺي رهيو آ،
۽ ڌرتيءَ تي روشنيءَ جو سمنڊ پلٽي رهيو آ،
جاڳو، ديويءَ جو درشن ڪريو ! "

جانجهه، ٺلين ۽ جلترنگ جي مڌر لَي تي پوڄارڻ جو آلاپ گونجندو رهيو. مهاويد لڇمڻ آتم تارا جي پيرانديءَ کان بينل شيوا ديجيءَ جو سجو ڏڙ اهليو ٿي ويو ــــ جڻ ته راڳ پوڄارڻ جي نه، هن جي روح مان ريلا ڏئي پئي نڪتو. تڏهن، نندڪي لڇمڻ آتم مَسين مسين وجي آرس ڀڳو ۽ جانجهه ۽ ٺلين جي مڌر سنگيت تي پاسا ورائيندي اک پٽي. هوريان هوريان، هڪ حسين پدمڻيءَ جو ڊنڊليل پاڇو، سپني جي ڪنهن اپسرا وانگي اجاگر ٿيندو، سندس اکين ۾ ڪپي ويو. هو ڪيتري دير تائين ان سونهن جي ديويءَ کي ڏسندو رهيو. تڏهن ان پدمڻي نينگر پنهنجا پونر نيڻ کولي، گهائيندڙ گهُور وجهي، ڏاڍي تپسيا سان هٿ ٻڌي، ٻڄندڙ آواز سان چيو: " ٿامي جي مهاويد لڇمڻ آتم تارا کي واهوندي وستيءَ جي مکيءَ پنداري سمبارا جي وڏور ڌيءَ، شيوا ديجي، پرنام ڪري ٿي. " هن جو آواز ايڏو ته منو ۽ سريلو هو، جڻ ته ڪنهن پوڄارڻ جلترنگ ڇيڙي ڇڏيو. لڇمڻ آتم تارا موهجي، ٻانهون ٻڌي، اکين ۽ ڪنڌ جي اشاري سان ڪيس پرنام ڪيو. شيوا ديجيءَ وري پنهنجو ڪنڌ لڇمڻ جي آگيا ۾ جهڪايو، ۽ پوءِ ادب سان پنيري هلندي، در جي سامهون ٽنگيل ٿالهه جهڙي ٿامي جي گهنڊ تي ڏونڪو هنيائين. گهنڊ جي مڌر آواز جي گونج سان ئي، چار اڇين ساڙهين ۾ ويڙهيل ديوداسيون، هٿن تي وڏا ٿالهه کنيو --- جن تي تيل، ميٺ، سرهاڻ ۽ اوچو وڳو رکيل هو ---- اندر آيون ۽ مهاويد آتم تارا جي اڳيان نهايت ئي ادب سان ڪنڌ جهڪائي، گوڏن ڀر ٻينيون. انهن جي پنيان ئي، راتوڪي سٻاجهي منڊ، ڏاڍي ادب ۽ ٻاٻوهه سان اندر آئي، ۽ سندس اڳيان ٻانهون ٻڌي، وڏو سجدو گهوريندي چيائين :

---

[3] اُشا جي استتي جا سلوڪ رگويد مان ورتل آهن، رگويد منڊل پهريون

" اي ديوتائن جا دادلا، ٻانهي سوشاما ديجي تو کي پرنام ڪري ٿي. تيل، ميٽ ۽ سرهو پاڻي تيار آهي، اٿي تيل ميٽ ڪري توانو ٿي."

مهاويد ٻـ ڪيس ٻانهون ٻڌي پرنام ڪيو، ۽ اٿي ڪڙو ٿيو. چارئي ديوداسيون ادب سان اٿي بيٺيون ۽ ڪنڌ جهڪائي سندس پنيان هلڻ لڳيون.

وهنجي سهنجي واندو ٿيڻ کان پوءِ، مهاويد آتم تارا کي اشنان گهر جي اڳيان تڙڪي تي رکيل هڪ اوچي آسڻ تي ويهاريو ويو. سوشاما ديجي سندس ڪارن، ڪلهي تائين لڙڪندڙ وارن تان ڦڻي گهمائي، ۽ سندس اکين ۾ سرمو وڌو، ۽ مٿانس سرهاڻ جي ورڪا ڪئي، ۽ سندس سونيءَ تي چمڪندڙ ڳاڙهي موتيءَ کي چمي، سندس مٿي تي سجائي رکيو. مهاويد آتم تارا آنهريءَ ۾ چڱيءَ طرح پاڻ کي جانچي ڏٺو.

ان مهل هڪ مهاپرش آيو، جنهن جي مٿي تي مُڪين وارو سونو ڇٽ ٻڌل هو. سندس اڳيان وڏا سجدا گهوريندي چيائين :

" اي ديوتائن جا دادلا، تنهنجو ٻانهو، مُکي پنداري سمبارا تو کي پرنام ڪري ٿو. وسنديءَ جا سڀ مهاپرش ۽ منڊيون تنهنجي درشن لاءِ آيا آهن. هل ۽ پنهنجي سڀاجهي هٿ سان کين آشيرواد ڏي."

مهاويد ڪيس، پرنام ڪيو، ۽ آسڻ تان اٿي ايو ٿيو. هن جي اٿڻ سان سڀ ديوداسيون ۽ پوڄارڻيون جهڪي ويون. مهاويد هڪ ڪلهي وارو، وڏو ڦلڦلو پرٽ پريل، گهيردار وڳو لوڏيندو، پنهنجيءَ سهڻيءَ لچمڻ واريءَ لوڏ سان مکيءَ جي پنيان هلندو، ٻاهر وڏي سجايل ورانڊي ۾ آيو، جتي وسنديءَ جا سڀ وڏ گهراڻا سندس درشن لاءِ گڏ ٿيا هئا. سيني ڪيس ڏسي ٻانهون ٻڌي، وڏا سجدا گهوريا. مهاويد پنهنجي سوني ڪڙي واري ٻانهن مٿي ڪڻي، کين آشيرواد ڏنو : " اوهان سيني تي ڌرتي ماتا جي ديا هجي ! آءُ تامي جو ويچ، آتم تارا، اوهان سڀن کي پرنام ڪريان ٿو."

سيني وسنديءَ وارن سجدي مان ڪنڌ مٿي ڪيا، ۽ هڪ آواز ٿي چيائون :

" اي ديوتائن جا دادلا، تو کي پرنام !
اي ڌرتيءَ جي اسرارن جا ڄاڻو، تو کي پرنام !
اي سونمياڻيءَ جا وڏ – گهراڻا، تو کي پرنام !"

مهاويد لچمڻ آتم تارا، وري هٿ مٿي ڪڻي، کين آشيرواد ڏنو. مهاويد کي سيني کان اوچي آسڻ تي ويهاريو ويو، سڀ وسنديءَ وارا، مڙس توڙي زالون، پوڄارڻيون توڙي پوڄارا، پنهنجي مهاويد جي سڀاجهي صورت ڏسيو نٿي ڍاپيا. شيوا تہ پري پري کان بيٺي ٻلهار

پئي وئي. مهاويد سيني سان گڏجي مکڻ ماني، گيهه ۾ چِلها روٽلا، ماکيءَ ۽ طرحين طرحين جي مناين سان نيرن ڪئي، ۽ ڪجھ دير تائين پاٺ ۾ روح رهاڻ ڪيائون.

ان ڏهاڙي مهاويد وسنديءَ جي مها پوڄاريءَ، پوين ۽ پاڙهن سان گڏجي، ڪيترن بيمارن کي ڏٺو، جي سندس اچڻ جو ٻڌي ڪتان ڪتان کَھي آيا هئا. مهاويد سيني کي چڱيءَ طرح ڏٺو، ۽ مهاپوڄاريءَ ۽ پاڙهن کي انهن جي ستيءَ ڦڪيءَ جا ڏس ڏنا. ان شام سڄيءَ وسنديءَ ۾ پڙهو گهمايو ويو ته اڄ رات مهاويد لڇمڻ آتم تارا جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ پوڄا گهر ۾ جشن ملهايو ويندو.

سنڌيا ويل سڀ وسنديءَ وارا مهاويد آتم تارا جي خوشيءَ جو جشن ملهائڻ لاءِ، اوچا وڳا پهري، مکي پنداري سمبارا جي رتول آڏو گڏ ٿيا. جيسين مهاويد پوڄارٽين ۽ پوڄارن جي ساٿ سان ٻاهر نڪري، تيسين وسنديءَ وارا ٻاهر ميڙو مچايو وينا هئا. وسنديءَ جي حسين نينگرين وڏن گهيردار پڙن کي لمڪا ڏيو پئي ناچ ۽ ناڏ ڪيا. دهلارين دهلن سان گڏ پئي جهمر پايو ڌمال هنئي. سارو وايو منڊال ڇيج ۽ چمڪارن، ڪيچ ۽ کلڪارين جي آوازن سان گونجي رهيو هو.

گهڻيءَ دير کان پوءِ، جڏهن مکيءَ جي رتول جي وڏي در جي ڏاڪن تان هيٺ ۽ اڇن وڳن ۾ ويڙهيل پوڄارا ۽ پوڄارٽيون هٿن ۾ ٻرندڙ اماڙيون کنيو، سنک، ڍنڍ، ٿليون، جانجهه، چنگ ۽ ڪماچ وڄائيندا ٻاهر آيا ته انهن جي پٺيان ئي مهاويد آتم تارا، مها پوڄاري، مکي پنداري، سوشوما ديجي ۽ شيوا ديجي ڏسڻ ۾ آيا. مهاويد جو درشن ڪندي ئي جيکي ماڻهو جت سو تت پنڊ پهڻ تي ويو، ۽ سيني گوڏن ڀر ٻيهي، ٻانهون ٻڌي ڪيس پرنام ڪيو. مهاويد آتم تارا ٻانهن مٿي ڪري ڪين آشيرواد ڏنو. مهاويد کي هڪ جهاڻ ۽ جهولڻن سان سينگاريل پونيءَ تي ويهاريو ويو، ۽ سڀ وسنديءَ وارا ساڻس گڏجي پوڄا گهر وڃڻ لڳا. سيني کان اڳيان مها پوڄاري هو. ان جي پٺيان پوڄارن ۽ پوڄارٽين جو هڪ وڏو جٿو، انهن جي پٺيان اکو ٻڌل، نيري ستارن جڙيل شال ۾ ويڙهيل شيواديجي ۽ سندس سرتيون، ان جي پٺيان پونيءَ تي ويٺل مهاويد، ان جي پٺيان مکي پنداري ۽ سوشاما ديجي، ۽ انهن جي پٺيان سڀ وسنديءَ وارا هڪ قطار سان هلي رهيا هئا. رات جي سانت ۾ اهو سمورو ساٿ ستارن پرئي سر ڳڏام جي هيٺان، ڍنڍ، ٿلين، چنگ ۽ ڪماچ جا مڌر آلاپ ڇيڙيندو، نهايت ئي تپسيا سان ٻانهون ٻڌيو پوڄا گهر ڏي وڌي رهيو هو.

وسنديءَ کان پريرو، هڪ وڏي مٿانهين دڙي تي، پوڄا گهر جون ديوراون ٻڌل هيون، جنهنجي چوڌاري ميويدار وڻن جا جُهنڊا ۽ ساوا سُڪاريا ڪيت سدائين پيا لهرائيندا هئا.

پوڄا گهر جي اوچين ديوارن جي اندر ئي وڏا مٽيءَ جا بت رکيل هئا ؛ هڪ ڌرتي ماتا جو، هڪ شو مهراج جو، ۽ هڪ بيل ديوتا جو. پوڄا گهر جي چوڌاريءَ اوچين پٿين تي بک ۾ پاھ يوگين، پولڙن، نانگن، وڻن ۽ جيو آتما جي ول اسرڻ جون رنگين مورتيون اُڪريل هيون. ڌرتي ماتا جي وڏي بت آڏو ناچ لاءِ هڪ وڏو نيرو، چلڪندڙ گول پنڊال هو ۽ ٻاهران وڏا گهنڊ ۽ سنگ ٽنگيل هئا، جن جو گنڀير ۽ مڌر پڙالو سدائين رکي رکي پيو گونجندو هو.

ان رات سڄو پوڄا گهر پور نماسي رات جيان چوڌاريءَ ڏيئن ۽ ميڻ بتين جي روشنيءَ سان جڳمڳائي رهيو هو، ۽ سڀ وسنديءَ وارا وڏي بت آڏو ڪنڌ جهڪائي بيٺا. سڀني ڪان اڳيان، وڏي پنڊال تي، مهاپوڄاري ۽ ان جي پٺيان مهاوِيد بيٺا هئا. پوڄا گهر جا سڀ گهنڊ هڪ ئي وقت ڏانگ.....ڏانگ.... ڏانگ ڪري گونجڻ لڳا. مهاپوڄاري وڏي ڌرتي ماتا جي وڏي بت ڪي ڳگر ۽ لوبان جو واس ڏنو. سڄو پوڄا گهر رنگين، خوشبودار دونهين سان واسجي ويو، ۽ جيئن ئي گهنڊن جو پڙالو سانت جي سير ۾ ٻڏي ويو، مهاپوڄاري جو گنڀير گڙ گڙائيندڙ آواز پوڄا گهر ۾ گونجڻ لڳو،

" او ڌرتي،

" او ماتا وڌاتا،

" اڄ تنهجن جي اسرارن جو ڄاڻو، سڀني ديوين ۽ ديوتائن جو دادلو، شڪتيءَ ۽ مڪتيءَ جو ڏٺي، مهاويد آتم تارا، سڀاڄها پير پري اسان جي اڱڻ آيو آهي. ان خوشيءَ ۾ جشن ملهايو ويندو. وسنديءَ جي سڀ ڪان سهڻي نرتڪي نينگري لڇمي شيواديجي، اڄ سونمياڻيءَ جا مهاراجا سونيءَ پاويءَ جو انعام ۾ ڏنل نٽ راڻين وارو وڳو پهري تنهنجي آڏو نچندي، جو تون سڀني ديوين ۽ ديوتائن کان سڀاڄهي پلاري، ۽ اسان کي اوڏي آهين، جو تنهنجي مهر جي مهراڻ جي ٿڃ ٻارهو اسان لاءِ جاري آهي، جو تنهنجا گيت اسان لاءِ سدا ساوا ۽ سڪاريا آهن، جو اسان جي سرير جا پنوڙا تنهنجيءَ مٽيءَ مان ڪچيا آهن ۽ تنهنجي مٽيءَ ۾ ملي ويندا. او جنم ورني، جنم يوني، او ڌرتي، او ماتا وڌاتا، سڀ پوڄا ۽ پڙلاءَ تولاءِ آهن. اسين سڀ تو کي سجدو ڪيون ٿا.

ڌرتي ماتا کي سجدو ڪريو

ڌرتي ماتا کي سجدو ڪريو. "

سڄو پوڄا گهر پوڄارن ۽ پوڄارڻين جي سريلن آوازن سان گونجي ويو. پوڄا گهر جا سڀ گهنڊ هڪ ساٿ زور سان ڏانگ... ڏانگ ڪري وڄڻ لڳا. مهاپوڄاري جي پٺيان

مهاويد، سڀ پوڄارا، پوڄارڻيون ۽ وسنديءَ وارا گوڏن ڀر ويهي، ٻانهون ڦهلائي، ڌرتي ماتا اڳيان وڏا وڏا سجدا گهورڻ لڳا، ۽ هوريان هوريان گهنڊن جو آواز ڌيمو ٿيندو ويو.

مهاپوڄاري وري اتي ڌرتي ماتا کي رنگين خوشبو هاٿي دونهين جو واس ڏنو. ان کان پوءِ ٻاهر وڏي گهنڊ جا ٽي ٺڪاءَ لڳا. سڀ وسنديءَ وارا پوڄا گهر جي وچ واري جاءِ ڇڏي، پوڄا گهر جي چوڌاري ديوارن سان لڳل ڏاکن تي وڃي ويٺا. مهاويد آتم تارا کي وچ ۾ هڪ اوچي آسڻ تي ويهاريو ويو. پوڄارڻين پنهنجي هٿن وارين ٻرندڙ اماڙيون ڌرتي ماتا جي اڳيان وڏي گول پنڊال جي چوڌاري روشندانن ۾ ڪوڙيون ۽ سارو پوڄا گهر ديوداسين ۽ پوڄارڻين جي سريلن سازن جي مڌر سنگيت سان گونجي ويو، تڏهن ڇير جي ڇم ڇم جي مڌر آلاپ تي، اکو ٻڌل، نيري ستارن جڙيل شال ۾ ويڙهيل شيوا ديجي ٻيچين تي اُٿي. پوڄارڻين سندس پيرن ۾ نورا ٻڌا، ۽ هوءَ ڍيل وانگي هلندي، ڇم ڇم ڪندي، گول، لسڙي، اپ جيان چمڪندڙ نيري پنڊال تي ڌرتي ماتا آڏو آئي. سڄي پوڄا گهر ۾ سانت ڇانئجي وئي، رڳو رکي رکي ڇير جو آواز گونجي رهيو هو. شيوا ديجي ڪيتري دير تائين ڌرتي ماتا ڏي منهن ڪيو، گوڏن ڀر، تپسيا سان ويٺي رهي. پوءِ هن ٻئي ٻانهون ڪنڌ جي پٺيان ورائي، اکي جا سڳا ڪوليا ۽ ڪلهن تان شال هيٺ سرڪائي ڇڏي، جا سندس حسين سينگاريل پنيري ڌڙ تان سو سو سجدا گهوريندي، هيٺ پيرن ۾ اچي پئي، ۽ هن وچ جهڙي وراڪي سان پنهنجو منهن سامهون ڪيو. جيڪو ماڻهو جت، سو نت پنڊ پهڻ ٿي ويو. مهاويد آتم تارا ٻه اڇرج سان ڏانهنس نهاريندو رهيو. هوءَ ڪنهن سوني پتليءَ جيان سندس آڏو ويٺي هئي. ٻوٽيل پنبڻين تي سورن وزني پاٽيٺ جو جڙاءُ، نرڙ تي ڳاڙهو تلڪ، سينڌ ۾ سندور، ڳُڊيل وارن ۾ سونا ڦل، هڪ ٻانهن ۾ نونڻ کان ڪلهي تائين سوني ٻانهين، ٻي ۾ ڪنگڻ، ڳچيءَ ۾ موتين جون مالهائون، ٻَلي جي چلرن جهڙي سوني چمڪندڙ پولڪا[4] سان ڍڪيل اُرهه، ڳاڙهن موتين جي مالائن ۽ سَرن سان وڏو گهيردار سونهري پڙو -- ائين ئي لڳو، ڄڻ اوچتو ڪا چنڊ جي ديوي سهائي سر ڳُدام مان نهي ڌرتي تي آئي هجي. سازن جو آواز هوريان هوريان مٿي اُڀرندو ٿي ويو ۽ ان سان گڏ ئي هن جي ڌڙ ۾ ڄڻ ساهه ڦوڪجڻ لڳو. هن جون ٻانهون هوريان هوريان پنهنجي ٻولائتي ڌڙ جو ڪاڇو ڪنديون، ڪوراڙ ٻلائن جي جوڙي وانگي وٽ ڪائينديون، مٿي ڪجي اُڀيون ٿي ويون ۽ هن جي ٻَلي جي چلرن جهڙي پولڪا ائين تجلا ڏئي رقڻ لڳي، ڄڻ بينل پاڻيءَ تي

---

[4] پولڪا : انگي

چنڊ جا ترورا ڏکي رهيا هجن، ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هن جو سڄو ڌڙ ڏکڻ لڳو، پير پٽ سان نٽي لڳس. جڻ ڪا وڄ هئي، جا سندس سنڌ سنڌ ۾ وراڪا ڏئي رهي هئي. هوءَ سازن جي مها ساگهر لهرن جي وهڪري ۾ هڪ ناءُ جيان جُهلندي، لڙهندي، اُڀرندي ٽي وئي. هوءَ ڪيئن پيرا پنڊال ۾ بيسڌ گهايل ٿي ڪري ۽ نانگڻ وانگي وٽ ڪائيندي اُٿي وئي. هن ڪئين پيرا اکين جا تير ٿاهيا، ڳيراٽيءَ لاءِ ٻانهون ڦهلايون. هن ڪئين پيرا پنهنجو سر گهوريو ۽ تپسيا سان ٻانهون ٻڌيون ۽ پنهنجو تن من آڇيو ۽ رنل پرينءَ کي پرچائڻ لاءَ لوهون پاتيون. هن جي ناچ جي هڪ هڪ ادا سمجهه ۾ پئي آئي، جڻ چئي رهي هجي :

' تون ديوتا، مان داسي،
مان تنهنجي پوڄا ڪندس :
مان تو تان گهوري ويندس.
' هيءَ منهنجي سونهن سروپ، منهنجو جوڀن،
هي منهنجا هار سينگار سڀ تولاءِ آهن.
تون جي ايندين منهنجي دوار، مان نورا ٻڌي نچندس :
مان تو تان گهوري ويندس،
' تون جي مونکي ڇڏي ويندين،
مان جوڳڻ ٿي تنهنجي ڪڍ لڳندس،
جبل جهاڳيندس،
وڻ وڻ کان واڪا ڪري تنهنجو ڏس پڇندس :
مان تو تان گهوري ويندس.
' تون ديوتا، مان داسي، مان تنهنجي پوڄا ڪنديس :
مان تو تان گهوري ويندس.'

هوءَ بيسڌ نچندي رهي، نچندي رهي، ايستائين جو هن جو سڄو ڌڙ پگهرجي ويو. هوريان هوريان سازن جي وهڪ مانيٺي ٿيندي وئي، ۽ نرتڪي هڪ وڏي ڇيڪلي پائي، پنهنجن ئي پيرن جي ڏانوڻ سان وٽ ڪائيندي، ڌرتي ماتا جي وڏي بت اڳيان، پنڊال تي وڃي ڪري.

ڊانگ --- ڊانگ --- ڊانگ پوڄا گهر جا سڀ گهنڊ هڪ ئي وقت وڄڻ لڳا. گهنڊن جو پڙلاءَ بند ٿيندي ئي شيوا ديڄي پنڊال تان پنهنجو منهن مٿي ڪنيو. ٻانهون ٻڌي، پويان پير پري، ڌرتي ماتا جي وڏي بت آڏو وڃي بيني ۽ ٻانهن مان سونو ڪنگڻ لاهي، ڌرتي ماتا جي

چرنن ۾ رکيائين. سندس پنيان ئي مهاپوجاري پنڊال تي آيو ۽ پنهنجي ڳوري آواز سان چيائين، " اي نرتڪي نينگري، اڄ جي رات سڀ ديويون ۽ ديوتائون تو مان خوش آهن. اڄ جي رات ڌرتي ماتا جي ديا جا سڀ در تو تي کليل آهن. وڏي واڪ گهُر جو گهرڻو اٿئي. اڄ جي رات تنهنجي هر منتا پوري ٿيندي."

شيوا جهڪيل منهن مٿي ڪري، ڌرتي ماتا جي مُک ڏي نهاريو ۽ ٻئي هٿ ٻڌي اُتي بيني. هن جي من چاهيو ته ڌرتي ماتا کان هوءَ پنهنجي من مندر جي ديوتا جو دان گهري، پنهنجي سپنن جي سهاڳ ۽ پنهنجي پريم جو نالو ڳهي. هن جا چپ کليا، پر هن جي اندر جي ناريءَ، لڄ شرم ۽ حيا جي ڌاڳن سان هن جا چپ سبي ڇڏيا. هن ڌرتي ماتا کان ڪجهه به نه گهريو، رڳو مُنهن ڦيرائي ٻانهون ٻڌي، گول پنڊال تان هلندي، آتم تارا آڏو آئي، ۽ هن جي آڏو ڪجهه دير بيهي پنهنجو سيس نمايائين. آتم تارا به ٻانهون ٻڌي ڪيس پرنام ڪيو. مهاپوجاري ۽ سڀ پوڄارڻيون ۽ پوڄارا ڏانهنس نهارڻ لڳا. مهاپوجاري پنڊال تان هلندو، ڌرتي ماتا جي وڏي بت جي سامهون ويو، ۽ گوڏن پر ويهي، ٻانهون ڦهلائي چيائين، " او ڌرتي، او ماتا وڌاتا ! ان نرتڪي نينگريءَ جي من جون مرادون پوريون ڪج، جو تون سيني جي منتا پوري ڪرين ٿي. او ماتا وڌاتا، ان نرتڪي نينگريءَ تو کان ڪجهه به نه گهريو. او ماتا وڌاتا، پنهنجن پوڄارن تي سدائين ٻاجهه ٻيلائي ڪج. اسين سڀ تو کي سجدو ڪيون ٿا." ائين چئي، مهاپوجاري وري ڌرتي ماتا کي واس ڏنو. سارو پوڄا گهر وري رنگين دونهين سان واسجي ويو، سڄو پوڄا گهر پوڄارن ۽ پوڄارڻين جي سريلن هو... هو... هو جي آوازن سان گونجي ويو. پوڄا گهر جا سڀ گهنڊ هڪ ئي وقت وڄڻ لڳا. آتم تارا ۽ سڀ وسنديءَ وارا، مهاپوجاري جي پنيان، ڌرتي ماتا آڏو ٻانهون ڦهلائي، وڏا سجدا گهورڻ لڳا. گهڙيءَ دير کان پوءِ اهو سمورو ساٿ، اماڙين جي روشنيءَ ۾، ساڳي ريت واپس موٽيو.

Gul Hayat Institute

2

جشن واريءَ رات گهر گهر ديپ جلندا رهيا. ماڻهو شيوا جي سونهن جي ساراهه مان ڍاپيا نٿي. جت ڪٿ شيوا ۽ سندس ناچ جي پچار هئي. شيوا پنهنجي هار سينگار واري سجايل ڪوٺيءَ ۾، سرتين ۽ جيڏين جي وچ ۾، وڏي آنهريءَ آڏو ويٺي هئي. سرتين سندس ڏڙ تان سونمياڻيءَ جي مهاراجا وارو سون ورتو وڳو لاهي، ڪيس نيرو ڪارن جڙيل پولڪا وارو گج پهرايو ۽ ڪيس نوان سينگار ۽ سوڻ ساٽ ڪيا ۽ سندس سونهن سروپ جا ڳيت ڳائڻ لڳيون.

" شيوا، تون شام جي ديوي سنڌيا وانگي حسين آهين.

" تنهنجون ڪجليون چيراليون اکيون، تنهنجي گلاب جهڙي مکڙي تي پونرن جي جوڙي جيان ٽيون لڳن.

" او شيوا، تنهنجا اُرهه پلي سوئا تاريلي ڳاءِ جي اوهه انگي پريور آهن.

" تنهنجون ٻانهون ڪوراڙ ٻلائن جو جوڙو آهن.

" جڏهن تون نيرو گج ۽ پڙو پائي، سينگار ڪري، ڏيل وانگي اوچو ڳاٽ ڪري هلين ٿي، تہ مکي ٻيلي جي مورن جي مهاراڻي لڳين ٿي.

" جي سوم ديوتا تنهنجي چپن جو امرت پئي تہ الوٽ ٿي وڃي."

شيوا آنهريءَ ۾ ڏاڍي موهه سان نهاريو ۽ لجوڙيءَ مرڪ سان چيائين،

" سرتيون، چا سچي بہ مان ايتري حسين آهيان؟ "

" ها شيوا، تون ساٺوڻ جي سپت سنڌوءَ جيان حسين آهين. اوشا ۽ سنڌيا جي تو کي ڏسن تہ پروشٽيءَ [5] ۽ ستادرو [6] وانگي تنهنجو پاٽي پرين. او شيوا، تون ڪنوار جا سينگار ڪري، جج جي وهڪري سان جنهن جاءِ بہ ويندينءَ، اها جاءِ خوشين جي ڦلواڙي ٿي ويندي."

شيوا آنهريءَ ۾ پاڻ کي چڳيءَ طرح جانچن کان پوءِ اٿي کڙي ٿي، ۽ ساهيڙين سان گڏجي ماءُ ۽ پيءُ جي ڪمري ۾ آئي، جي هڪ نوڪلي ڪوٺيءَ ۾ ويهي پاڻ ۾ ڳالهائي

---

[5] پروشٽي : راوي ندي

[6] ستادرو : ستلج ندي

اهي ٻئي نديون سنڌوءَ جون پرتي ڪنڌڙ شاخون آهن. رگويد جي رشين سپت سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ ندين کي سنڌوءَ جون پاٽي پرينڌڙ ٻانهيون ڪوٺيو آهي.

رهيا هئا. ماءُ ڪيس ڏسي سندس سر تان ٻانهون گهوريون ۽ هڪ ٽامي جي چمڪندڙ ٿراڪڙيءَ تي ڪيس کير جو ڀريل پيالو رکي ڏئي چيائين، " شيوا، وڃ هيءُ کير مهاوير کي پياري اچ " شيوا ماءُ کان ٿرا ڪڙي ورتي، ماءُ ۽ پيءُ جي آڳيا ۾ ڪنڌ جهڪايو ۽ ٿرا ڪڙي ڪٽي. ڏڙڪندڙ دل سان، مهاوير جي ڪوٺيءَ ڏانهن وڃڻ لڳي. سڀ سرتيون ڪيس مهاوير آتم تارا جي ڪوٺيءَ ڏانهن پنيرو ويندو ڏسي ريساريِن نظرن سان مرڪڻ لڳيون.

شيوا هيڪل رتول جي رنگين ورهاڱڻ جي لسڙي فرش تان پوچارا پير پريندي، پنهنجي من مندر جي ديوتا جي شيوا ۾ وڃي رهي هئي، جتي سرير ۽ آتما نرواڻ هئي، جنهن کان پوءِ هي سارو جيون، ساري هلچل، هيءُ سارو ڏيک ويک، هي ساز ۽ سنگت هڪ مونجهارو هو، هڪ مانڊاڻ هو، هڪ منجهدار هو، جنهن ۾ هوءَ ان ناءُ جيان ٻڏتر ۾ هئي جنهن جو ناکئو نه هو، نه ڪو مانجهي نه هو. ها، ها..... پريم بنا هي جيون ٻي معني آهي، سراپ آهي، جنهن جي ڪائي ڪنڌي ڪانهي، ڪو اٿاهه ڪونهي، ڪو انت ڪونهي. پريم ديهه [7] جو سڀ کان وڏو ڌرم آهي. پر هن جي من مندر جو ديوتا اڄا گهريءَ ننڊ ۾ الوٽ هو. هن سوچيو، اڄ هوءَ پنهنجي من جي ديوتا کي جاڳائڻ لاءِ پيار جو سنگ وڄائيندي، هن کي جاڳائيندي، ۽ هن جي چرنن ۾ پيار جا املهه ماڻڪ موتائي ڇڏيا ته پوءِ ڇا ٿيندو، ڇا ٿيندو؟ انهيءَ ٻڏتر ۾ جڏهن شيوا کير جو ڀريل پيالو ٿرا ڪڙيءَ تي ڪٽي آتم تارا جي سجايل ڪوٺيءَ ۾ پير رکيو، ته سيج تي ليٽيل آتم تارا ڪيس ڏسي هڪدم اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ ٻانهون ٻڌي ڪيس پرنام ڪيائين.

" پرنام، " شيوا چيو، ۽ پوڄارڻين جيان تپسيا سان هلندي اچي، سندس آڏو گوڏن ڀر ويٺي. هن جو ڪنڌ جهڪيل هو. آتم تارا ڏاڍي موهه سان ڏانهنس نهاريندو رهيو.

" شيوا، مون چيٽ جي چاندوڪيءَ ۾ مور کي ناچ ڪندي ڏٺو آهي، ۽ سدا ائين ڀائيندو هوس ته مور نرت جو انت آهي. پر تنهنجي سونهن ۽ ناچ ڏسي ڀانيان ٿو ڪلا جو ڪو انت ڪونهي. سچ، تون سپنن جي اپسرائن کان به سندر آهين. " شيوا ڏٻيل جيان ڪنڌ مٿي ڪٽي، گهائل مدماتن نيڻن جي گهور سان نهاري چيو، " مهاوير، ناچ سرير جي ڪويتا آهي،اندر جي اُپام، بن ۾ مور نچندو آهي، ڪنهن لاءِ نچندو آهي، اِيءُ رڳو مور ڄاڻي ٿو، مان هنيان اڳي ڪڏهن به ائين سڌ ٻڌ ڪوئي نه نچي هيس، سنگيت جي وهڪري ۾ ڪڏهن ائين نه لڙهي هيس." هوءَ واجهه وجهندڙ گهور سان آتم تارا جي ڪڪوريل نيڻن ۾

---

[7] ديهه : جسم

نهارڻ لڳي. آتم تارا جي اکين ۾ بيچيني هئي. ٻنهي جي سوچ بيهي وئي هئي ۽ ٻئي هڪٻئي جا ڳجهه ڳولڻ لاءِ هڪٻئي جي اکڙين ۾ کوئجي ويا --- اکڙيون جي دل جي زبان آهن، اکڙيون جي اندر جي آنهري آهن. شيوا جي مکڙي تي جڻ پرهه جا پاڇاوان پئي پيا، ۽ نيٺ هن آتم تارا جي سچ جيان ڀهکندڙ صورت جو تاءُ نه جهلي، ڳاڙهي کنڀهي تي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. آتم تارا ٻنهه سندس ويجهو آيو ۽ جهيڻي آواز سان چيائين، " شيوا، مان سياڻ سون ساٿيهه رمندو ٿيندس، هي جشن جي رات، تنهنجو ناچ، هي تنهنجا وشال نيڻ ڪڏهن نه وسرندا. سچ، من ته ائين ٿو چاهي ته جيون جي هر موڙ تي، چيٽ جي چاندوڪين ۾ تو کي پسندو رهان. " شيوا جڻ اچانڪ سپنو ڏسندي ڏسندي ڇرڪ ڀري جاڳي پئي هئي. ڏاڍي پيڙا سان چيائين،

" اوه راجاڻ، اجا ته اوهان جي صورت ڏٺي اسان جون اکيون ٻه نه ٺريون، اوهين وڃڻ جون ٿا ڪيو. ايءُ ته سپنو ٿيندو."

" ها شيوا، هي جيون ڏک سک جو سپنو آهي. مون کي وڇڙو پوندو. مان وڏو مام پروڙي آيو آهيان،"

" اوهان وس وارا آهيو. پلا ديوتائن تي ڪنهن جو وس هليو آهي؟ " شيوا گهائل ٿي، ڪنڌ جهڪائي، سندس آڏو کير جي پيالي واري ترا ڪڙي وڌائي. آتم تارا ٻه چار ڍڪ ڀري پيالو وري ترا ڪڙيءَ تي رکيو. ٻنهي جون نظرون وري ٽڪرايون. شيوا وري سندس آڳيا ۾ ڪنڌ جهڪايو، ۽ پنيرن پيرن سان سندس ڪوٺيءَ مان نڪري وئي.

ان رات شيوا ڪنهن سان ٻه نه ڳالهايو. ماءُ، سرتيون، آتڻ – هاريون، سڀ وائڙيون ٿيو ڏانهنس نهاريندي رهيون. هوءَ چپ چاپ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هلي وئي.

ان رات هوءَ ساري رات سيج پلنگ تي سوڙين ۾ ڪروٽ موڙيندي رهي. اهو سندر سپنو جو هوءَ ڏسي رهي هئي، سرجي سرجي ٽٽي ويو. سڀ آشائون اُمنگون هٿ مان ڇڏايل ٽانڪئي آنهريءَ جيان ڪري چڪنا چور ٿي ويون. هوءَ ساري رات سرهيءَ سيج تي تڙپندي رهي، سوچيندي رهي.

' هي سپنا ڇو ٿا سرجن، هي ديوتا فاني عورتن سان پيار ڪرڻ لاءِ ڌرتيءَ تي ڇو ٿا لهن. هن جي سپنن جو سپرين ايڏو جلد هليو ويندو، هوءَ وري ان راول کي ڪڏهن پسندي کهڙين چيٽ جي چاندوڪين ۾ ويل ڪانڌ وري ڪڏهن واهر ڪندو. اجا ته هن پنهنجي ديوتا جي چرنن ۾ ڪري انت ٻه نه پاتي. اجا ته هن پنهنجي پريم کي چيڙن جو امرت ٻه نه پياريو. اجا ته هن پنهنجي ارڏي سپرينءَ جي نيڻن جي پاڻ کان گهائل ٿي پاڻ کي هن جي جهوليءَ ۾

Gul Hayat Institute

نہ وڏو. اجا تہ، هوءَ ڳل ڳيراتي پائي، پنهنجي من مندر جي ديوتا جي ڳچيءَ جو هار بہ نہ بڻي. اجا تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو. هو ايڏو جهٽ هليو ويندو. هاڻي..... هوءَ ساري رات سوچيندي رهي، تڙپندي رهي. ان ڏهاڙي مکيءَ هڪ جوپ جواڻ کي سوني جي مهاراجا ڏانهن ريبارو ڪري موڪليو.

هر شي جڻ ننڊ ۾ الوٽ ٿي وئي هئي، تڏهن رڳو اُماڙين جي جهيٽيءَ جوت ۾ ڌرتي ماتا جي وڏي مورتي جاڳي رهي هئي. ماتا جي پيار ۽ پيڙا سان پريور، ننڌاکڙي، اوجاڳيل، آدجڳاد جي سوچن ۾ ٻڏل، جڻ سوچي رهي هئي : هاڻ هن وٽ کهڙا سک جا سپنا آهن، جن جي هوءَ پنهنجن پوڄارين تي ورکا ڪري. سڄي پوڄا گهر ۾ هر طرف سانت ۽ سوچ پکڙي پئي هئي.

ان ويل، رات جي نوائيءَ ۾، چار اُماڙيون، چپر ڪٽ وانگي، وسنديءَ جي سنسان گهٽين مان، ٽانڊاڻي جيان روشنيءَ جا ترورا ڦهلائيندي، پوڄا گهر ڏانهن وڌي رهيون هيون. اهي چارئي اُماڙيون ڪير جهڙن اڇن وڳن ۾ ويڙهيل ديوداسين جي هٿن ۾ هيون، ۽ انهن جي وچ ۾، شيوا، نو ورنيءَ ڪنوار جيان سينگار ڪريو، تپسيا سان ٻانهون ٻڌيو هلي رهي هئي. سندس موتين جڙيل ڳاڙهو ڳچ اُماڙين جي روشنيءَ ۾ چوڏهينءَ جي رات جيان چمڪي رهيو هو.

پوڄا گهر ۾ اچي پيشوا ناچ جي ڳول نيري پنڊال تي بيٺي، چارئي ديوداسيون هن جي چوڌاريءَ هڪ وڏي وٿيءَ سان چونڪ ناهيو بيٺيون رهيون، شيوا ڪيتريءَ دير تائين ٻانهون ٻڌيو، بيچين نيڻن سان ڌرتي ماتا ڏي نهاريندي رهي. اماڙين جي سوجهري ۾ سندس لال گلابي چهرو ٽامي جي ڌوتل ٿانو جيان ٻهڪي رهيو هو. هوءَ پاڻ بہ نهائينءَ مان تازيءَ پڪل مورتي جيان پئي لڳي. هن جي اندر جي سمور ي پيڙا ۽ آنڌ مانڌ، دم تي رکيل ديگڙيءَ جيان اُڌما کائي، سندس چهري جي ريکائن سان پڌري ٿي رهي هئي. اکين جا بند جڻ ٽٽي پيا هئس، ۽ ڳوڙهن جو درياهہ نيڻن مان چلي پيس. ... ۽ هوءَ وڻ جي ڪپيل ڏار جيان ڍرڪندي، اونڌي ٻوٿ اچي ڪري، ۽ سڏڪا ڀري ڌرتي ماتا کي ٻاڏائڻ لڳي :

" او ڌرتي ماتا وڏاتا !

اڄ منهنجو من اسات آهي، اٻاڻڪو آهي. مان هڪ ارڏي ديوتا جي پيار ۾ پچي رهي آهيان، او ديوي، مونتي ديا ڪر!

" اڄ منهنجي من جون ساريون امنگون چرڪ ڀري جاڳي پيون آهن، منهنجي من ۾ هڪ مها پرلئہ برپا آهي، ۽ منهنجي جواڻي ساوڻ جي سنڌوءَ جيان اٿلڻ لاءِ آتي آهي !

او ديوي، مون تي ديا ڪر. .... ديا ڪر !

" منهنجو من ميڻ ڪان ڪنئرو آهي. مان هن جي ڦوڙائي جو ڦٽ سهي نہ سگھينديس. هن جي وڇوڙي جو ويراڳ مون کي ماري وجهندو. او شڪتي ماتا، او سونهن ۽ سندرتا جي ديوي، توکي پنهنجي همالا چاتين جو سوڳند، مونکي پنهنجو راول ريجهائي ڏي. اڄ جي رات منهنجي اکين ۾ ڪامڻ پري چڙهي. جو مان پريم پوڄيندس. اڄ جي رات منهنجي سَنڌ سَنڌ ۾ جادو جاڳائي چڙهي، جو مان من مندر جي ديوتا کي هر ڪائيندس : او ديوي، مون کي آگيا ڏي، مون کي شڪتي ڏي، نہ تہ منهنجو هانءُ ڏري پوندو، ۽ منهنجي آتما تنهنجي مندر ۾ سدائين وڳر ڪان وڇڙيل ڪونج جيان ڪيهون ڪندي رهندي، مون کي آگيا ڏي ديوي، مون کي آگيا ڏي.... "

هوءَ ڌرتي ماتا آڏو بيسڌ تي، سڏڪندي ۽ ٻاڏائيندي رهي، هن جي آهہ زاري تي مهاپوڄاري اندران ڏيوريءَ مان اٿي، هلندو، سڌو مٿان اچي بيٺو. هوءَ بيسڌ پيئي رهي، ايستائين جو ڪَتين ڪَر موڙيا، ۽ تارا، ترِ، تروڪڙيون سُهائي سرڳدام تان هڪ هڪ تي چِجهڻ لڳا. سڀ پوڄارا ۽ پوڄارڻيون جاڳي ڌرتي ماتا جي شيوا ڪرڻ لڳا. سانت جي سِير ۾ گھنڊن جو پڙالو وجڻ لڳو. سڀ پوڄارا ۽ پوڄارڻيون، ٻانهون ڦهلائي، سريلا آلاپ ڪڍي، ڌرتي ماتا آڏو سجدا گھورڻ لڳا، پر شيوا، ڪنهن ماتا جي گرڀ ۾ سٽل ٻار جيان سيني ڪان بيسڌ ٿيو، سجدي ۾ پئي هئي.

ان ويل مهاپوڄاري وڏيءَ مورتيءَ اڳيان سر ڪٽي، هوريان هوريان هلندو، پنڊال تي شيوا جي مٿان اچي بيٺو، ۽ مٿانئس ڳاڙهي پٽ جي سچلين ڪوڏين ٻڌل ڳاني وراو هٿ دعا سان ڏکيري چيائين : " اي پدمڻي نينگري ! ڌرتي چا چا دان ڪري تي، ايءُ رڳو ديوتا چاڻن ٿا. تو ساري رات ڌرتي ماتا جي پوڄا ڪئي ۽ ڌرتي ماتا کي خوش ڪيو. اڄ جي رات تنهنجي هر منتا پوري ٿيندي. اچي، هيءَ سهاڳ جو پڙهيل ڳانو وٺ، ۽ وڃي پنهنجي پريميءَ کي جنم جنم بنڌڻ ۾ ٻڌي ڇڏ. "

اهو آواز شيوا کي جڻ پري ڪنهن پولار مان ٻڌڻ ۾ آيو. هن هوريان هوريان سجدي مان منهن مٿي ڪٽي، مهاپوڄاريءَ ڏانهن نهاريو. ڏڪندڙ قدمن سان هلندي، ڌرتي ماتا جي آڏو آئي، ۽ ڳاني وارا هٿ ٻڌي، وڏا وڏا سجدا گھورڻ لڳي. سڄو پوڄا گھر گھنڊن، ٽلين، جانجھ ۽ پوڄارڻين جي ياترا جي سريلن آوازن سان گونجي ويو.

پوءِ شيوا وڏي سجدي مان اٿي، ڌرتي ماتا آڏو نوڙندي، سهاڳ جي ڳاني وارا هٿ ٻڌندي، پنيئن پيرين هلندي، ڇٽني ديوداسين جي وچ ۾ اچي بيٺي. هن جي پنڊال تي ايندي ئي

چئني ديوداسين پنهنجا منهن پوڄا گهر جي وڏي در ڏانهن ڦيرايا، ۽ شيوا سميت پوڄا گهر مان نڪري، ڏنڌ سان گهريل وسنديءَ جي پنيرڪن پيتين ڏانهن وڃڻ لڳيون.

رات جي ديوي، ڪنهن پرينءَ جي اوسيئڙي ۾ وينل مُنڌ جيان، ٽڪي چور تي، ستارن هاڻي شال لڙڪائيندي، ڪنڌ ڍرڪايو، اُجهاٽل اُجهاٽل پيرن سان هلندي، سڏڪندي، لڙڪ لاڙيندي تي وئي. پوڄا گهر جي گهنڊن جي پڙاڙي سان ساري وسندي سجاڳ تي وئي. گهر گهر جنڊ گونجارڻ ۽ ولوڙا وايون ڪرڻ لڳا. چلهين جي چتين مان دونهين جا ڪڪر، وٽ کائيندا، نچندا، اُڀ ڏانهن ڦلارجڻ لڳا. سايون سنگهارون پنهنجن ڍاين ڳاين ڪي ڍنگ وجهي ڏهڻ لڳيون. نوجوان نينگريون گهاگهر مٽان گهاگهر ڪنيو، چيلهين تي پانهن ڏيو، چاتيون ڇُلڪائينديون، پيُرن ڪي لٽڪائينديون، ڪوهن تان پاڻي ڀرڻ لڳيون. ۽ هوريان هوريان، پرهه جي پاچاون سان، ساري وسندي ڏنڌ مان سپني جي سرڳ اجاگر تي آئي.

اڄ مهاويد آتم تارا اُسري رهيو هو، تنهنڪري سڀ وسنديءَ وارا پنهنجا سنها ٿلها ڪم سويري اُڪلائي، زالين ٻارين رنگا رنگ ويس ڪري، هن جي موڪلاڻيءَ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. هن جي سواريءَ لاءِ ٻن پلن ڍڳن واري چوڦيتي گاڏيءَ کي رتول جي آڏو سينگاري بيهاريو ويو هو. سندس گس ۾ پري پري تائين ڳاڙهي ۽ هيڊي مٽي ڇندي وئي هئي، ۽ گس جي ٻنهي پاسن کان وسنديءَ وارا قطارون ڪيو بيٺا هئا.

رتول جو سڄو ورهاندو پوڄارڻين ۽ وڏ گهراڻن سان ڀريو پيو هو. مهاويد آتم تارا، سنيري، نهي نڪي تيار ٿيو.اڄ هو اپاٽڪو تي لڳو. اڄ هن جي من چاهيو تي تہ هو سدائين لاءِ ان سپنن جي وستيءَ ۾ رهي پوي. شيوا سدا ڪنهن سندر سپني جي اپسرا وانگي پنهنجيءَ مور جهڙيءَ ٽور سان سندس آڏو ٽلندي رهي، ڪوئل وانگي ڪوڪندي ۽ گل وانگي مرڪندي رهي. هن جڏهن کان شيوا جو سلوڻو سروپ ڏٺو هو، هن جي اندر ۾ پيار جا ڪرڻا ٻاڪ جيان ڦٽي پيا هئا. هوءَ سندس آتما تي ڇانئجي وئي هئي، جنهن جي ساهن جي سرهاڻ ۾ هو وڪڙجي الوٽ تي ويو هو.

ڪلهہ رات کان پوءِ شيوا ڪيس ڏسڻ ۾ ڪان آئي... ائين ئي ڀانيو، ڄڻ ڪانئس رسي وئي هجي... ۽ هو بيچين هو. هن ويندي ويندي شيوا سان الاهي ساريون ڳالهيون تي ڪرڻ چاهيون، پر شيوا تہ الائي ڪٿي، ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ لڪي وئي هئي، ۽ هو ڪالهہ کان اپاٽڪين اڪڙين سان هن جون واٽون واجهائيندو رهيو، ان ٻار جيان، جنهن جو رانديڪو گم تي ويو هجي.

" اوهان سپين منهنجي شيوا ۽ آجيان ڪئي، ڌرتي ماتا انهيءَ جو اجورو اوهان کي ڏيندي. اوهان سپيني تي ديوتائن جي ديا هجي ! شال اوهان جا کيت سدا ساوا ۽ آتڻ سوايا هجن ! آءُ آتم تارا، اوهان سپين کي پرنام ڪيان ٿو. " ائين چئي، آتم تارا سپني کي ٻانهون ٻڌي پرنام ڪيو.

" اي مهاويج، تو کي پرنام.

اي سونمياٽيءَ جا وڏ گهراڻا، تو کي پرنام.

اي راڄ گهراڻا، تو کي پرنام.

اي دراوڙن جا دادلا، تو کي پرنام.

شال تنهنجو بخت سدا پليرو هجي،

شال سدا سک ماڻين، ڪڏهن ڪوسو واءُ نه لڳئي ! "

سپ دايون ۽ ٻايون، پوڄارا ۽ پوڄارڻيون، سندس سر تان ٻانهون گهوري کيس دعائون ڪرڻ لڳا.

آتم تارا اباڻڪن نيڻن سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو رهيو، شيوا جون سپ سرتيون هٿ ٻڌيو بيٺيون هيون، پر شيوا ڪٿي ڪا نه هئي، ماءُ کي پٽڻ پيا ته مهاويد شيوا کي ڳولي رهيو آهي. سو، شيوا جي هڪ سرتيءَ کي آهستڙي چيائين " روپا، وڃ شيوا کي سڏي آءُ " پر ان کان پهرين جو روپا وڃي، آتم تارا پاڻ شيوا جي نجهري ڏانهن وڌيو. ماءُ جو مکڙو خوشيءَ کان ٻهڪي ويو، سپ سرتيون وائڙيون ٿي هڪٻئي ڏانهن نهارڻ لڳيون.

شيوا پنهنجي سجايل ڪوٺيءَ ۾ جاري تي رکيل ڌرتي ماتا جي ننڍڙي مورتيءَ آڏو گوڏن ڀر پنيري بيٺي هئي، هن جو ڪنڌ جهڪيل هو.

" شيوا، " آتم تارا در تي بيهي چيو،

آتم تارا جي سڏ سان شيوا جي دل ڌڙڪي وئي، رڳ رڳ ۾ جڻ رباب وڄي ويو، جڻ ورهين کان ڪنهن ويران مندر ۾ ڪنهن پڄاريءَ اچي سنگ وڄايو هجي. پر هوءَ ڪنهن ديويءَ جي مورتيءَ جيان چُري ٻه ڪا نه. هوءَ ائين ئي پنيري بيٺي رهي.

چون ٿا جواني جادو آهي: سونهن جڏهن ماٺو ڪندي آهي، ڌرتي ۽ آسمان جا سمورا ديوتا اونڌي ٻوٿ جهڪي پوندا آهن. پرينءَ جي مُک کان وڌ ڪا شي سهڻي نه آهي. آتم تارا جي چپن تي هلڪڙي مرڪ اچي وئي، ۽ هو گهائل نيڻن سان ڪيتريءَ دير تائين پنيري بيٺل شيوا جو سروپ ڏسندو رهيو. هن جي ڳُنڊيل وارن جو ڪاريهر چوٽو سندس گول اُيريل ڍاڪن تي لڙڪي رهيو هو. ديل جيان ڊرڪيل ڳچي، پريور، نرم نازڪ ٻانهن ۾

سونيون ٻانهون، ڳاڙهيءَ ننديڙيءَ گگريءَ هيٺان سنهڙي، وٽ ڪاڌل چيلهه، ڪُهنبي، گهيردار پڙي جا پَچ... سڀ ڪجهه طلسمي ٿي لڳا. جڻ سپني ۾ پاٻوهيل، پير پريندو، هو اڳتي وڌيو.

" شيوا، تو رات ڏينهن هڪ ڪري منهنجي سيوا ڪئي. ڇا، هاڻي وڃڻ ويل موڪلاڻي ٻه ڪا نه ڪندينءَ؟ "، هن جو آواز ڳورو هو.

شيوا جو من جڻ ميڻ وانگي وڳهري ويو نيٽن مان جڻ ڪا نئن ڇُلي پيس، هن ڏاڍيءَ پيڙا سان وٽ ڪائي پنهنجو منهن سڌو ڪيو، هن جي ترين تي، روپيءَ ترا ڪُڙي تي، سهاڳ جو، سچلين ڪوڏين جڙيل ڳانو رکيل هو. هن جا گلابي چپڙا ڪنهن آنند مانڌ ڪان ڦڙڪي رهيا هئا. نيڻ ٽمي رهيا هئا. ڪي چوڻ آکڻ ڪان سواءِ، سندس آڌو ڪنڌ ڊرڪايو، گوڏن پر ٻيٺي رهي. آتم تارا ٽڪ ٻڌي ڏانهس نهاريندو رهيو. هڪ اُداس مرڪ سندس چهري تي ڪڙي آئي. پوءِ هن ڏاڍي موهه ۽ نماڻائيءَ سان پنهنجي ٻانهن سندس آڌو وڌائي.

شيوا کي ائين محسوس ٿيو، جڻ اونهي ۾ ٻڏندي اچانڪ ڪنهن کيس ٻانهن جو سهارو ڏنو هجي. هن ڏڪندڙ هٿن سان پنهنجي پرينءَ جي ڪارائيءَ ۾ سهاڳ جو ڳانو ٻڌو. ڪَچ جو ڪوڏيون، پٽ جو ڌاڳو، جنم جنم جو ٻنڌڻ. لڄ کان هن جو منهن ڳاڙهو ڪُهنبو ٿي رهيو هو. خوشيءَ کان لڙڪن جون مالهائون ڳِٽن تان گهورجنديون ٿي ويس. هوءَ ڊرڪنديءَ پنهنجي پرينءَ جي پيرن تي وڃي پئي، ۽ ڏاڍيءَ پيڙا سان سڏڪندي چيائين :

" ڪانڌ، ورو هيٺيءَ تان ور ڪڄ، اَن جي ڦوڙائي جو ڦٽ مون کي ماري وجهندو، سهاڳ سڳ سجاڻج. آءُ ويلا ڪري اوان جون واٽون نهاريندس."

آتم تارا ٻانهن کان جهلي کيس اٿاريو :

" شيوا، تون منهنجن سپنن جي ديوي آهين. تنهنجا اي ڪجلا نيڻ، تنهنجي هن ڳنڌيل وارن جي سرهاڻ، منهنجي ساهن پساهن ۾ پئي وئي آهي. مان جيون جي هر جاٽ ۾ تنهنجو ساٿ ڏيندس. مان موٽي ايندس، شيوا، تو کي پاڻ سان وني وڃڻ لاءِ. "

آتم تارا جي هٿن جي ڇُهاءُ سان شيوا جو سڄو ڏڙ آنهلجي ويو. ٻنهي جي نيٽن ۾ پيار جو مهاساگر لهرون هڻڻ لڳو ۽ پوءِ ... جڻ ڪا مها پرلئه اچي وئي، جڻ ڪا نئن گجگاه ڪندي، چلندي، اچي وهندڙ نديءَ ۾ ڌوڪي پئي... ٻئي هڪٻئي کي ڀاڪرين پئجي ويا، چپ چپن سان پچي ويا. جوانيءَ جو پهريون پيار... جئن ڪا ٻلهڻ پاڻيءَ ۾ تڙپي، تئن شيوا پنهنجي پرين ءَ جي ڀاڪر ۾ وتجي سڻجي پئي ٻڌي ۽ اُبري. هن جي جسم جو سڄو رت سندس چهري تي ڊوڙي آيو هو، ۽ وڏيءَ ڇڪتاڻ کان پوءِ هڪدم هن جو ٻت ڊرڪي ويو، ۽ هن

پنهنجو ڪنڌ آتم تارا جي ويڪريءَ ڇاتيءَ تي ائين ڍاري ڇڏيو، جيئن ڪو رڻ رستو، ٿڪندو، سهڪندو، اچي ڪنهن وڻ جي ڇايا هيٺ ڍهي پيو هجي.

آتم تارا ڪيس سڌو ڪري، ڏاڍ ڏيندي چيو، " شيوا، مان موٽي ايندس." ائين چئي هو ٻه ٽي پير پوئتي هٽيو، ۽ گوڏن ڀر ويهي، هٿ ٻڌي، ڪيس پرنام ڪيائين. شيوا ڊڪي اچي سندس پيرن ۾ سر جهڪايو، ۽ آتم تارا پنيرن پيرن ساڻ هلندو ٻاهر آيو.

سندس ڪارائيءَ ۾ سهاڳ جو ڳانو ڏسي، سڄي سٽ جا منهن ٻهڪي ويا. پوڄارٽيون مرڪڻ لڳيون. سرتين وني شيوا جي نجهري ڏانهن ڊوڙ وڌي ته گهڙيءَ پل ۾ ايءُ سڀ ڇا ٿي ويو.

پوءِ آتم تارا مهاپوڄاريءَ ۽ مُکي پنداريءَ اڳيان هٿ ٻڌي نوڙت ڪئي، ۽ ترشيماديجيءَ آڏو ويهي، سندس سينڌ چمي چيائين : " جيجل، مون ۽ شيوا جنم جنم جو سانگ رچايو آ. مان شيوا کي وني وجڻ لاءِ موٽي ايندس

ترشيماديجي خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نٿي ماپي، آتم تارا تان ٻانهون گهوريندي چيائين :

" راول، هي گهر تنهنجو آهي. شال سڀ سانگ سڄايا ٿين. تون سوءِ پيرا اچيج، اسان جو اکيون ٿڌيون، شيوا تنهنجي آهي. اسان جو سڀ ڪجهه تنهنجو آهي." ائين چئي، هن آتم تارا جي نرڙ تي ٻڌل مُکٽ کي چميو.

ڪيس پلن ڊگهن واريءَ گاڏيءَ ۾ ويهاريو ويو. سندس اڳواٽي ڪنڌڙ، چئن پلن تي وينل جوڀ جوانن پنهنجن ڏاندن کي هڪليو. ۽ انهن جي پنيان ئي سندس گاڏيءَ جا پلا ڍڳا، سڱن ۾ ٻڌل چيرين ۽ چمڪن کي لوڏيندا چم چم ڪندا، گاڏيءَ کي گهلڻ لڳا. هو ٻنهي پاسن کان بينل ٻاين، ٻارڙن ۽ مڙسن کي موڪلاڻيءَ لاءِ هٿ لوڏيندو رهيو.

شيوا، پري کان پنهنجي رتول جي ڇت تان، سرتين سان گڏ، رنگين ڏوپ ڇٽ جي هينان بيٺي، وياڪل نيڻن سان، ڪيس پري ويندو ڏسي رهي هئي.

سونمياڻيءَ جي اُها شام ڏاڍي سونهن پري هئي.

پري، تمام پري، الهندي جي هُن پار، جتي ڌرتيءَ ۽ آسمان جو سنگم ٿئي ٿو. سونو روپو سج هيٺ پاتال ڏانهن لڙي رهيو هو. جيستائين نهار تي وئي، سائيءَ وٽڪار ۾ گهيريل سونمياڻيءَ جا رنگ رتول، محل ۽ ماڙيون، ٽڪاٽا ۽ ٽيڪاهيون، اوڏ ۽ اوڏاڻا، پوڄا پاٺ ۽ گهاٽ، جايون ۽ جهروڪ، بندر، باغ ۽ بزارون، ڪنهن پوڄاريءَ جي سرڳ جي سپني جيان جڳمڳائي رهيا هئا. سنڌو - گهاٽ تي هزارين ماڻهن جو ميڙ متل هو. رنگين پڙن ۽ ساڙهين ۾ ويڙهيل نينگريون ۽ ناريون، هر طرف کان پنيورين وانگر پئي پٽيون. سارو وايو منڊل

گهنڊن جي گونجار، ڇيرين جي ڇمڪار، دهلن جي ڌمادم ۽ پوڄارين جي ياترائن کان پيڙن ۽ هوڙهن جا رنگين سڙهه، ڍنڍ تي لٽل اُپسرائن جيان نچي رهيا هئا. هر شي سپنيهاڻي ٿي لڳي.

اڄ سونمياڻيءَ ۾ مهاويد آتم تارا اچي رهيو هو، تنهن ڪري سڄي سونمياڻي، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ سميت، سندس آجيان لاءِ سنڌو - گهاٽ تي اچي هيڪاندي ٿي هئي. مهاويد کي سنڌوءَ اُڪارڻ لاءِ مهاراجا جي هنجهه – نما رنگين هوڙهي کي سينگاري، سنڌوءَ جي پرئين پار پتڻ تي بيهاريو ويو هو. ۽ سپ سون – واسي سندس واٽون واجهائي رهيا هئا. جيئن ئي مهاويد آتم تارا جي پلن ڍڳن واري گاڏي. ڌوڙ اُڏائيندي، سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي آئي، ته پوڄارين سنک وڄايا. سندس واٽ ۾ پنهي پاسن کان بيٺل، لڇمڻ، لڇمين ۽ وڏ گهراڻن ڪنڌ جهڪائي، هٿ ڦهلائي، ڪيس پليڪارون ڏنيون. ديوداسين ۽ پوڄارڻين مٿس گلن جي ورکا ڪئي. سونمياڻيءَ جي مهاراجا جي نندي ياءُ، سورهيہ پهلوان، جڌا اڳواڻ، لڇمڻ ڄام سرواڻ، ڪٽڪ جي وڏي جٽي سان پنهنجا ڪرڳ، ڪلول، ڪٽارا ۽ ٻڇ نوائي، ڪنڌ جهڪائي، سندس آجيان ڪئي. آتم تارا پنهنجي نندپڻ جي ساٿيءَ، ڄام سرواڻ، کي ڏسي خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. لڇمڻ ڄام سرواڻ وري ٻہ سندس آڳيا ۾ گوڏن پر بيهي، رک جهڙين سگهارين، وٽيل ٻانهن کي ڦهلائي ، ڪنڌ جهڪائي چيو، " اي سونمياڻيءَ جا مهاويد ! تون ڀلي آئين، جيءُ آئين ! اسين سپ تنهنجيءَ آجيان ۾ سر نوايون ٿا، جو تنهنجو مان سيني لڇمڻن ۽ لڇمين کان مٿانهون آهي ۽ سونمياڻيءَ جي ديوتائن تنهنجي سر تي مهاتمائن جو ڇٽ رکيو آهي." آتم تارا ٻہ ٻانهون ٻڌي کيس پرنام ڪيو، ۽ چيائين ته " اي سونمياڻيءَ جا ڏڳ پهلوان، جڌ اڳواڻ، تو کي ڏسي اسان کي خوشي ٿي آهي جو تون سونمياڻيءَ جي سرحدن جو رکوالو آهين. هن ڌرتيءَ تي ڪنهن ماءُ اجا اهڙو پٽ نہ ڄڻيو آهي، جو تنهنجي آڏو هام هڻي ! اي ڌرتيءَ جا ڏڳ، سونمياڻيءَ جا راکي ۽ ساکي، آءُ، مون سان پاڪر پائي مل. تو کي پاڪر پائي مون کي شڪتي ملندي آهي تہ سنڌو ڪيڏي نہ سگهاري آهي." ٻئي ٻالاپڻ جا ساٿي، هڪٻئي سان پاڪر پائي مليا. پوءِ آتم تارا پتڻ تي آيل سيني ماڻهن ۽ مُنڊين کي هٿ لوڏي آشيرواد ڏنو، ۽ پري، نديءَ جي هن پار، سنڌو – گهاٽ ڏانهن نهارڻ لڳو، جتان هزارين آوازن جو پڙالو اچي رهيو هو. نديءَ جي هن پار جيستائين نهار ٿي وئي، سنڌوءَ جي بچاءَ بند تان سنڌوءَ گهاٽ جي رنگين ديوارن اڳيان، جاين ۽ رنگ رتولن جي ڇتين مٿان، رنگا رنگ وڳن ۾ ويڙهيل هزارها سون- واسي، زالين، مڙسين، ٻارين، سندس آجيان ۾ ٻانهڙيون لهرائي، شور مچائي رهيا هئا.

هر طرف رنگيني هئي، جڻ آسمان مان ڪنهن هزارها رنگن جا دٻا هيٺ ڌرتيءَ تي پلٽائي ڇڏيا هئا. سنڌوءَ جي اورين پر تان سونمياٽيءَ جو رنگين ڇهڇٽو پسندي، آتم تارا جو من ئي نئي پريو. هو سڪايل اکين سان سنڌوءَ جو ڇهڇٽو ڏسندي سوچڻ لڳو، ' هيءَ سنڌوءَ هر واري نوان ڇهڇٽا ڇٽيندي آهي، روز نوان سينگار ڪندي آهي. هي سپنن جو ديس آهي. سونهن ۽ سندرتا جي وستي ۽ ديوتائن جي ڌرتي آهي. اها ڌرتي، جا ٻين سيني کان آڳاٽين آهي، جتي سڀ کان پهرين ديوتائن جنم ورتو، جنهن کي سڀ کان پهرين ديوتائن سينگاريو، جتي سڀ کان پهرين رشين " ناد " ۽ " نگد "[8] جواستيون جهونگاريون. هي اها پلاري پونءَ آهي،جنهن مان وديا، امن ۽ سندر سپيتا جو رئون وهي نڪتيون. هي اها ڌرتيءَ آهي، جتي سڀ کان پهرين چرخو ڇُريو، ارٽ ۽ هر هليو، چڪر ڦريو، هيءَ ڌرتيءَ جو سرڳ آهي. سنڌوءَ ديش مهان... سنڌو ديش مهان !،

آتم تارا ڪيتريءَ دير تائين سونمياٽيءَ جو سپني سمان ڇهڇٽو ڏسندو رهيو. جيتوڻيڪ سندس ساري ڄمار سونمياٽيءَ ۾ گذري هئي، هو انهيءَ ئي ننگريءَ ۾ ڄائو ۽ نپنيو هو، انهن ئي رنگ – رتولن ۾ لڇمڻ، لڇمٽين ۽ جيڏن سرتين سان رانديون ڪندي ساماڻو هو. انهيءَ ئي سنڌو – گهاٽ جي ديوارن ۾ هزارين ماڻهن جي وچ ۾ مهاراجا ڪيس گهرائي سندس سر تي مهاتمائن جو ڇٽ رکيو هو، پر پوءِ به اڄ ائين تي پاسيو، ڄڻ هو اڄ انهيءَ نديءَ ۽ انهيءَ ننگريءَ کي پهريون پيرو ڏسي رهيو هجي. هن جي رڳن ۾ رت جو دورو تيز ٿي ويو، ڄڻ ڪا ڪشش هئي جا ڪيس سنڌوءَ ڏانهن ڇڪي رهي هئي ۽ هو سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي اچي، ٻئي ٻانهون ڦهلائي، سنڌوءَ کي پوڄيندي چوڻ لڳو :

" او سنڌو، تون ڌرتي ماتا جي همالا ڇاتين مان مني امرت جي تڇ ڪٽي، سون – ساٽيهه ڏي، جا ديوتائن جي ڌرتي آهي، کير سان پريل سوئا گانءِ جيان رنيندي دوڙين ٿي، ۽ سون – ساٽيهه جي ترن ۾، جي ڌرتيءَ جو سرڳ آهن، ڇُلڪندڙ گهاگهر جيان پلٽي پوين ٿي... تنهنجو پاٽي اکٽ آهي !

" او سنڌوءَ، تون ڌرتيءَ تي سپني ندين جا مهاراڻي آهين، ستادرو، پروشني، وسنتا، گومل اسڪني، ڪيا، اورا گيڪا، ڪرومو سويتي، گنگا، يمونا[9] سڀ تنهنجي پنيان آهن.

---

[8] "ناد" ۽ "نگد" : رگويد کان به آڳاٽا ڪتاب، جن لاءِ رگويد ۾ ڄاڻايل آهي ته هڪ وڏيءَ مها پرلئہ ۾ ناس ٿي ويا

[9] اهي درياءِ، گنگا کان سواءِ، هن وقت ستلج، راوي، جهلم، گومتي، چناب، ڪابل، بياس، ڪرم، سوات ۽ جمنا جي نالن سان سڃڻ ٿا.

تون سيني جي اڳواٽي ڪرين ٿي، ڪا چرندڙ شي تنهنجي وهڪ کي نٿي رسي، تون سيني کان آڳاهين آهين.

" او سنڌوءَ تنهنجو پاٽي سيني ندين کان روشن ۽ اجرو آهي. تون پنهنجن چمڪندڙ تجلا ڏيندڙ لهرن ۾ سون جا ذرڙا پري، اسان جي کيتن لاءِ منن ميون ۽ سونن سنگن جو انعام آڻين ٿي. تون سيني ندين کان مهان ۽ شاهوڪار آهين[10]

" او سنڌوءَ او وديا جي ديوي، سڀ ديويون ۽ ديوتا تو کي پوڄين ٿا. مان تنهنجيءَ پلاريءَ پونءَ کي چمان ٿو ۽ تنهنجي پوڄ پاٽيءَ کي پرنام ڪريان ٿو. "

آتم تارا سڪ مان نوڙي، سنڌوءَ جي چمڪندڙ واريءَ کي چمي، وڏا وڏا سجدا گهورڻ لڳو سندس پنيان بينل پوڄارا، وڏا وڏا سنک وڄائڻ لڳا، ۽ سڀ سندس پنيان بيهي سنڌوءَ جي شيوا ڪرڻ لڳا. پوءِ ڪٽڪ جي جتي سندس اڳواٽي ڪئي ۽ هو لڇمڻ جام سرواڻ سان گڏ هلندو، پتڻ تي بيهاريل مهاراجا جي وڏي هوڙهي ۾ آيو. وانجهين ونجهه هلايا. سنڌوءَ جي ترورا ڏيندڙ ڇَر متان سندن ڪيتريون ڊونديون ۽ ٻيڙيون ڊرڪنديون، جهجهي زور تي جنبنديون، سنڌوءَ جي وڏي پيٽ ۾ تار ترنديون، هن پر سنڌو – گهاٽ ڏانهن وڌڻ لڳيون. سنڌو – گهاٽ تي هزارين آوازن جو هل پيدا ٿي ويو. پتڻ تي ايندي ئي، ماڻهو متس مڙي ويا. هر ڪنهن کيس ويجهو کان ويجهو ٿي پسڻ چاهيو. هر اک سندس درشن لاءِ ماندي هئي. پوڙهين سندس سر تان ٻانهون گهوريون، سهاڳڻين ڪِڃي ڪِڃي سندس چَرنن ۾ گل گهوريا، ڪنوارين موهت ٿي متس چندن، ڪپور، سندر ۽ سرهاڻين جي ورڪا ڪئي، جوانن ٻانهون ڦهلائي، ڪنڌ جهڪائي، کيس پليڪارون ڏنيون، گلن جهڻن ٻارڻ، ڊوڙون پائي، سندس هٿن کي چميون ڏنيون، ۽ پوڙها ٻه سندس آڳيا ۾ جهڪندا رهيا. آتم تارا، لڇمڻ جام سرواڻ سان گڏ، پنهنجي ناهوڪي، لوڏي سيني کي آشيرواد ڏيندو، سنڌو – گهاٽ جي وڏن ويڪرن پڪ سرن ڏاڪن تان هلندو، متي، وڏي ويڪري سنڌو – گهاٽ جي ديوارن ۾ آيو. هن جي ايندئي ئي سڀ لڇمڻ ۽ لڇمڻيون، پوڄارا ۽ پوڄارڻيون، ديوان داڙا، مکي، ودوان، راڄاڻ، جڌ اڳواڻ، وڻجارا، وڏ گهراڻا، سندس آڳيا ۾ پنهنجن آسڻن تان اٿي بيٺا. سارو سنڌو – گهاٽ پليڪارن جي آواز سان گونجي ويو. رگو مهاراجا ۽ مهاراڻي، وڏي سونهري پنڊال ۾ رکيل اوچي تخت تي، پنهنجي راڄاڻي نيٺ ۽ ڏيا سان وينا هئا. ٻنهي جي سون ورنا، پٽ پٿهير وڳا، ايرنڊڙ سچ جيان چاتون هٽي رهيا هئا. ٻنهي جا مکڙا گلاب جيان پئي ٻهڪيا.

[10] سنڌوءَ جي پوڄا استني رگويد مان ورتل آهي.

جيئن ديوتائن جي دربار ۾ وجبو آهي، آتم تارا نهايت ئي ادب سان هٿ ٻڌي، پوڄارا پير پريندو، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ آڏو آيو، ۽ گوڏن ڀر ويهي چيو :

" اي سونمياڻيءَ جا سرواڻ، دراوڙن جا اڳواڻ، شال اوهان جو تخت سدا اوچو هجي : شال سون – ساٽيهه پرٿويءَ تي سدا سج جيان چمڪو، شال اوهان جا ڪٽ سدا ساوا، آتڻ اُجرا ۽ سڙهه سوايا هجن، جو اوهين هن ڌرتيءَ تي امن ۽ اهنسا جا ڏٽي آهيو. مان پنهنجي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ آڏو سر نمايان ٿو."

ائين چئي، هن مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ اڏو ٻانهون ڦهلائي، سر نوايو.

مهاراجا ڏاڍي پيار سان ڏانهس نهاريو، ۽ تخت تان لهي، متانئس ٻاجهارو هٿ ڦيريو، چيائين " اي مهاتما ! تون ڀلي آئين، جي آئين، اسان جون اکيون ٺريون، اسين تنهنجي مٽيادار مُڱٽ کي چمون ٿا، جو اسان جي ابي، سونمياڻيءَ جي مهاراجا، جادم ديو [11] ، تنهنجي سر تي رکيو، جو مهاتمائن جو نشان آهي. تون ڀلارا پير پري اسان جي آسڻ آيو آهين." مهاراجا نوڙي سندس نرڙ تي ٻڌل سونيءَ سر جي ماٽڪ کي چميو. آتم تارا جي ڪارائيءَ ۾ ٻڌل سچلين ڪوڏين جڙيل سهاڳ جو ڳانو ڏسي، خوشيءَ کان گد گد ٿي ويو، ۽ ڏاڍي ٻاجهه سان سندس ڳل چمندي چيائين، " اي ڀاڳڙها گهوٽ، هي تنهنجي هٿ ۾ سهاڳ جو ڳانو ڪنهن ٻڌو آهي؟ اسان کي ان سونهن جي ديويءَ جو نانءُ ٻڌاءِ، جنهن تنهن جي من کي موهيو؟ " مهاراڻيءَ چيو، " اسين اها لال ڪنوار پنهنجن هٿن سان تو کي پرڻائي ڏينداسين." مهاراڻي جي ڳالهه تي سڄي سٿ ۾ سس پس پيدا ٿي وئي. سڀ سندس ڪارائيءَ ۾ ٻڌل ڳاني ڏانهن نهارڻ لڳا. مهاراجا بہ ڏاڍو خوش ٿيندي چيو، " مهاويد آتما، تون اسان کي پنهنجي ننديءَ ڀاءُ، لڇمڻ جام سرواڻ جيترو پيارو آهين. اسين پاڻ هلي ملي تنهنجو سڱ گهرنداسين. سونمياڻيءَ جي وڏي پوڄا گهر ۾ پنهنجي هٿن سان تنهنجون لائون ڏينداسين. اسان کي ديويءَ جو نانءُ ٻڌاءِ، اسان کي خوشي ٿيندي."

آتم تارا، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ آڏو جهڪيل ڪنڌ سان چيو، " مهاراجا، شيوا ديجي اپسرا آهي. هوءَ واهوندي وسنديءَ جي مکي پنڊاري، سنمبارا جي وڏور ڌيءَ آهي."

آتم تارا جي ڳالهه تي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ هڪبئي ڏانهن نهاري مرڪيو. مهاراجا چيو، " آتما، اسين مکي پنڊاريءَ کي سڃاڻون. هو سنمبارن جي وڏ گهراڻيءَ آکهه مان آهي. اسان ان نرتڪي نينگريءَ کي بہ ڏٺو آهي، هوءَ سچي بہ اپسرا آهي. اسين پنڊاري سنمبارا کان

---

[11] جادم : جام

شيواديجي جو سڳ پاڻ هلي گهرنداسين. هوءَ سونمياڻيءَ جي راڄ رتولن ۾ راڄ ڪندي، مهاديوين جي نت سان رهندي، اسين راڄ ۽ ڀاڳ جو در متس کولي ڇڏينداسين."

" مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جون وڏيون وڏيون مهربانيون."

آتم تارا ڪنڌ جهڪائي ٿوراڻتو ٿيو. پوڄارنين جا منهن خوشيءَ کان ٻهڪي ويا، لڇمڻ ۽ لڇميون هڪٻئي ڏانهن نهاري مرڪڻ لڳا. آتم تارا جي وهاڻ جي خبر سنڌو – گهاٽ جي اندر توڙي ٻاهر سرهاڻ وانگر پکڙجي وئي. هر طرف خوشيءَ جو هولريو مچي ويو. پوءِ مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ، آتم تارا کي، لڇمڻ ڄام سرواڻ سان گڏ، هڪ ٻلي ٻگي هاٿيءَ تي ويهاري، وڏي نت ۽ ادمبر سان راڄ رتول وٺي وڃڻ لڳا... سنڌو – گهاٽ کان جڻ ڪا ڇڄ نڪتي آهي. اڳيان پوڄارا ۽ پوڄارڻيون ڏنيءِ، سنک ۽ ساز وڄائيندا هلي رهيا آهن. انهن جي پٺيان پلن ٻگن ڏاندن تي هٿيارن پونهارن سان ويٺل سونمياڻيءَ جي ڪٽڪ جو هڪ وڏو جٿو آهي، انهيءَ جي پٺيان مهاراجا،مهاراڻي، لڇمڻ ڄام سرواڻ، مهاويد آتم تارا ۽ مهاپوڄاري جا هاٿي آهن، انهن جي پٺيان سوين پلن گهوڙن واريون رٿون ۽ ڏاند گاڏيون آهن، ۽ هزارها سون – واسين جون قطارون آهن. شام جي اوندهه ڦهلجندي ئي، سونمياڻيءَ جي وڏين ويڪرين، پڪ سرين، سهڻين سڙڪن جي ٻنهي پاسن کان گهر گهر آڏو، وڪ وڪ تي روشندانن ۾ ٻرندڙ اماڙيون ڪوڙيون ويون آهن. هزارين ماڻهو مهاويد جي خوشيءَ جو جشن ڏسڻ لاءِ گهرن جي درن ۽ ڇتين تي ميڙا مچائي بيٺا آهن. مهاراجا جو ساٿ جتان جتان روشن گهٽين مان گذري رهيو آهي، هزارين ٻانهون هوا ۾ لهرائجن ٿيون، خوشيءَ جي آوازن جا پڙالا گونجن ٿا، ۽ گهرن جي ڇتين تان چندن، ڪپور، سندر، چانور ۽ ڦلن جا مينهن وسن ٿا. چونڪ چونڪ جي پندالن تان نٽ – راڻيون ۽ نرتڪيون، جهمر پايو، پڙا نچايو، پنهنجين نرتڪي ادائن سان پيون هن مهمان جي آجيان ڪن. سنڌو – گهاٽ کان راڄ – رتول تائين روشنيءَ جون لاٽون آهن، دهل ۽ دمام آهن، خوشيءَ جا پڙالا آهن. هاٿي مهاراجا جو ساٿ، سپنن جي جڳ جيان، وڏي اشنان گهر وٽان ڦرندو، چوڏهينءَ جي رات جيان روشنين سان سجايل راڄ – رتول ڏانهن مڙي رهيو آهي. وڏي اشنان – گهر جي چوڌاريءَ، خوبصورت رنگين ڍڪين تي ڪير جهڙن اڇن وڳن ۾ ويڙهيل ديوداسيون، سپنن جي اپسرائن جيان ٻانهون ڦهلايو، ڪجيو ڪجيو، مرڪيو، پيون پليڪارون ڏين. هر طرف سپني جو سمان آهي. ڄڻ هي جيون هڪ سندر سپنو آهي – ڪڏهن نه ڇڄڻ وارو سپنو، ڪڏهن نه ختم ٿيڻ وارو سپنو !

***

3

ان رات راڄ – سڀا ۾ وڏي محفل متي، مهاراجا ۽ مهاراڻي هٿن ۾ سونا ٻٽڇ ڪنيو، پنهنجيءَ اوچيءَ راڄ – گديءَ تي براجمان هئا. سندن هڪ پاسي ڪان اوچن آسڻن تي ڄُڳن جو جهونو پوڙهو مهاپوڄاري، ۽ آتم تارا ويٺل هئا، ته ٻئي پاسي ڪان ڪڇمڻ ڄام سرواڻ ۽ مهاراجا جو ننڍيو چئن ورهين جو پٽ، مهراڻ مينڊرو، ويٺل هئا. سڀا جي ڏکڻين ديوتائن جو رنگين مورتيون اُڪريل ديوارن جي هڪ پاسي ڪان، هڪ سِڌَ ۾، اونڌن گوڏن پر، سونمياڻيءَ جا لڇمڻ، مکي، ٻاوا، راڄاڻ، وڏوان ۽ داڙا، ٻانهون ٻڌيو ويٺا هئا ته ٻئي پاسي ڪان سونمياڻيءَ جي ڪٽڪ جا اڳواڻ، راڄ – رکوال، ڄُنگ جواڻ ۽ جوڌا پهلواڻ ويٺا هئا. ساريءَ سڀا ۾ چئني پاسن ڪان ڏيئن، ميڻ ٻتين ۽ ديوان – اُماڙين جي روشني هئي. چپ چاپ هئي، بيچيني ۽ سوچ هئي. مهاراجا سڄي سٽ تان نظرون ڦيرائيندي، مهاويد آتم تارا ڏانهن نهاريو، ۽ نهايت ئي گنڀيرتا سان چيائين :

" مهاويد آتم تارا، اسين ماڻهوءَ جي اندر جو ڳُجهه ڄاڻون ٿا. تنهنجو اڪيلي سر هي پوهه جو سٽاڻو پنڌ، تنهنجي چهري تي هي سوچ جون ريکائون، ڪنهن ڳجهاندر ڳالهه ڪان خالي ڪينهن. تو ڪي ڀڳهه تي ڏسي، اسان کي پتڻ ٻه ته تون وڏو اهم ڪم کٽي آيو آهين."

مهاراجا جي ڳالهه تي سڄو سٽ آتم تارا ڏانهن نهارڻ لڳو. آتم تارا پنهنجو جهکيل ڪنڌ متي کيو، ۽ مهاراجا آڏو گوڏن پر ويهي، هٿ ٻڌي، پنهنجو سر نوايو ۽ چيائين، " مهاراج، اوهان ۾ ديوتائن جي شڪتي آهي، اوهين سمنڊ جي پاتال جو ڳجهه ڄاڻو ٿا. مان وڏي مام پروڙي آيو آهيان. "

" اسان کي ٻڌاءِ، مهاتما، تنهنجي هر ڳالهه غور سان ٻڌي ويندي."

مهاراجا جي ڳالهه تي سڄي سڀا بيچينيءَ سان آتم تارا ڏانهن نهارڻ لڳي. آتم تارا مهاراجا آڏو پنهنجو منهن متي کيو، ۽ وڏي واڪ چيائين، " مهاراج، آريا اسان جا ويري آهن. اسان هنن سان دوستيءَ جو هٿ وڌايون يا سڱابنديون ڪريون، آريا اسان جا ڪڏهن ٻه ڪين ٿيندا. آريا ڏينهن جو مانارو آهي. انهن مان مني ماکي ڪڏهن ٻه نه جڙندي. ڪاريهر جي ٻچي کي ڪيترو ٻه امرت پياريو وڃي، پر هن جي واڇن جو زهر ڪڏهن ٻه ختم نه ٿيندو."

" مهاويد، تون ڇا ٿو چوڻ چاهين؟" مهاراجا بيچين ٿيندي چيو.

" مهاراج، ٿامي جو راجا ديوداسا، آرين جو سڀ کان وڏو حامي آهي. هن آرين کي پروشنيءَ ۽ وستنا[12] تي پڙاءُ وجهڻ جي موڪل ڏني آهي، ان لاءِ ته هن جي ماءُ آرياڻي آهي ۽ اندرا ۽ اگني ديويءَ جي پوڄارڻ آهي. "

آتم تارا جي ڳالهه تي سڄي سڀا ۾ بيچيني ڊوڙي وئي. مهاراجا جي منهن تي به گهُنڊ پئجي ويو، ۽ نهايت ئي ڳري آواز سان چيائين، " مهاويد. ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي ؛ سونمياڻيءَ جي مهاراجا جي موڪل کان سواءِ ڪو به دراوڙ راجا اهڙو اڳرو پير نٿو کڻي سگهي !"

" مهاراج، مان چڱيءَ پيت ڄڃهه پروڙي آيو آهيان. ٿامي جو راجا چئن جڻ اڳواڻن کي، جي آرين جا حامي نه هئا، مارائي چڪو آهي. ٿامي جي ڪيترن جڻ اڳواڻن، وڊوانن ۽ رکوالن کي بند جي اونداهين ڪوٺڙين ۾ پوريو ويو آهي ! "

" ايءُ چا ٿو چوين، مهاويد؟" مهاراجا ڪاوڙ مان وڏي رڙ ڪندي چيو،

" مهاراج، آريا سنڌو-ساڻيهه تي ڌاڪو ڄمائڻ جا سپنا ڏسي رهيا آهن. هو وري مهاياري جنگ لاءِ ڪَر ڪڻي رهيا آهن، ۽ ٿامي جي راجا کي پلا گهوڙا آڇيو، سوم رس جا پيالا پياريو، پٽيون پڙهائي، پروشنيءَ ۽ وستنا جي ڪنڌين تي مڪڙن جيان پڙاءُ وجهي رهيا آهن. مهاراج، اڄ آريا پروشنيءَ تائين پهچي ويا آهن ته سڀاڻي سنڌو-ساڻيهه تائين به پهچي ويندا! " ان ويل لڇمڻ جام سرواڻ پنهنجي آسڻ تان پڙڪو کائي اٿيو، ۽ شينهن وانگي گجگوڙ ڪندي چيائين،

" مهاراج، مان مهاويد آتم تارا جو حامي آهيان. اسين آرين کي ابن ڏاڏن کان سڃاڻون ٿا. اسين آرين تي ڪهڪاءُ ڪائي ڪين جام دواپي، وروونا ۽ ڪيا وارا پَٽ ڏيئي چڪا آهيون – ان لاءِ ته آريا سان وڏا وڙ ڪيا. ان جي اجوري ۾ آرين دراوڙن جي وستين سان جي هاجا ڪيا، سي وسارڻ جوڳا نه آهن. آريا اگنيءَ جا پوڄاري آهن، جا ننگرين کي ناس ڪندڙ آهي. اوهين هنن جي اندر ۾ لوڀ، اهنڪار، ڪروڌ ۽ انياءُ جي باهه کي ڪڏهن به نه وسائي سگهندا. هو سڄڻ جي سڄي ٻانهن کائڻ وارا آهن. ٻگهڙ جي ٻچي ۾ ڪڏهن به چيلڙي وارو گُڻ پيدا نه ٿيندو. هو بيوڙا ۽ بيپاڙا آهن، ۽ اٽسٽريل آهن. هو اسان جا ڪڏهن به ڪو نه ٿيندا. آريا جي ائين ئي وک وڌائيندا رهيا ته پوءِ سمجهو ته سنڌو-سيپتا جي پڇاڙيءَ جو سنک وڄو آهي !"

---

[12] پروشني : راوي، وستنا : جهلم

لڇمڻ ڄام سرواڻ جي ڳالھ تي ساريءَ سڀا ۾ سنسو ڦهلجي ويو، هر هڪ مُک تي ڳوڙهيءَ سوچ جون ريکائون ڊوڙي ويون. ڇهوني مهاپوڄاريءَ جي اکين جا ڏوڏا بہ ڪنهن ڳوڙهي ويچار کان گهُنججي ويا. هر ڪنهن جي هر دي ۾ بيچينيءَ جي لهر ڊوڙي وئي هئي.

" مهاراج، اسان کي آرين جو زور پيڇو پوندو، انهي ۾ ئي اسان جي ڀلائي آهي." هڪ مکيءَ سٺ سان اُٿي، گوڏن ڀر ويهي چيو، ۽ پنهنجي آسڻ تي ئي ويٺو رهيو.

"ٿامي جي راڄا کي ڪو بہ حق نٿو پڄي تہ هو ائين دراوڙن جي وسندين جا آرين سان سودا ڪري. هن سونمياٽيءَ جي قانون جي پيڪڙي ڪئي آهي." هڪ جٽنگ اڳواڻ پنهنجي آسڻ تان گوڏن ڀر اٿي ويٺو.

" آريا اسان جي سندر سڀيتا کي ناس ڪرڻ ٿا چاهين. اسان جو ڄياپو انهيءَ ۾ ئي آهي تہ آرين سان ڀاري جنگ ڪري، کين پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍون." هڪ نوجوان لڇمڻ پنهنجي آسڻ تي گوڏن ڀر پيٺ تي هٿ ڏيئي اٿي ويٺو

" پروشنيءَ تي پڙاءَ آرين جي وڏي ۾ وڏي سوپ آهي." پري ڪنڌ مان ڪٿان آواز آيو

" آرين سدائين اسان جي وسندين تي ڇتن نهارن جيان اوناڙيون ڏئي حملا ڪيا آهن. آرين کي جڏهن بہ وجهہ مليو تہ هو وڏو ممڻ مچائيندا."

" اسين مهاويد آتم تارا ۽ لڇمڻ ڄام سرواڻ جا ساکي آهيون."

رکي رکي هڪبئي جي پنيان راڄ- سڀا ۾ آواز ايندا رهيا. مهاراڄا هر هڪ کي غور سان ڏسندو رهيو ۽ ٻڌندو رهيو. سندس ڳوڙهيءَ سوچ ۾ ٻڏل نظرون راڄ – سڀا ۾ ويٺل هڪ هڪ رتن تان ٿيڙنديون، مهاپوڄاريءَ چپ هو. سندس چهرو سنسان ۽ بت ڄڻ پٿر جي اهوڙيل مورتيءَ جيان پنڊ- پهڻ تي ويو هو. مهاراڻيءَ جو لال گلابي چهرو بہ ڪنهن انيوي ڏهڪاءَ کان ڪومائجي ويو هو. سڄيءَ سڀا ۾ ڄڻ موت جي ماٺ ڇانئجي وئي هئي.

" مهاپوڄاري، اوهين چپ چو آهيو؟ اوهين بہ ڪي ڳالهايو؟ مهاراڄا جي ڳالھ تي سارو سٺ مهاپوڄاريءَ ڏانهن نهارڻ لڳو.

پنڊ پهڻ جيان ويٺل ڇهوني مهاپوڄاريءَ هڪ اونهو ساهہ کنيو. سندس سنسارن ڪوٻن ۾ گهڙيل اکين ۾ ڄڻ ساهہ پئجي رهيو هو. ڪن لاءِ سندس ڏُکي ڇهري تي ڪا ڏڪوئيندڙ، ڪسياري مرڪ، رانيات ڪندي آئي، ۽ ڇهري جي اٿاهہ گهنجن ۾ ٻڏي وئي، ۽ هو ڪمزوريءَ کان ڏڪندو پنهنجي آسڻ تان اٿيو، ۽ نهايت ئي گهگهي گڙگڙائيندڙ آواز سان

چيائين ؛ " آءُ چا ڳالهايان، مهاراج ۽ ديوتائون پنهنجي ٻاجھ ڪن. باھ ۽ پاڻيءَ جو سنگم ڪڏهن به نه ٿيٽو آهي." مهاپوڄاري ڪنڌ جهڪائي چپ ٿي ويو.

مهاراجا مهاپوڄاريءَ ڏانهن نهاريندي هڪ وڏو اونهو ساھ ڪنيو، ۽ پنهنجي اوچيءَ راڄ – گديءَ تان اُٿي بيٺو ۽ ساري سڀا ڏانهن نهاريندي، نهايت ئي گنڀير، گجندڙ، دکي ۽ سانيتڪي آواز سان چيائين، " اسين آرين سان پڇڻ وارا آهيون ! آرين سان اسان جي جنگ آدجڳاد کان جاري آهي. اسان کي ڏک رڳو ان ڳالھ جو آهي ته ٿامي جي راجا اهڙو اڻنگو پير چو کنيو، ان لاءِ ٿامي جي راجا کي سونمياٽيءَ جي راڄ – سڀا ۾ پيش ٿيٽو پوندو. اسين آرين لاءِ سوچيندا سين. اسين هن ڌرتيءَ تي جنگ نٿا چاهيون، اهنسا اسان جو ڌرم آهي، پر جي اسان کي پنهنجي جياپي لاءِ آرين سان ڪا پاري جنگ ب ڪرڻي پئي ته اسين جنگ به ڪنداسين. اسين پنهنجي ديس جي بچاءَ لاءِ، پنهنجن هندورن ۾ لڏندڙ ٻارڙن لاءِ سوچيندا سين. سڀاڻي رات اسين سونمياٽيءَ جي وڏي مندر ۾ سيني ديوين ۽ ديوتائن آڏو پنهنجيءَ پياريءَ پرجا کي سنديش ڏينداسين." ائين چئي، مهاراجا پنهنجي اوچيءَ راڄ- گديءَ تان هيٺ لٿو. مهاراڻي به سندس پٺيان هلڻ لڳي. ٻئي پنهنجا وڏا سونهري وڳا جهوليندا، راڄ سڀا جي اندلٺ جيان رنگين پڙچ تان هلندا، راڄ – سڀا مان وڃڻ لڳا. ساري سڀا سندن آڳيا ۾ پنهنجي آسڻن تي سر نوڙائي، سجدي ۾ پئجي وئي، ۽ سڀا جي پڄاڻيءَ جا سنگ زور زور سان وڄڻ لڳا.

***

Gul Hayat Institute

4

سونمياٽيءَ مٿان چوڏس چٽائيءَ رات مور پکي جيان پنهنجا خوبصورت پک ڦهلاريا هئا. اڄ سونمياٽيءَ جي وايو منڊل ۾ گهنڊن جي گونجار، سَنکن کي کوءِڪار، ناد ۽ نگذ جي استٿين جي جهونگار هئي. اڄ راڄ-رتول کان پوڄا – گهر تائين وک ک تي اُماڙيون روشن هيون، اڄ سونمياٽيءَ جي وڏي مندر ۾ ڌرتي ماتا جي انگاس بت آڏو هزارين ماڻهن جا هشام ماکيءَ جي ماناري جيان مڙي آيا هئا. اڄ سارو سنجها سهائو مندر، اندران توڙي ٻاهڙ سوين اُماڙين ۽ ديپن جي روشنين سان ٻهڪي - ٻهڪي ٻري رهيو هو. اڄ وڏيءَ پوڄا ۽ پراٿنا جو ڏينهن هو. اڄ ديوتائن جي دربار جو ڏينهن هو. اڄ ڌرتيءَ جي ڌٽيءَ ۽ مالڪياٽيءَ، سونمياٽيءَ جي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جون سوين پالڪيون، رٿون ۽ گاڏيون، سنجها سهائو مندر جي وڏي در آڏو اچي بيٺيون هيون. سندن آجيان ۾ قطارون ڪري، ٽولن ۾ بيٺل پوڄارين، واري واري سان پنهنجن سَنکن تي وڏي ڦوڪ ڏيئي، پنهنجا سر سندن آجيان ۾ جُهڪايا هئا، ڪين مندر ۾ وني وڄڻ لاءِ، هيڊين ساڙهين ۾ ويڙهيل، هٿن ۾ ٻرندڙ اُماڙيون جهليو بيٺل پوڄارڻين جي هڪ وڏي ٽولي سندن اڳواڻي ڪئي. مندر جي وڏي در جي ڏاکن تي، ڳاڙهين ساڙهين ۾ ويڙهيل، هٿ ترين تي ڪنجهي جا ٿالهه ڪنيو بيٺل ديوداسين، مٿائن گلن ۽ ڪپور جي ورکا ڪري، ادب سان سندن آگيا ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا.

ڊانگ ! ڊانگ ! ڊانگ !..... پوڄا گهر جا سڀ گهنڊ هڪ ئي وقت وڄڻ لڳا هئا.

" اي ماڻهو، سانت سان سجدا ڪريو، جو اڄ ڏاڃ ڌرتيءَ جا ڌٽي، سونمياٽيءَ جو مهاراجا ۽ مهاراڻي، ماتا ديويءَ جي مندر ۾ پيهي آيا آهن."

" اي ماڻهو، نمي ڪمي پنهنجا سر نوايو، جو اڄ وڏيءَ پوڄا ۽ پرارٿنا جو ڏينهن آهي."

" اي ماڻهو، اگهور سجدا گهوريو، جو اڄ ديوتائن جي دربار سڄي آهي."

سارو مندر گهنڊن، سنکن ۽ پوڄارڻين جي ياترائن جي سريلن آوازن سان گونجي ويو هو. مندر ۾ وينل هزارين ماڻهن جا هشام پنهنجي مهاراجا، مهاراڻيءَ، مهاتمائن، مهاديوين، لڇمڻن ۽ لڇمين جي آجيان ۾ سونن ڪڙن، ٻانهوٽن ۽ ڪنگڻ واريون ٻانهون مٿي آسمان ڏانهن ڦهلائي، ڌرتي ماتا جي انگاس مورتيءَ آڏو وڏا وڏا سجدا گهورڻ لڳا هئا. مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جي اڳواڻي ڪندڙ اُماڙين واريون پوڄارڻيون، پوڄارا پير پرينديون،

مندر ۾ اندلٺ جيان رنگين پڙچن تان هلنديون، ڌرتي ماتا آڌو وڏي گول سونهري پنډال جي چوڌاري گول دائري سان اچي پند پهڻ جيان بيهي رهيون هيون. مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ هٿن ۾ سونا لڪڻ ڪنيو، پنهنجا پٽ پٽهير سون ورنا وڳا جهوليندا، مهاپوڄاريءَ پٺيان تپسيا سان هلندا ماتا ديويءَ آڌو وڏي گول سونهري پنډال تي اچي بينا هئا. سڀ لڇمڻ، لڇميون، مهاديون، مهاتما، جڌ اڳواڻ، راڻا ۽ رکوال، مُکي ۽ ديوان داڙا پنهنجن آسڻن تي گوڏن ڀر تپسيا سان ٻانهون ڦهلائي ٻيهجي ويا هئا. ساري پرجا وڏا وڏا سجدا گهورڻ ڪان پوءِ سون ڪڙن ۽ ڪنگڻن واريون ٻانهون ڦهلايو ماتا ديويءَ آڌو تپسيا سان بيٺي هئي.

هو هو..... هو..... هو هو....، پوڄارڻين سريلا آلاپ ڪيڍي ماتا ديويءَ جي انگاس مورتيءَ کي رنگين لوبان جو واس ڏنو هو ۽ پوڄا – گهر جي رنگين مورتون اُکريل وڏين ويڪرين ڀِهِ ڀِهِ ديوارن ۾ چوڏس رنگين ڌوپ جو دونهون وٺ ڪائي ڦلاريو هو. ساري پوڄا – گهر ۾ هڪ عجيب سمو ٻڌجي ويو هو – جهڙو ڪنهن نو ورني پوڄارڻ جي سرڳ جو سپنو. هاها، اهو هڪ سپنو ئي هو – هن ڌرتيءَ جي سرڳ جو سپنو، هن ڌرتيءَ جي ساٽيهه جو سپنو، هن ڌرتيءَ جي اتهاس جو سپنو. اڄ تائين، هن پولار جي هيٺان اهڙا پورا ناسي بادل نہ ڏنا ويا آهن. جهڙو انهيءَ رنگين ڌوپ جو دونهون.

اڄ تائين، هن آڪاس جي هيٺان اهڙي چانبوٽي رات نہ سجي آهي. جهڙو اهو ڀِهِ – ڀِهِ ٻرندڙ سنجها – سهائو مندر.

اڄ تائين اوپر ڪي اهڙي لاک نہ لڳي آهي، جهڙا اُنهن ماڻهن جا رنگا رنگ ڳاڙها ويس ۽ لال لبيس.

اڄ تائين، هن ڌرتيءَ اهڙا ڦول نہ ڦلاريا آهن، جهڙا انهن موتيءَ داڻن ماڻهن جا ڀهڪندڙ سانورا سلوٽا چهرا،

اڄ تائين، ڪنهن ڍنڍ اهڙو ڪلچ نہ جرڪايو آهي، جهڙو انهن ٻڙين ۽ ٻاين جي نٿن، ٻونن، ٻانهين، هسلين، سون ڪڙن، ڪنگڻن ۽ ڪيوٽين جو چلڪڻ ۽ چمڪڻ.

اڄ تائين، هن وايو منڊل ۾ اهڙو سُر سنگيت نہ جاڳيو آهي. جهڙو انهن پوڄارڻين ۽ ديوداسين جي ياترائن جو آواز. ڊانگ! ڊانگ! ڊانگ!..... گهندن گونجار ڪئي هئي.

ترڙوت..... ترڙوت..... ترڙوت..... سنکن تي ڦوڪ لڳي هئي.

ان ويل. سونهري پنډال تي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جي اڳيان گوڏن ڀر تپسيا سان وينل پوڙهي مهاپوڄاريءَ ڌرتيءَ ماتا جي انگاس مورتيءَ آڌو پنهنجا هٿ ڦهلايا هئا –

" او ڌرتي

او ماتا وڏاتا،

اڄ تنهنجي مندر ۾، ڌاڄ ڌرتيءَ جو ڌڻي، سونمياڻيءَ جو سرواڻ، دراوڙن جو اڳواڻ، سپت سنڌوءَ جو مهاراجا پنهنجيءَ مهاراڻيءَ سميت، پوڄارا پير پري تنهنجي آسڻ آيو آهي. اڄ ان خوشيءَ ۾ سونمياڻيءَ جا ڌهه نٽ راڄ ۽ پنج نٽ راڻيون جنگ ۽ امن جو ناچ ڪندا.

" او ڌرتي،

او شڪتي ماتا، وڏاتا !

سونمياڻيءَ جي مهاراجا کي، جو هن ڌرتيءَ تي امن ۽ اهنسا جو رکوالو آهي، سونمياڻيءَ جي پونءَ مٿان سدا سج جيان روشن رکج. اڄ سونمياڻيءَ جو مهاراجا جيڪي چوي، سو سڀاڄهي ڪن سڄ ۽ سونمياڻيءَ مٿان سولو ڏارو ڏاڄ، جو اسان تنهنجن مندرن جا سينگاريندڙ آهيون، جو اسان هن ڌرتيءَ جي اونده جا اُجاريندڙ آهيون.

" او ڌرتي، او ماتا وڏاتا !

او جنم ورني، جنم يومي، سڀ پوڄا ۽ پڙلاوءَ تو لاءِ آهن. اسين سڀ تو کي سجدو ڪريون ٿا !

" ماتا ديويءَ کي سجدو ڪريو.... ماتا ديويءَ کي سجدو ڪريو ! "

ڊانگ ! ڊانگ !... ترڙوت... ترڙوت... ترڙوت...

سارو مندر گهندن، سنکن ۽ پوڄارين جي آوازن سان گونجي ويو هو. مهاپوڄاريءَ، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ پٺيان ساري پرجا آسمان ڏانهن ٻانهون ڦهلائي، ماتا ديويءَ آڏو سجدا گهورڻ لڳي هئي. وڏي پوڄا پاٺ ڪان پوءِ مهاراجا ۽ مهاراڻي کي ناچ جي پنڊال جي سامهون هڪ وڏي خوبصورت تخت تي ويهاريو ويو. آتم تارا، سڀ لڇمڻ ۽ لڇميون، مهاتما ۽ مهاديويون، جڏ اڳواڻ، راڻا، مکي ۽ ديوان داڙا پنهنجن آسڻن تي ويهي رهيا هئا. ساري مندر ۾ هڪ عجيب سانت ۽ نوائي ڦهلجي وئي هئي. سڀني جون نظرون سامهون وڏي پنڊال جي پردن ڏانهن کڄيل هيون. ۽ پوءِ سارو پنڊال مٽر سنگيت ۽ ڇيرين جي ڇمڪارن سان گونجي ويو هو. وڏي ناچ ۽ ناٽڪ پنڊال جا رنگين جهالون وارا پردا ڇڪجي ويا هئا، ۽ سامهون اُڀري آيو هو هڪ وڏي محل جي آڳنڌ جو ڇهڇٽو.

ڇم... ڇم... ڇم، پوڄا گهر جي مٿانهن ڏيورن جي ڏاکن تان پنج نٽ راڻيون سورهن سينگار ڪيو، پولڪائون جرڪائيندين، پڙا لمڪائيندين، ڇيريون ڇمڪائيندين، اپسرائن جيان هيٺ پنڊال جي آڳنڌ تي لٿيون هيون. سندن مٽماتي نيڻ، ڦوه جوانيءَ جي نشي ۾ اڌ ٻوٽيل هئا. پنج ئي ڄڻيون هڪ ئي ادا سان ڄڻ سپني ۾ هلنديون ٿي ويون.

مکڙن تي موھ ۽ ورونھ وراکا تي ڏنن. پنجن ئي پهرين ڌرتي ماتا ۽ پوءِ مهاراجا، مهاراڻيءَ ۽ ساريءَپرجا آڏو سر نوائي نوڙت ڪئي، ۽ پوءِ چم چم ڪنديون، نرتڪي ادائن سان پنبال تي ڊوڙون پائي، جهمريون هڻي گهر ۽ گهرشتيءَ جو ڇهڇٽو چٽڻ لڳيون.

ڪڏهن پنجن ئي هيج مان جهمريون هنيو، وٺ ڪائيو، جند پيهڻ جو ڇهڇٽو تي چٽيو، ڪڏهن ڪجيو ڪجيو، ناز سان ناڏ ڪيو، توبيءَ تي ڊوڊا تي ٿڦيائون، ڪڏهن سکياڻين سنگهارين جيان ماٽيءَ ۾ مکڻ ولوڙڻ جو نماءُ تي پسايائون، ڪڏهن پاٽياريون ٻڄي، گهاگهرون ۽ چاتيون چلڪائينديون تي ويون، ڪڏهن مکڙن تي مامتا وارو موھ پري، پاٻوهيو پينگهن ڏانهن ڊوڙون پايو، پنهنجن ستل ٻارڙن کي جهومي جهومي جهولا تي جهلايائون، تہ ڪڏهن وري اوچتو وروهڻين جيان نکن تي هٿ نيئي، نيڻن ۾ واجھ وجهي، پنهنجن پيارن جي اوسيئڙي ۾ واٽ نهارڻ لاءِ ڪڙيون مٿي ڪٽي، واٽون تي واجهايائون. پنج ئي جڻ هڪڙيءَ ڪل مان نهيل هيون، جڻ هڪ ئي مالها جا موتي هيون، هڪ ئي واهڻ جون چوليون هيون. پير پير سان، ٻانهن ٻانهن سان، ڳاٽ ڳاٽ سان، چيلھ چيلھ سان تي ورايائون ۽ پنج ئي ڪٺ پتلين جيان خوشيءَ جو ناچ نچنديون رهيون. پير پٽ سان نٽي لڳن. سازن جو پڙالو جئين پوءِ تيئن تکو تي ويو.

ان ويل، پنبال جي مٿانهن ڏيورن جي ڏاکن تان خوبصورت وڻن ۾ ويڙهيل پنج نٽ راج هر ۽ ڏاتا ڪنيو، چم چم ڪندا هيٺ پنبال تي لهڻ لڳا هئا. پنج ئي نٽ را ٽيون ڪين ڏسي، خوشيءَ مان جهمريون پائي مٿانهن ٻلهارجڻ لڳيون هيون. پنج ئي نٽ راج بهار جي مدمست مورن جيان مگن تي، جهمريون پائي مٿانهن پرڻ لڳا هئا. ڪڏهن جوڙو جوڙو تي پاڻ ۾ پيار ۽ خوشيءَ جو اوريان گهوريان ناچ تي نچيائون، تہ ڪڏهن ڏهن ئي گڏجي پنبال تي ڪونجن جي وڳر جيان، طرحين طرحين گول دائرا تي ناهيا. پنج ئي راج ۽ پنج ئي نٽ – راڻيون، پاڻ ۾ ڪجيو ڪجيو، هڪبئي تان اور گهور ٿيو، خوشيءَ جو ناچ نچندا رهيا.

ان ويل، اوچتو ئي اوچتو، هزارين ڀيانڪ آواز ن جو شور پيدا تي ويو هو. ڌرتيءَ جو سينو ڏکي ويو، جڻ ڌرتيءَ تي هزارين نراتما لهي آيا هجن. پنج ئي نٽ – راج ۽ نٽ – راڻيون، وائڙا تي پنبال تي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙون پائي واجهائڻ لڳا هئا تہ هي ڇا جو هُل هلاچو آهي. ان ويل پنبال جي مٿانهن ڏيورن مان پنج وحشي نٽ –راج، باھ جو اُماڙيون ۽ ٻڇ لهرائيندا، خوفناڪ جانورن جيان ڪيڪڙات ڪندا، اونهاڙيون ڏيندا، هنبوچيون هڻندا، هيٺ پنبال تي لٿا هئا. سندن مٿن تي جانورن جون سڱ ٻڌل هئا. ڳچين

۾ هڏن جون مالائون ۽ بت تي جانورن جون کلون اوڍيل هين، ۽ خونخوار چهرا رت سان ٿقيل هئن. نٽ – راٽيون کين ڏسي، خوف کان ڏڪٽيون ٿي، پنهنجن ساٿي نٽ – راجن ڏانهن ڊوڙڻ لڳيون. پوءِ، ساٿي نٽ – راج کين پنهنجين ٻانهن جو سهارو ڏيئي، پنهنجي پنيان لڪائين ٿا، ۽ وحشي نٽ-راجن جي سامهون ٿين ٿا ۽ کين پنهنجي گهر مان ٻاهر نڪرڻ جو حڪم ڏين ٿا. وحشي نٽ-راج ڪروڌ ۾ اچي، پنڊال جي چوڌاري هنبوچيون هٽي، ٻاهيون ۽ ٻڇ لهرائيندا، گجگوڙون ڪندا، مٿن حملو ڪن ٿا ۽ کين ڌڪا ڏيئي، نٽ – راٽين کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا. نٽ-راٽيون

وحشي نٽ- راجن جي ٻانهن ۾ اچي، پاڻ ڇڏائڻ لاءِ پَر – وَس پکيئڙن جيان ڦٿڪن ٿيون. ساٿي نٽ – راج پنهنجين نٽ – راٽين کي ڇڏائڻ لاءِ، چيلهين سان ٻڌل ڏاتا ڪڍي، پنڊال جي چوڌاري گهيرو ڪندا، ڦيرا پائيندا، وحشي نٽ- راجن مٿان حملو ڪن ٿا. ڏسندي ڏسندي، ڏهن ئي نٽ-راجن ۾ وڏي خوفناڪ مهاڀاري جنگ جاري ٿي وڃي ٿي ۽ پينگها ڪِريو پون. مَٿ ۽ مانوڙا اوندا ٿيو وڃن ۽ ساري پنڊال کي باھ لڳي وڃي ٿي.پنج ئي نٽ- راٽيون، جنگ جي ڌهڪاءَ کان ڇِتا ڪولي، آسمان ڏانهن ٻانهون ڦهلائي، لڪي ۽ گوڏا ڪٽيينديون، پٽڪارو ڪنديون،پنڊال جي چوڌاري ڦرنديون، گهوماٽيون ڪائينديون ٿيو وڃن. وڏيءَ خوفناڪ جنگ کان پوءِ، ساٿي نٽ-راج، پنجن ئي وحشي نٽ-راجن کي پنهنجي گهر مان هڪالي ڪڍن ٿا. پنج ئي نٽ-راٽيون ڪجهه دير تہ ائين ئي پنڊال جي چوڌاري گهوماٽيون ڪائينديون، چڪرائينديون ٿيون رهن. ساٿي نٽ- راج تيزيءَ سان جهمريون پائيندا، کين سهارو ڏين ٿا. پنج ئي نٽ- راٽيون جڻ سامت ۾ اچيو ٿيو وڃن. ڏھ ئي گڏجي پنڊال تي ٻرندڙ آڳ اُجهائين ٿا، مَٿ مانوڙا ۽ پينگها سڌا ڪن ٿا. نٽ- راٽين کي جڻ نئون جنم مليو آهي. مکڙن تي وري اها ساڳي مرڪ، موھ ۽ وروڻهہ ڊوڙي آئي اٿن. پنج ئي، ڊيلن جيان پنهنجا ڳاٽ ناز مان لوڏي، پنهنجن ساٿين جي چوڌاري پرن ٿيون. ڏھ ئي پاڻ ۾ هڪٻئي مٿان اور گهور ٿيو. ڪونجن جي وڳر جيان طرحين طرحين دائرا ناهيو. خوشيءَ جو ناچ نچن ٿا. سازن جو پڙالو جيئن پوءِ تيئن تيز ٿيندو وڃي. ۽ پوِ ڏھ ڪٺ- پتلين جيان گول دائرو پائيندا، خوشيءَ جو ناچ نچندا، مهاپوڄاريءَ مهاراجا، مهاراڻيءَ ۽ ساري پرجا جي آڳيا ۾ ادب سان هٿ ٻڌندا، سر نوائيندا، چم چم ڪندا، ٽڪڙا ٽڪڙا پنڊال جي ڏاڪن تان گم ٿي وڃن ٿا.

ڊانگ !... ڊانگ !.... مندر جا سڀ گهنڊ يڪا گونجڻ لڳا هئا. ڪن لاءِ جڻ سارو پيٽو مواس تي ويو هو، ماتا ديويءَ جي مورتيءَ جيان پنڊ پهڻ تي ويو هو.

مهاپوڄاري جي ڇهري تي جُڳن جا گهنج ويتر گهرا ٿي ويا هئا. مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جڻ سُن ۾ اچي ويا هئا. ليڇمڻ ۽ ليڇميون سڀ خاموش هئا. چوڏس پوڄا – گهر ۾ جڻ گهري سانت ۽ سوچ ٻوڙي وئي هئي. اڄ نٽ – راڻيون ۽ نٽ – راڄ پنهنجين نرتڪي ادائن سان وڏا ڳجهه ڳرهي ويا هئا، وڏيون ڳجهاندر ڳالهيون ڪري ويا هئا.

ان ويل، مهاراجا هڪ وڏو اونهو ساهه پري پنهنجي آسڻ تان بيچين ٿي اُٿيو هو. ڏيرج سان، هوريان هوريان پوڄارا پير پريندو، گول سونهري پنڊال تي آيو هو. مهاراڻيءَ به سندس پنيان هلندي، سونهري پنڊال تي اچي ماتا ديويءَ آڏو وڏي سجدي ۾ پئجي وئي هئي. سندس اڳيان گوڏن پر بيٺل مهاراجا، ماتا ديويءَ جي انگاس مورتيءَ آڏو ڪنڌ مٿي ڪٽي، پنهنجون ٻانهون سرڻ جيان ڦهلائي ڇڏيون هيون، ۽ ساري پوڄا- گهر ۾ سندس چنگ جهڙو گنڀير آواز گونجڻ لڳو هو ؛

" او ڌرتي، او ماتا وڌاتا ! تون آدجڳاد ڪان آهين، هن ڌرتيءَ تي جو ڪجهه آهي، سڀ تنهنجو ڪرشمو آهي.

" پراڻي ڪال ۾،

جڏهن اسين ڪين هئاسين،

جڏهن هن ڌرتيءَ تي خوفناڪ درندن جو راڄ هو،

جڏهن دنيا هڪ ويران جهنگ هئي،

تڏهن،

پنهنجي شيوا لاءِ،

تو پنهنجيءَ ڪنواري ڪُک مان اسان کي ڄڻيو،

۽ اسين تنهنجي سيني تي ٻاندرن جيان ٻانبڙا پائڻ لڳاسين ؛

اِهو اسان جي پيدائش جو اتهاس آهي.

"تڏهن اسين انگ اگهاڙا هئاسين،

تڏهن اسين وڻواند رولو هئاسين،

جانارن جيان ڪچو ماهه ۽ مڇيون کائيندا هئاسين

اِهو سڀ ناد ۽ نگد جو لکيو آهي ____

ويد انادي آهن.

" تڏهن اسين جُڳن جا جُڳ،

خوفناڪ جهنگلي جانارن ۾ ڦاتل هئاسين،

Gul Hayat Institute

اسين خوفناڪ سناٽي سمنڊ جي ويران ۾ قاتل هئاسين،
اسين خوفناڪ برفاني طوفانن ۾ قاتل هئاسين،
۽ اسان جي سرن مٿان پرندڙ جبلن جون وڄون ڪرنديون هيون،
اسين جُڳن جا جڳ ساهه ٽڪائڻ لاءِ
سٺوپرين جاين جي تلاش ۾ نراتمائن جيان ڀٽڪندا رهياسين.
" او ڌرتي، او ماتا وڏاٽا !
تڏهن تو اسان کي سُپت سنڌوءَ جي واٽ سئنهائي،
جا گلن ۽ ڦلن جي ڦلواڙي هئي،
جنهن جي ويڙهين ۽ ولهارن ۾ گايون ۽ ٻڪريون،
هرڻ ۽ ڦاڙها، مينهون ۽ سهڙ ا چري رهيا هئا،
اسين گروهن ۾ ونڊجندا،
خوفناڪ جهنگ ۽ رڻ پٽ جهاڳيندا،
خوفناڪ جانورن سان جنگيون ڪندا،
آڏو لَڪ لتاڙيندا،
سنڌوءَ جي ڀلاري ڀونءِ تي آياسين،
جا ڌرتيءَ جو سرڳ هئي،
۽ اسان سنڌوءَ جي ڀهاڙن ۽ لڪن کي پنهنجي اوٽ ۽ اجهو بڻايو :
جتي امن امان هو، سک ۽ سانت هئي.
" پراڻي ڪال ۾،
هن ڌرتيءَ تي جنهن ودوان ڪڳانئون جهوپو ناهيو هو،
۽ سنڌوءَ ڪناري ٻج ڇٽيا هئا،
اُهو اسان جو وڏو ڀيءُ شِوَ مهاراج هو،
هن بيک ديوتا کي پنهنجو دوست ناهيو،
۽ ان تي سواري ڪئي -----
اهو سڀ تنهنجو ڪرشمو هو :
۽ اسان شِو ۽ بيل ديوتا جي پوڄا ۽ شيوا ڪئي.
" پراڻي ڪال ۾،
هن ڌرتيءَ تي سڀ کان پهرين جنهن منڊ ڦيش ڪُتي واڻ وٽيو هو،

Gul Hayat Institute

ڪپهه جي گوگڙن مان سُٽ ڪتيو هو،
پنهنجو سر ڍڪيو هو،
جنهن سڀ ڪان پهرين گئو ماتا جي پيرن ۾ ڊِنگ ٻڌو،
۽ ڏڪندي ڏڪندي گوهن سان ٻُڪ ۾ ان جو ڪير پيتو،
اُها اسان جي وڏي ماءُ پاربتي هئي ؛
۽ اسان سان پاربتي ۽ گئو ماتا جي پوڄا ۽ شيوا ڪئي.
" او ڌرتي،
او شڪتي ماتا، وڌاتا !
اسين هن ڌرتيءَ تي سڀ ڪان اڳهانهان آهيون:
اُهي اسين هئاسين، جن هن ڌرتيءَ تي ڌڻ ڌاريا هئا،
اُهي اسين هئاسين، جن هن ڌرتيءَ تي واڻ وٺيا ۽ سُٽ
ڪتيا هئا ۽ چرخا چوريا هئا، اُهي اسين هئاسين، جن هن
ڌرتيءَ تي گپ ۽ گاري سان ننڍڙا گهروندا ٺاهيا هئا،
اُهي اسين هئاسين، جن هن ڌرتيءَ تي ٻلن ڍڳن سان
هر جوٽيا هئا،
او ڌرتي، او ماتا وڌاتا،
هيءَ وهندڙ جل ڌارا، سندوءَ،
انهن ڳالهين جي راکي ۽ ساکي آهي،
تو کان ڪجهه لڪل ڪونهي؛
اِهو هن ڌرتيءَ جو اِتهاس آهي !
" او ڌرتيءَ، او ماتا وڌاتا !
هن ڌرتيءَ تي جو ڪجهه آهي،
اسان جي محنت جو ڦل آهي،
اسان هزارين سالن جي محنت ۽ جاکڙن سان هن ڌرتيءَ تي هر جوٽيا،
سرن جا بنا ٺاهيا،
وڏين وڏين راڄڌانين جو بنياد وڌو،
۽ سپت سندوءَ جي ويران جهنگن کي ديوتائن جي ڌرتي بنائي ڇڏيو !
" او ماتا وڌاتا !

Gul Hayat Institute

اسين اجان بہ ويرين وچ ۾ آهيون ---
آريا اسان جا سڀ کان وڏا ويري آهن.
آريا اٽسٽريل ۽ جهنگلي آهن،
ٻُتن تي جانورن جون کلون اوڍين ٿا،
ڳچيءَ ۾ هڏن جون مالهائون پهرين ٿا،
هنن وٽ وڙهڻ لاءِ لوهي هٿيار ۽ سورايءَ لاءِ تکا سيگهڙو[13] آهن.
هو سدائين سُتي لوءِ اسان جي وسندين تي ڪاهون ڪن ٿا،
ڇتن ڪتن وانگي اونهاڙيون ڏيئي، اسانجين ڪيتين ۽ وسندين کي باهيون لڳائين ٿا.
" اسان ڪيئي پيرا آرين سان وڏيون جنگيون ڪيون،
هنن جا وڏا سردار مارياسين ۽ قيد ڪياسين،
۽ آريا اسان جي پيش پيا.
اسان ڪين جيئدان ڏنو،
ان لاءِ تہ اسان جو ڌرم ڪميا،
تپسيا، اهنسا، ديا ۽ دان آهي،
اسين هن ڌرتيءَ تي امن ۽ امان چاهيون ٿا،
اسان آرين ڏانهن دوستي جو هٿ وڌايو،
اسان آرين کي ڪيا ۽ وروونا وارا پٽ ورهائي ڏنا.
ان لاءِ تہ آريا ديش ۾ برف پوي ٿي،
اُتي اناج نٿو لڳي ؛
اسان آرين سان وڏا وڙ ڪيا.
" او ڌرتيءَ، او ماتا وڏاتا !
آرين وري، منهن ڪڍيو آهي،
آرين وري ڪَر ڪنيو آهي،
آريا وري وڏيءَ ويڙهاند جون سٽون سٽي رهيا آهن،
ان لاءِ تہ آريا اگنيءَ[14] جا پوڄاري آهن،

---

[13] سيگهڙو : گهورا

[14] اگني : آرين جي سڀ کان وڏي ديوي يا ديوتا، جنهن هندستان تي حملو ڪري، وسيہ قوم جي ماڻهن جون وڏيون نگريون، باهيون ڏئي، مسمار ڪري ڇڏيون هيون.

Gul Hayat Institute

جا آڳ جي ديوي آهي،
جا ننگريون ناس ڪندڙ آهي،
جا قلواڙيون ويران ڪندڙ آهي،
اگني ۽ آريا لويي ۽ اهنڪاري آهن،
هنن جي متي ۾ ڪروڌ ۽ جنگ پريل آهي،
هنن جون اکيون اسان جي راڄ – رتولن ۽ رنگ – محلن ۾ ڪُتل آهن،
هو اسان جو الهو تلهو ٻهارڻ چاهين ٿا !
" او ڌرتي، او ماتا وڏاتا !
اسان هزارين سالن جي محنتن ۽ جاڳرڻ سان هن ڌرتيءَ کي سينگاريو آهي،
هنن رنگ – رتولن، راڄ – محلن ۽ راڄڌانين کي جنم ڏنو آهي
اسين جهنگلي آرين هٿان پنهنجي سندر سپيتا کي مٽجڻ ڪو نه ڏينداسين.
اسين آرين سان جنگ ڪنداسين !
اسين آرين سان وري وڏاندري ويڙهه ڏينداسين :
اسين وڙهنداسين، ستادرو، پروشني، وستنا، اسڪني
ڪرومر، سويتيءَ ۽ سنڌوءَ لاءِ،
اسين وڙهنداسين، هن سرڳ سمان دراوڙن جي ڌرتيءَ لاءِ،
اسين وڙهنداسين، پوڄارن ۽ پوڄارڻين لاءِ،
اسين وڙهنداسين، پنهنجن اوڏن ۽ اوسارن لاءِ،
اسين وڙهنداسين، سون ورنين سوڍين لاءِ،
اسين وڙهنداسين، پنهنجن هندورن ۾ لڏندڙ ٻارڙن لاءِ،
اسين جنگ ڪنداسين، هن ڌرتيءَ جي امن ۽ اهنسا لاءِ،
" او ڌرتيءَ، او ماتا وڏاتا !
اسان کي جنگ جي آگيا ڏيج،
سونمياٽيءَ مٿان سولو ڏارو ڏاريج،
۽ آرين مٿان اسان کي سوڀيارو ڪريج،
جو اسين تنهنجا پوڄارا آهيون،
جو اسين هن ڌرتيءَ تي امن ۽ اهنسا جا رکولا آهيون،
جو اسين هن ڌرتيءَ جي اوندهه جا اُجاريندڙ آهيون.

Gul Hayat Institute

" او ڌرتي، او ماتا وڏاتا !
او شڪتيءَ ۽ مُڪتي جي ديوي !
او جنم ڀومي، جنم ورني !
سڀ پوڄارا ۽ پڙلاوَ تو لاءِ آهن.
آءُ سونمياٽيءَ جو مهاراجا،
پنهنجي مهاراٽيءَ، لڇمڻ، لڇمين ۽ ساريءَ پرجا سان، تنهنجن چرنن ۾ سجدو ڪريان ٿو."

ڏانگ ! ڏانگ ! ڏانگ !.... پوڄا – گهر جا سڀ گهنڊ گڏ گونجارڻ لڳا هئا.
ترڙوت... ترڙوت.... پوڄارين سنکن تي ڦوڪ ڏني هئي. چوڏس پوڄا- گهر جي ديوارن ۾ رنگين ڌوپ جي دونهين جا بادل ڦُلاريا هئا. سارو مندر پوڄارڻين جي سريلن آوازن سان گونجي ويو هو. مهاراجا ۽ مهاراٽيءَ پنيان سڀ لڇمڻ ۽ لڇميون، مهاتما ۽ مهاديويون، جڏ اڳواڻ جنگي جوانڻ ۽ رکوال، مکي ۽ راڻا، ديوان ۽ داڙا، پوڄارا ۽ پوڄارڻيون، آسمان ڏانهن ٻانهون ڦهلائي، ڌرتي ماتا آڏو وڏا وڏا سجدا گهورڻ لڳا. ان رات، سڄي رات ماتا ديويءَ جي مندر ۾ ماتا ديويءَ، شِوَ ۽ پاربتي جي پوڄا ٿيندي رهي.ماڻهو پنهنجين ديوين ۽ ديوتائن مٿان پيئون چاڙهيندا رهيا.
جُڳن کان هن ڌرتيءَ تي جنگ جو ڏونڪو وڄي رهيو آهي، وڄندو رهندو !
جُڳن کان هن ڌرتيءَ تي موت جي جنگ جاري آهي، ۽ جاري رهندي !

سونمياٽيءَ جي وايو منڊل ۾ وري جنگ جا پيڙ وڄڻ لڳا هئا. وري وڏاندر ويڙهه جو غُرغلو متو هو. هن واري ان ڌرتيءَ کي اها آڳ پنهنجي هٿان ئي لڳي هئي. ٽامي جو راجا ديوداسا، ڳُجهه ئي ڳُجهه ۾. ماٺ منيءَ سان، آرين سان ملت تي ويو هو. هو آرين جي مهاديوي اگنيءَ اڳيان جهڪي ويو هو، ان لاءِ ته راجا ديوداسا جي ماءُ آرياٽي هئي، ۽ اگنيءَ جي پوڄارڻ هئي. هن آرين کي ستادرو، پروشنيءَ وسستا، سويتيءَ ۽ ڪرمون جي ڌارائن تي پڙاءَ وجهڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي هئي، ۽ آريا ٽامي جي پنجن ئي ڌارائن کي ماڪڙ جيان ورائي ويا هئا. سڀ ٻر پٽ، جهر جهنگ، آرين جي بيشمار گروهن ۽ ٽولن سان ڏينين جي ماناري جيان جهنجهجي ويا هئا. الائي ڪهڙي ڳالهه تي هرڪجي، الائي ڪهڙي ڌهڪاءَ کان ڏڪي، ٽامي جي راجا سونمياٽيءَ جي مهاراجا جي حڪمن جي پيچڪڙي ڪئي هئي، ۽ ماٺ منيءَ ۾ ڌارين سان پنهنجي ڌرتيءَ جو سودو ڪيو هو. ۽ اڄ ٽامي ۽ سونمياٽيءَ جون

سرحدون ﺑﻪ اڏ تي، هميشہ هميشہ لاءِ هڪبئي کان جدا ٿي ويون هيون. ستادرو، پروشني، وسستا، سويتي، ۽ ڪرمون هميشہ هميشہ لاءِ سنڌوءَ کان ڇڄي ويون هيون. هڪ ماڻهو ڪڏهن پنهنجي ساري ڪٽنب ۽ ساري ملڪ کي لوڙهي ڇڏيندو آهي، ۽ هڪ ماڻهو ڪڏهن پنهنجي سڄي ڪٽنب ۽ ملڪ کي تاري ڇڏيندو آهي. ها، ها، جُڳن کان هن ڌرتيءَ تي ائين ٿيندو رهيو آهي. ٿامي جي راجا نہ رڳو سونمياٽيءَ جي مهاراجا جي دل آزاري هئي، لڇمڻ، لڇمين ۽ پوڄارين کي رنجايو هو، پر هن پاڻ سان گڏ سڄي سنڌوءَ کي موت جي دروازي تي آڻي بيهاريو هو. سنڌوءَ جي اڏول سپيتا جي پُڄاڻي جا سنک وڄڻ لڳا هئا. هو جي راتاها هٽندڙ ست ڌاريا آيا هئا، ڪنهن ﺑﻪ ڳالهہ تان اڙي سگهيا ٿي، پنهنجن وچنن تان ڦري سگهيا ٿي. ڏينين جي ماناري مان منڻي ماڪي ڪڏهن ﺑﻪ نہ جڙي آهي. ٻگهڙ جي ٻچي ۾ ڪڏهن ﺑﻪ ڇيلڙي وارو گُڻ نہ پيدا ٿيو آهي. باهہ ۽ پاڻيءَ جو سنگم ڪڏهن ﺑﻪ نہ ٿيٽو آهي. تنهن ڪري، سونمياٽيءَ جي مهاراجا ٿامي کان سونمياٽيءَ جون سرحدون هڪدم جدا ڪري ڇڏيون هيون، سنڌوءَ جي سرحدن جي سنيال ۽ رکواليءَ لاءِ سونمياٽيءَ جي راڄ- رکوال، لڇمڻ ڄام سرواڻ، وڏو ڪٽڪ وني سنڌوءَ جي سرحدن تي ڪلا ڪوڙي ڇڏيا هئا، حد بندي ڪري ڇڏي هئي. سونمياٽيءَ جي ڪٽڪ جا هزارين جنگي سورما، راڻا ۽ رکوال، ڪڙڳ ڪلول، ڪات، ڪرٽ ۽ ڀالا ڪڻي، سنڌوءَ جي سرحدن تي رات ڏينهن گشت ڪرڻ لڳا هئا. سونمياٽيءَ جي مهاراجا دور دور سنڌوءَ جي راڄڌانين ڏانهن پنهنجو گهوڙا ۽ ٻيڙا ڊوڙايا هئا. ساري سنڌوءَ ۾ هنڌين ماڳين جنگ جي هڪل هئي، ڊوڙون ۽ ووڙون هيون. هر طرف جنگ جو پير وڄي رهيو هو. پنهنجي ديس جي رکشنا ۽ شيوا لاءِ سنڌوءَ جي دور دور وسندين مان ڳاڙها ڳيرو، سونمياٽيءَ جي سنڌو- گهاٽ تي اچي، ڪِڙڳ ڪلول، ڀالا ۽ ٻڇ، ڪات ۽ کهاڙا گهڙي، ڌرتي ماتا جي وڏيءَ مورتيءَ آڏو سنڌوءَ جي مٽيءَ جو تلڪ نرڙ تي لڳائي، پنهنجن سرن جي هاڻ هٽڻ لڳا هئا، ۽ آرين سان برميچڻ لاءِ سنڌو- گهاٽ جي وڏي آڪاڙي واري ميدان ۾، سکت لاءِ، ملاکڙا ۽ ٻِلهاڙا ڪرڻ لڳا هئا. هزارن جا ٽولا ناهي، ڀالن ۽ ٻڇين جي راند ڪرڻ لڳا هئا.

سارو سنڌو- گهاٽ جنگ جو آڪاڙو ٻڻجي ويو هو. سنڌو- گهاٽ جي وڏي پتڻ تان روز سوين جنگي جوپ جواڻن جا هوڙها ۽ ٻيڙا، پنهنجا رنگين سڙهہ جهوليندا، جهجهي زور جئندا، هِلورا کائيندا، سنڌوءَ جي سرحدن جي رکوالي لاءِ وڌڻ لڳا هئا. پنهنجي وطن جي سورهيہ سورمن، راڻن ۽ راجپُتن، سوڍن ۽ سُپر ڄامن کي پتڻ اُڪارڻ لاءِ سنڌو- گهاٽ تي هزارين ٻارڙا، ٻايون ۽ دايون، ڪنواريون توڙي سهاڳڻيون، لڇميون توڙي ديوداسيون،

پوجارڻيون توڙي آتڻ هاريون، مهاديويون توڙي لاهياريون، روز نوان نوان سينگار ڪري اچڻ لڳيون هيون. مائرون پنهنجن پٽن لاءِ، ڀينرون پنهنجن ڀائرن لاءِ، ڪنواريون پنهنجي گهوٽن لاءِ، سهاڳڻيون پنهنجن مڙسن لاءِ ۽ سُرتيون پنهنجن سَرتن لاءِ، دادلي درياهه ۾ پُڪا وجهي، سڪائون باسڻ لڳيون هيون. روز دادلي درياهه جي لهرن مٿان سُڪائن جا سهسين ديپ روشن ٿيندا هئا. جنگي سورمن لاءِ هو اوچا ڪاچ آٽيندڙيون هيون. هر ڀينر پنهنجي ڀاءُ سان، ڪامڻي پنهنجي ڪانڌ سان، ماءُ پنهنجي پٽ سان، ۽ سُريت پنهنجي سرتي سان ڀاڪر پائي ملندي هئي. نيڻن ئي نيڻن ۾ جُڳن جون ڳالهيون ٿينديون هيون. وڇوڙي ۽ ويراڳ جي لوري لڳندي هئي. ۽ پوءِ، جڏهن ناڪئا ڪوها ڪولي، سڙهه سبياري، ڀڳهه چوڙي، وڏي واڪي سان هوڙهي هلائڻ جو حڪم ڏيندا هئا، ته ڪين آشيرواد ڏيڻ لاءِ هزارين ڏڪندڙ، ٻيچين، ٻانهين پريل، ٻانهون هوا ۾ لهرائڻ لڳنديون هيون. نيڻن جي ڳچين مان لڙڪن جا هار ڇجي، داٿو داٿو ٿي ويندا هئا. ڪيتريون مائرون، ڪيتريون ڀينرون، ڪيتريون سهاڳڻيون ۽ سُريتون، ٻيچين ٿي، هوڙهن پنيان ڊوڙي پونديون هيون. هزارين آوازن جو پڙلاءُ پيدا ٿي ويندو هو.

وجو وجو، ٻُرن تي ٻڇ ڪريو !

وجو وجو، دشمنن سان سينا ساهيو !

وجو وجو، ويرين کي ڀالا هڻي، ڀاڪرين پئو !

وجو وجو، ڌرتيءَ جو ڪاڌو پيتو ملهايو !

وجو وجو، ماتا ديويءَ تان سر گهوريو !

سونمياڻيءَ ۾ جڏهن هڪ ڀاسي وڏيءَ ويڙهاند جون تياريون ٿي رهيون هيون، ته ٻئي پاسي وڏي ڌام ڌوم سان سونمياڻيءَ جي لڇمڻ، مهاويد آتم تارا جي شاديءَ جا سانباهه ٿي رهيا هئا. سونمياڻيءَ جي سيني راڄڌانين جي راجائن کي پنهنجن ٻيڙن ۽ گهوڙن سميت دعوت ڏني وئي هئي. اڄا سنجهي جا ستارا مس چمڪندا هئا ته سارو راڄ- رتول شهنائن دهلن ۽ دمامن جي آوازن سان گونجي ويندو هو. سڄو راڄ رتول رنگا رنگ، سازهين، پَڙن ۽ پولڪائن سان ويڙهيل لڇمين، نازڪ نارين، پوڄارڻين، ڳائڻين، نٽ- راٽين ۽ آتڻ هارين سان جهنجهجي ويندو هو. هڪ پاسي نهار ته نٽ- راٽيون ناچ پيون ڪن ۽ نينگريون دهلڙيون وڄايو سهرا ۽ لاڏا پيون ڳائين، ته ٻئي پاسي سونمياڻيءَ جون برڪ آتڻ هاريون سُٽ پيون ڪتين، گهوٽ ۽ ڪنوار جي وهانءَ جي جوڙن تي اوچا پرت پيون پرين، اوٿيون

پيون ڏين، ڪارچن تي اڳٺ، سَڳيون، جهاپا ۽ جهولڻا پيون ناهين ۽ ٺئين پاسي وري سون- ورنيون سوڊيون، پلنگن، پٽراٽين ۽ پالڪين تي وينيون،اوچا ڪاڏا ڪايو، پاڻ ۾ ڪيڪارون ڪريو، منڊل ۽ مارڪا پيون ڪن.

سج چڙهيو ٿي، سج، ڍريو ٿي. سونمياڻيءَ ۾ جنگ جي پير سان گڏ خوشيءَ جون شرنايون وڄنديون رهيون....

انهيءَ رات، دونهاٽيل ٽُپ ۾ سَتاڙي جو چنڊ ٻڏير ۾ هو. اڄ سونمياڻيءَ جي گهوٽ آتم تارا کي ستاڙي جي ميندي لڳڻي هئي. راڄ- رتول ۾ وڏيون وڏيون خوشيون پئي ملهايون ويون. سڄي راڄ- رتول ۾ گهوٽ جون پچائون هيون. ان ويل، آتم تارا، دهلن ۽ شرناين جي آواز ڪان پري، سنڌوءَ- گهاٽ جي هڪ مٽانهينءَ ماڙيءَ جي ڇت مٿان، ڪجهه اُداس ۽ اوماس، الائي ڪهڙين سوچن ۾ وهلور، موڳاٽو بينو هو. جنگ جو پير وڄي رهيو هو. ستاڙي جو چنڊ ٻڏ- تر ۾ هو. سنڌو-گهاٽ تي هوڙهن جا رنگين سڙهه پلن گهوڙن جيان دنگي رهيا هئا. جنگي اڪاڙي ۾ جُنگ جوانڻ پالن ۽ ڏڦن سان هڪٻئي تي وار ڪري رهيا هئا. رنگين وڳن ۾ ويڙهيل ناريون چوڏاري سنڌو- گهاٽ پئي آيون ۽ ويون. ڪن پنهنجن جُنگ جوانڻ کي اوچا ڪاڏا پئي ڪارايا، ته ڪن دادلي درياهه ۾ پُڪا وجهيو پوڄا پئي ڪئي. هو بيچين نيڻن سان سنڌو – گهاٽ جي اُتانهينءَ ڇت تان اهو سيڪجهه ڏسندو رهيو. هيٺ درياهه شاهه جي بچاءُ بند تان، سونمياڻيءَ جي هڪ هارن سان جهنجهيل سهڻي ڳائڪا، دنبورو ۽ ڪڙتال هٿن ۾ ڪنيو، وڏي واڪي، پنهنجي اوچي آواز سان سوين ماڻهن جي ميڙ اڳيان ڳائي رهي هئي :

جُڳن کان هن ڌرتيءَ تي جنگ جو ڏونڪو وڄي رهيو آهي، ۽ وڄندو رهندو،
جڳن کان هن ڌرتيءَ تي موت جي جنگ جاري آهي،
۽ جاري رهندي،
هو ڏسو،
منهنجي ديس جي ڪوپن ڪانڌن پنهنجا ٻڇ هوا ۾ لهرايا آهن :
هو هن ڌرتيءَ جا پُٽ آهن،
۽ آءُ انهن جي لڄ آهيان !
هو منهنجو ننگ سجاڻيندا،
هو مون تان سر گهوريندا،
جُڳن کان هن ڌرتيءَ تي جنگ جو ڏونڪو وڄي رهيو آ،

Gul Hayat Institute

۽ وڄندو رهندو !
هو ست ڏاريا جڏهن ٻه ايندا،
سڻون ڏيئي منهنجا ڳهڻا لاهيندا ؛
ٻانهون ڪارائين ڪان نڪري پونديون،
نڪ مان ناڪيلي وهندي، ۽ ڪن ڇڄي پوندا ؛
آءُ هن ڌرتيءَ جي ڌيءُ، دانهيان ٿي،
منهنجو ننگ سجاڻو !
او ڳهاتوا ! وڄو، وڄو،
ويرين سان سينا ساهيو،
ڌڙ ڌڙن مٿان اُڇلايو،
ڳها ڳهائي ڳها ڳهائي سر ڳهوريو ؛
وڄو، وڄو ؛
جنگ جو ڏونڪو وڄي رهيو آهي ؛
هيءَ مرڻ مارڻ جي ويرا آهي،
ياجوڪڙ ٻڏجي، ٽري ٽارو نه ڪجو،
ڳٽي ڳٽي سيني ۾ مهميزون سهجو،
پُٺي نه ڏجو !
آءُ اوهان جي لڄ چوان ٿي ؛
او ڳهاتوا ! وڄو، وڄو،
ٻُرن تي ٻڇ ڪريو ؛
جنگ جو ڏونڪو وڄي رهيو آهي !
آءُ پنهنجا ڳوڙها پي ويندس،
اوهان جي وڇوڙي جو سور سهي ويندس،
اوهان مان ڦٽبو،
آءُ ڦٽن تي لپڙيون ٻڌنديس،
اوهان مان جيڪو ڪُسبو، آءُ انهيءَ جا گيت ڳائيندس ---
منهنجا گيت انادي آهن،
آءُ سِرن جي سَين هٽان ٿي ؛

Gul Hayat Institute

او گهاتوا ! وجو، وجو،
جنگ جو ڏونڪو وڄي رهيو آهي !
جُڳن کان هن ڌرتيءَ تي موت جي جنگ جاري آهي،
۽ جاري رهندي !

جنگ جو ڏونڪو وڄي رهيو هو. ڳهٽن سان جهنجهيل ڳائٽي، هڪ هٿ سان دنبور ۽ ٻئي هٿ سان ڪڙتال وڄائيندي، وڻجارن ڳائيندي هلندي ٿي وئي. هن جا ڪاتيءَ کان تکا اوچا سُر، اجا تائين هوائن جي ڇاتيءَ ۾ چير وجهندا ٿي ويا. پري پري تائين بچاءَ بند تان اُباٽڪيون، ڪجهه هيسيل ۽ هراسيل ناريون، پوڙها ۽ ٻار، اچي وڃي رهيا هئا. دادلي درياهه ۾ لُڇ پُڇ هئي. ستاڙي جو چنڊ دونهاٽيل نپ جي ساگر ۾ ٻڏ- تر هو، ۽ آتم تارا ٻه ڪنهن گهڙيءَ سوچ جي ٽٻيءَ ۾ پئي ٻڏيو ۽ تريو.... ۽ پوءِ، ڇت مٿان چار ديوداسيون آيون هيون، ڇئني ادب سان سندس آڳيا ۾ سر نوايا هئا :
" مهاديو، اوهان کي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ گهرايو آهي." آتم تارا ڪنڌ ڪٽي ڏانهن ڏٺو، ۽ چپ چاپ سندن پنيان هلڻ لڳو.
سنڌو- گهاٽ جي هڪ وڏي اُتانهين جهروڪي ۾ جنگي ودوانن ۽ اڳواڻن جو ميڙو متل هو. هڪڙا آيا پئي ته ٻيا ويا پئي. ڪي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا، ڪي پٽين تي ٽنگيل وڏن وڏن رنگين پڙچن تي اُڪريل سنڌوءَ جي نقشن مٿان اُيا بيٺا، مٿاڪُٽ ڪري رهيا هئا. سونمياڻيءَ جو مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ سونهري تختن تي براجمان هئا. آتم تارا، ديوداسين سان گڏ، اُتانهينءَ ماڙ جي ڏاڪن تان لهي، وڏن وڏن پنڌالن ۽ ايوانن تان ڦرندو، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جي جهروڪي ۾ آيو، ۽ نهايت ئي ادب سان گوڏن ڀر مهاراجا آڏو هٿ ٻڌي بيٺو. مهاراجا ڪيس ڏسي، پريل ۽ ڳري آواز سان چيو :
" لڇمڻ آتم تارا، هن چنڊ جي چوڏهينءَ رات تنهنجي شادي آهي. چنڊ جي ڏهين تاريخ تي ڪنوارين جي ڇڄ اچڻي آهي. اڄ ستاڙي جي رات آهي. اڄ اوهان جي هٿن تي وهانءَ جي پهرين ميندي لاٽي ويندي. راڄ- رتول ۾ لڇمين اوهان کي گهرايو آهي."
مهاراجا جي ڳالهه تي لڇمڻ آتم تارا پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو. گنڀير ۽ نماڻي آواز سان چيائين : " مهاراج، اڄ جڏهن سونمياڻيءَ جا سڀ سورما ڀالن ۽ ٻڇن سان رانديون پيا ڪن، ته آءٌ پنهنجن هٿن کي ميندي ڪيئن هڻندس؟ اها شادي پوءِ ٻه ٿي سگهي ٿي."

آتم تارا جي ڳالھ تي مھاراجا غور سان سندس چھري ۾ نھاريندي چيو : " لڇمڻ، اوھين ڇا پيا چئو، دنيا جي ڪا بہ طاقت اسان جي در تي آيل خوشين جي دھلن کي موتائي نہ سگھندي. آرين سان جنگ اسان لاءِ ڪا نئين ڳالھ ڪانھي، اھا جنگ جڳن کان جاري آھي. جي آرين سان اسان کي جنگ ڪرڻي پئي تہ ڪنداسين. جنگ، جنگ جي ميدان ۾ ٿيندي. تنھنجي شادي بہ ٿيندي، تنھنجي ھٿن تي ميندي بہ لڳندي ۽ تنھنجن ھٿن ۾ ٻڇ بہ ڏنو ويندو. اسان اوھان جي شاديءَ ۾ ڪوٽ ديجي، ششي ٿان[15]، شيواديجي[16]، راجستان، ڪڇ يج ۽ پاتال بندر[17] جي راجائن کي گھرايو آھي. اسين ماٺ منيءَ ۾ ساڻن کي ڳالھيون ڪنداسين. اوھين ھنن ديوداسين سان گڏجي ھڪيا راڄ- رتول پڄو. راڄ- رتول ۾ لڇميون اوھان جي واٽ نھاريندڀون ھونديون."

جو حڪم، مھاراج !" آتم تارا ادب سان مھاراجا ۽ مھاراڻيءَ آڏو پنھنجو ڪنڌ جھڪايو، ۽ ديوداسين سان گڏجي راڄ- رتول ڏانھن وڃڻ لڳو.

امر آھي اھا ڌرتي، جنھن کي پنھنجا سورھيہ سرويچ پھلواڻ آھن. مَھان آھي اُھا قوم، جا پنھنجي ڌرتيءَ تان پنھنجو رت ست گھوري ڇاڏي ٿي. مَر تنھن ڌرتيءَ جون مائرون مَرڪيو مرڪن، جنھن ڌرتيءَ جي سرحدن تان سينا ساھي ڇاڻن. پل تہ تنھن ڌرتيءَ جون سھاڳڻيون ست سونھن، جن جا سھاڳ روھ رڻن ۾ دشمنن سان ڪڙڳ ڪلول ڪن ٿا. پل تہ تنھن ڌرتيءَ جون سنگھاريون سوءِ سوءِ سينگار ڪن، جن جا سورھيہ سوڍا ويرين سان راتاھي جون رانديون ڪن ٿا. پل تہ تنھن ڌرتيءَ جون پنوھارڻيون ناچ ۽ ڳاچ ڪن، جن جا پيل پنوھار اٽل ۽ اٽموٽ آھن، پل تہ تنھن ڌرتيءَ جون لال ڪنواريون ھٿن ۽ پيرن کي مھنديون مڙھين، جن جا ڳاڙھا گھوٽ سر جوٽ آھن. دنيا جي ڪا بہ طاقت انھيءَ ڌرتيءَ تي پنھنجو ڏاڪو ڄمائي نہ سگھندي. دنيا جي ڪابہ طاقت انھن سھاڳڻين جا ڳھڻا لاھي نہ سگھندي. دنيا جي ڪا بہ طاقت انھن لال ڪنوارين جي ھٿڙن تان اھا مھنديءَ جي سونڌي ريٽي، رنگت ڌاھي نہ سگھندي. دنيا جي ڪا بہ طاقت انھيءَ ناچ ۽ ڳاچ جي آوازن کي دٻائي نہ سگھندي، اُھا قوم پھاڙن جيان پنھنجيءَ جڳھہ تي اٽل ھوندي آھي. جيئن کير ٿر کي ڏوڏي نٿو سگھجي، جيئن ڪارونجھر ۽ ڪانيوءَ کي، ھالار ۽ پٻ کي، پڳي ٽوڙھي ۽ گنجي کي،

---

[15] ششي ٿان : سيستان، سيھوان، سيوھن

[16] شيوا : سوي

[17] پاتال بندر : ڪراچي، قديم دنيا جي تاريخن ۽ ڪتابن ۾ انھن ٺنھي شھرن جو نالو اچي ٿو. سبيءَ ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ يا ديويءَ جو ڪوٽ جي قديم تھذيب موئن جي دڙي جي ھمسر آھي.

چوهڙ ۽ سورجاٽيءَ کي پنهنجين جڳهين تان هٽائي نٽو سگهجي، تيئن اُنهي قوم کي ٻه لوڏي ۽ ڏوڏي نٽو سگهجي. پل تہ انهيءَ ڌرتيءَ جا ماڻهو جنگ ويل ٻه جشن ملهائين، خوشيون ڪن. اُها قوم امر آهي، ۽ امر رهندي، اُها ڌرتي مهان آهي، ۽ مهان رهندي.

سونمياٽيءَ ۾ مهاويد آتم تارا جي وهانءَ جا وڏي ڌام ڌوم سان جشن پئي ملهايا ويا. سونمياٽيءَ جي پري پري جي راڄڌانين جا تي راجا پنهنجي راڻين، لڇمڻ، لڇمين، جڏ اڳواڻن، گهوڙن ۽ ٻيڙن سان سونمياٽيءَ ۾ اچي هيڪاندا ٿيا هئا.اڄ سونمياٽيءَ ۾ ڪوٽ ڏيجي جو راجا ۽ راڻي ڪنواريتن جي ڄڄ وني اچٽا هئا. اڄ سونمياٽيءَ جي لال ڪنوار اچٽي هئي. تنهنڪري، اڄ ساري سونمياٽيءَ نوان ويس ۽ وڳا ڪيا هئا. هزارين دايون ۽ ٻايون، طرحين طرحين هار ۽ سينگار ڪري، ڪنوار جي آجيان لاءِ سنڌو- گهاٽ تي اچي مڙيون هيون، هر طرف هزارين ماڻهن جا هشام هئا. چوڏس ميڙا ۽ منڊليون متل هيون. چونڪ چونڪ تي ڍهلارين ڍهل پئي وڄايا. نينگرين ڍهلارين جي چوطرف گول ڦيرا پايو، پڙا لمڪايو، ناچ پئي ڪيا. بازيگر بازيون پئي ڏيکاريون. سون ورنيون سوڍيون ۽ سنگهاريون، سنگهرون ڪريو، ڪنوار جي آجيان لاءِ سهرا ڳائي رهيون هيون. سوين پوڄارڻيون ۽ ديوداسيون ڪنوار جي سواڳت لاءِ ڪُلن ڦلن ۽ سُرهاڻين جا ٿالهہ ڪنيو، اُڪنديون بيٺيون هيون. اڄ جنگي جوانن خوشيءَ جا ڀير پئي وڄايا. چوڏس خوشيءَ جو پڙالو وڄي رهيو هو. اڄ هر مڙس ڄڻ گهوٽيتو ٿي لڳو. اڄ هر مُنڌ ڄڻ تہ ڪنواريتي هئي، اڄ هر نينگري ڳهٽن سان جهنجهيل لال ڪنوار ٿي لڳي. مهاويد آتم تارا جي وهانءَ جي خوشيءَ ۾، سونمياٽيءَ ۾ الائي ڪيتريون سڱابنديون ٿيون هيون. ڪيترين لڄوڙين نينگرين، سَچلين ڪوڏين جا ڳانا ٻڌي، پنهنجن سپنن جا گهوٽ پوڄيا هئا. اڄ ڪيترين نينگرين کي سندن ماءُ — پيئن پنهنجن گهوٽن سان سنڌوءَ جا سير ڪرڻ لاءِ ڇيڪ ڇڏي ڏنو هو، تہ جيئن پاڻ ۾ هرن مرن. ڪيڏا ناتا جڙيا هئا، ڪيترا نوان نينهن نپنا هئا، نيٽن ۽ نيٽن ۾ ڪيڏا سپنا سرجيا هئا --- ساري ڄمار ڳر لڳي جيون گهارڻ جا سپنا، هڪٻئي تان گهور جا سپنا، هن ڌرتيءَ جي نئين نسل جي اندر ۾ پيهي ڳجهہ ڳولڻ جا سپنا، هن ڌرتيءَ جي نئين نسل جا سپنا. ڪيڏيون آسون پرجيون هيون،ڪيڏيون مرادون پنيون هيون. اڄ اُها ياڳ ۽ سياڳ جي ديوي اچي رهي هئي، اڄ اُها روپوتي، رنگرتي، لال ڪنوار اچي رهي هئي. اڄ اُها سونمياٽيءَ جي سور جونسي سونهن جا ڏياٽي اچي رهي هئي، تنهنڪري ان ديويءَ جي درشن لاءِ دل اُڪنبي هئي، هر من ماندو هو...

" هو ڏسو، اُتر ڪان سڙه ڪجيا آهن."

" هو ڏسو، جج اچي پئي."

" هو ڏسو، هوڙهن مُنهن ڪيا آهن."

ساري سنڌو- گهاٽ تي هزارين آوازن جو پڙالو پيدا ٿي ويو هو. پري، اُتر پار ڏانهن، جتي سنڌو گول دائري سان ور ڪايو نيڻ- نهار ڪان اُوجهل ٿيو ٿي وئي، سڻاون سڙهن منهن ڪيا هئا. جج جي آجيان لاءِ پوڄارين سنک تي وڏي ڦوڪ ڏني. جنگي جواڻن پير تي ڏونڪا هنيا، ساري سنڌو- گهاٽ تي ڊوڙ ڊوڙان لڳي وئي هئي. هر ماڻهوءَ، هر مُنڊ، هر ٻار، ڪنوار کي ويجهي کان ويجهو ڏسڻ تي گهريو. اُهي مائرون جن ٻارن کي ٽج پئي پياري، سي به ٻارن کي ٽج ڇڏائي پتڻ ڏانهن ڊوڙڻ هيون. هر طرف کان ماڻهن جو هڪ سمنڊ هو، جو پتڻ تي پلٽي پيو هو. اُتر جي سٽائي واءَ ۾، بيل ديوتا ۽ طرحين طرحين مورتيون اُڪريل هوڙهن ۽ ٻيڙن جا سڙهه، دهلن ۽ دمامن سان، نٽ ۽ ادمبر سان، سنڌوءَ جي لهرن مٿان ٽتهيرن جي پکن جيان ٽڪا ٽڪا سرڙاٽ ڪندا ٿي آيا. سڀن کان اڳ، پوڄارين ۽ پوڄارڻين جو هوڙهو هو. تنهن پٺيان سونمياٽيءَ ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جي جنگي جواڻن جا اَٺ هوڙها هئا. انهن جي پٺيان ڪوٽ ڏيجيءَ جي راجا ۽ راڻيءَ جو خوبصورت، رنگين هوڙهو هو، جنهن جي ڪليل پالڪيءَ ۾ ڳاڙهيءَ سيج ۽ پٽوراڻين تي لال ڪنوار، گوڏن ۾ منهن لڪايو، جُهنڊ هٽيو ويٺي هئي. انهيءَ جي پٺيان ڪنوار جي ماءُ – پيءُ، لڇمڻ ۽ لڇمين جا هوڙها هئا. انهن پٺيان سوين ڄاڃين جا هوڙها ۽ ٻيڙا هئا. اُتر جي سٽائيءَ واءَ ۾ سڄاڻ ناڪئا هڙني هوڙهن کي سهڻي نموني هڪٻئي پٺيان، هڪ سنگهر سان، هنجهن جي وڳر جيان هلائيندا ٿي آيا.

اي لال ڪنوار تون ڀلي آئينءَ !

اي ڀاڳ ۽ سياڳ جي ديوي، تون جيءُ آئين !

شال تنهنجو مان سدا مٿانهون هجي !

شال سدا اوچو چوڙين ۽ ماڻين !

شال سدا سونمياٽيءَ جي راڄ- رتولن ۾ پنهنجي ور سان سکياٽي هجين !

ڪنوار جي آجيان لاءِ هزارين ٻانهين- پريل ٻانهون لهرايون هيون. سون ڪڙن ۽ ڪنگڻن وارا هٿ ڪڇيا هئا. سونمياٽيءَ جو مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ ڪوٽ ڏيجيءَ جي راجا ۽ راڻي، ڪنوار ۽ ڄاڃين جي آجيان لاءِ، پنهنجي ديس جي راجا ۽ ٽنهي مهمان راجا ۽ راڻين، مهاپوڄاري.لڇمين ۽ لڇمڻ، ۽ گهوٽ ساڻ، سنڌو- گهاٽ جي مٿانهين ماڙين تان لهي،

هيٺ پتڻ تي آيا هئا. سڀ ڪان پهرين ڪوٽ ڏيجيءَ جي راجا ۽ راڻيءَ جو هوڙهو پتڻ سان لڳايو ويو هو. ڪوٽ ڏيجيءَ جي راجا ۽ راڻيءَ، پتڻ جي وڏن ڏاڪن تي پير رکندي ئي، سونمياڻيءَ جي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جي آڳيا ۾ پنهنجا ڳاٽ هيٺ ادب سان جهڪايا هئا. سونمياڻيءَ جي مهاراجا ڏاڍي سک ۽ اُتساهه مان ڪوٽ ڏيجيءَ جي راجا کي آشيرواد ڏيندي چيو :

" اي ڪوٽ ڏيجيءَ جا سرواڻ ۽ اڳواڻ، تون ڀلي آئين، جي آئين، اسان جون اکيون ٺريون. اسين پنهنجي ديس جي ٿنهي مهمان راجائن ۽ راڻين، مهاپوجاريءَ، لڇمڻن ۽ لڇمين ۽ ساريءَ پرجا طرفان اوان جي راڻيءَ ڪنوار، ڪنوار جي ماءُ پيءُ ۽ ساريءَ ڄڃ کي آشيرواد ڏيون ٿا جو اوين وڏا وڙ ڪري اسان جي آسڻ آٽيا آهيو."

" اي ڏيج ڌرتيءَ جا ڏٽيءَ، سونمياڻيءَ جا سرواڻ، دراوڙن جا اڳواڻ، شال اوهان جا ڪيت سدا ساوا، اَتڻ اُجرا ۽ سڙهه سوايا هجن. ايڏي شان ۽ مان لاءِ وڏا ڀال اوان جا، جو ٻانهي جو ايڏو قدر ڪيو اٿو. شال سدا سونمياڻيءَ جي پونءَ مٿان سورج جيان چمڪو، جو اسان جو مان ۽ مرتبو اوان جي دم سان آهي."

ڪوٽ ڏيجيءَ جي راجا ۽ راڻيءَ هڪ ڀيرو وري پنهنجي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ آڏو سر نوائي نوڙت ڪئي. مهاراجا راجا سان، ۽ مهاراڻيءَ راڻيءَ سان ڀاڪر پائي مليا. پوءِ لڇميون لال ڪنوار کي مهاراجا ۽ مهاراڻي آڏو وني آئيون. ڪُنبي جُهنڊ ۾ لال ڪنوار ڏسي، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ پيار مان ڪيس سيني سان لڳايو. مهاراجا ڏاڍي پيار مان جُهنڊ ۾ ٻيٺل ڪنوار جو مٿو چُمندي چيو : " اي لال ڪنوار، تون ڀلي آئينءَ، جيءَ آئين ! شال سدا سنگهارين سٽ ۾ سونهين، سون روپي سان رانديون ڪرين. اسان تنهنجي گهوٽ سان جي وچن ڪيا آهن، سي سڀ پاريندا سين. تون سونمياڻيءَ جي راڄ- رتولن ۾ مهاديوين جي ٺٺ سان رهندينءَ. اسان جي راڄ ۽ ڀاڳ جا در سدا تو لاءِ ڪليل هوندا، جو تون هڪ مهاتما جي مڱ آهين."

جُهنڊ ۾ ٻيٺل ڪنوار مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جي آڳيا ۾ سر نوائي نوڙت ڪئي. پوءِ مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ وڏي قرب ۽ پيار سان ڪنوار جي ماءُ – پيءُ سان مليا، ۽ سونن لڪڻن، سون ڪڙن ۽ ڪنگڻن وارا هٿ ڦهلائي ساريءَ ڄڃ کي آشيرواد ڏنو.

پوءِ چا هو، هر طرف کان خوشيءَ جي آوازن جو هولريو مچي ويو هو. سنگهارين ۽ سوڏين جي لاڏن ۽ سهرن جي آوازن سان گڏ، ڪنوار ۽ ڄڃ مٿان هزارين گلن ڦلن ۽ ڦوٽن

جي مينهن وٺا هئا. ڪپور، ڪٿوريءَ ۽ طرحين طرحين سرهاڻين جي ورڪا تي هئي. هزارين هوليءَ جارنگ رليا هئا.چٽ چٽان تي هئي....

۽ پوءِ، جڏهن مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ چئني راجائن ۽ راڻين سان ڪنوار ۽ جڃ کي وٺي، مٿي سنڌوءَ جي وڏي ويڪري بچاءَ بند تي آيا، تہ سنگهرون ڪري بينل پوڄارين ڪنوار جي آجيان ۾ سنک وڄايا. سونمياڻيءَ جي هٿياربند ڪٽڪ جي، سوين سنگهرون ڪري بينل، جنگ جواڻن پنهنجا ڪڙگ ڪلول، ڀالا ۽ ٻڇ هوا ۾ لهرائي، واڳونءَ جي کلن واريون ڍالون ڪاتن، ڪرتن ۽ کهاڙن سان وڄائي وڏي دٻدٻي، نٽ نانگر سان ڪنوار جي سلامي پري.... ۽ پوءِ، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ ڪنوار کي جهاڳن ۽ جهولٽن جڙيل، موتين ۽ ڪوڏين مڙهيل، وڏيءَ رنگين پالڪيءَ ۾ ويهاري راڄ- رتولن ڏانهن هلڻ لڳا هئا.

انهيءَ شام سنڌو-گهاٽ تان دهلارين، ناچڻين، پوڄارين ۽ پوڄارڻين ۽ جنگي ڪٽڪ جي وڏي جٽي سان، وڏي ساز ۽ آواز، ڏام ڌوم سان، سپنن جي جڃ هلي هئي. پالڪين پٺيان پالڪيون هيون. هاٿين پٺيان هاٿي هئا. رٿن پٺيان رٿون هيون. بيل گاڏين پٺيان بيل گاڏيون هيون. ماڻهن پٺيان ماڻهو هئا. وڏي ساز ۽ آواز، هُل ۽ هاڳامي سان، سپنن جي شهر ڏانهن جڃ هلي هئي.

اهو سنڌو- گهاٽ جو تجب ڇهڇٽو هو، جڏهن ڪنوار کي راڄ- رتولن پڄائڻ لاءِ سڀ ماڻهو جڃ پٺيان خوشيون ملهائيندا، هڪ هڪ تي هليا ويا هئا، ۽ ساري سنڌو- گهاٽ تي نوائي ڦهلجي وئي هئي.... رڳو بيل ديوتا، واڳونءَ ۽ گنڊرن جون شڪليون اُڪريل هوڙهن ۽ ٻيڙن جا رنگين سڙهه ڏاڍيءَ گنڀيرتا سان جُهلي رهيا هئا. سنڌيا جي رنگن ۾ وهنتل سهائي سنڌوءَ جي سائيري پاڻيءَ ۾ رڳو پوڄا جا گل، ڦرڦوٽا ۽ ڦل تري رهيا هئا. ڌرتيءَ تي رهجي ويا هئا ڳاڙها، هيڊا، ڪرمچي، نيرا، گلابي ۽ ليارِي رنگ، ۽ واءَ ۾ رهجي وئي هئي ڪٿوريءَ جي خوشبو !

***

5

او جڳاٽو، وياءَ جي واڌاري جو جڳاٽو هو. اهو جڳاٽو هو، جنتي ديويءَ جي پوڄا جو، لِنگ جي پوڄا جو، شِوَ ۽ پاربتيءَ جي پوڄا جو، وڏا سوڻ ساڻ ڪري، گهوٽن ۽ ڪنوارين جي پوڄا جو، وڏيون سُڪائون باسي، نئين بري اُپائڻ جو... نہ تہ شايد اڄ هن ڌرتيءَ تي ڪجهہ بہ نہ هجي ها --- نڪو پانڌي، نڪو پيچرو.

سپنا سپنا سنڌوءَ مٿان چوڏهينءَ جو چنڊ چڙهيو هو. ٽم – ٽم ڪندا تارن جا ڪوڙين ڏيئا ٻريا هئا. اڄ مهاويد آتم تارا جي وهانءَ جي رات هئي. اڄ گهوٽن ۽ ڪنوارين جي پوڄا جي رات هئي. اڄ ڪيتريون نينگريون پنهنجن سپنن جي سپرين کي سهاڳ جا ڳانا ٻڌي، گهوٽ پوڄينديون. اڄ وڏا لايا سجايا ٿيٽا هئا. اڄ وڏي پلاري رات هئي. اڄ ساري سونمياٽيءَ انيڪ اُماڻين جي روشنين سان ڀهہ ڀهہ ٻري رهي هئي. گهر گهر سوين ديپ روشن هئا. اڄ ڳليءَ ڳليءَ ۾، چونڪ چونڪ تي نينگريون نچي رهيون هيون. اڄ گس گس تي، گهاٽ گهاٽ تي، ڪنوارين جا هار سينگار ۽ ڏيج پئي ڏيکاريا ويا. راڄ- رتول ڪان ماتا ديويءَ جي مندر تائين روشنين جي ڪيرڏار ڦهليل هئي، سارو وايو منڊل گهنڊن ۽ سنکن جي آوازن سان گونجي رهيو هو. اڄ ماتا ديويءَ جي مندر اڳيان هزارين ماڻهن جا ميڙ هئا. سوين رٿون، پالڪيون ۽ بيل- گاڏيون هيون. اڄ ماتا ديويءَ جي مندر ۾ اندر وڃڻ لاءِ ماڻهن جو ڪو ڳهٽ ئي ڪو نہ ڇڏيو هو. اڄ وڏو پوڄا ۽ پرارٿنا جو ڏينهن هو – جنتي ديويءَ جي پوڄا جو، لِنگ جي پوڄا جو، شِوَ ۽ پاربتيءَ جي پوڄا جو، گهوٽ ۽ ڪنوار جي پوڄا جو.

ان رات، ماتاديويءَ جي سوين پوڄارين ۽ پوڄارڻين جي ياترائن سان گڏ، وڏا گهنڊ گونجاريا هئا، سنک وڳا هئا. سهسين سرهاڻين جي ورڪا ٿي هئي، رنگين ڌوپ ڦلاريا هئا. مهاپوڄاريءَ، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ، گهوٽ ۽ ڪنوار پنيان، ڌرتي ماتا آڌو ناد ۽ نگد جي جهونگارن سان، وڏا سجدا گهوريا وياهئا. وڏي پوڄا پاٺ ڪان پوءِ، مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ کي ڌرتي ماتا جي سامهون اونچي سونهري تخت تي ويهاريو ويو هو. سڀ راڄا- راڻيون پنهنجن تختن تي ويهجي ويا هئا. سڀ لڇمڻ ۽ لڇميون، مُکي جُڌ اڳواڻ، رکوال، ديوان داڙا، پانڊت ۽ ڪيرت، ۽ ساري پرجا پنهنجين پنهنجين جڳهين تي ويهجي وئي هئي. ماتا ديويءَ جي انگاس مورتيءَ آڏو، گول سونهري پنڊال تي، ڳاڙهيءَ ستارن جڙيل سيج مٿان، رڳو ڳاڙهن پٽ پٽهير وڳن ۾ ويڙهيل، گهوٽ ۽ ڪنوار رهجي ويا هئا. ٻنهي جي مٿان

سونن قلن سان جڙيل ڳاڙهي پٽ جا شالودا هئا. ٻئي ماتا ديوي آڏو ٻرندڙ مچ جي سامهون، هڪٻئي کان ٿورو وٿيرڪا، گوڏن ڀر، تپسيا سان ٻانهون ٻڌيو بيٺا هئا. گهوٽ ۽ ڪنوار کان اڳيرو، ڌرتي ماتا جي انگاس مورتيءَ آڏو، تپسيا ساڻ گوڏن ڀر بيٺل مهاپوڄاريءَ پنهنجيون ٻئي ٻانهون ڦهلائي چڙهيون هيون، ۽ ساري مندر ۾ سندس گنڀير آواز گونجڻ لڳو هو :

" اوڌرتي، او ماتا وڏاتا !

خوش ٿي،

اڄ تنهنجي مندر وهانءَ جي رات سڄي آهي :

هن ڌرتيءَ تي، وهانءَ جي رات کان وڌ ڪا پلاري رات ڪانهي،

هن ڌرتيءَ تي، گهوٽ ۽ ڪنوار جي سنگم کان وڌ ڪا پوڄاري ڳال ڪانهي.

او ڌرتي، او شڪتي ماتا!

اڄ تنهنجي مندر ۾ وڏا لايا سڄايا ٽيٽا آهن،

اڄ وڏي ڀاڳ ڀري رات آهي،

اڄ پانڊت جو پڙهي، سوا اگهائيج،

۽ هن گهوٽ ۽ ڪنوار مٿان سدا ٻاجهه ٻيلاتي ڪج، جو انهن جو ڀهريون ڀار، تنهنجي مندر جو مهاپوڄاري ٿيندو.

او ڌرتي، او ماتا وڏاتا !

سڀ پوڄا ۽ پڙلاوَ تولاءِ آهن،

سڀ ساز ۽ آواز تو لاءِ آهن."

ائين چئي، مهاپوڄاريءَ ڌرتي ماتا آڏو تي وڏا سجدا گهوريا، ۽ هلندو، گهوٽ ۽ ڪنوار جي اڳيان ٻرندڙ باهه جي مچ جي سامهون اچي بيٺو. سوٽن ۽ سانن جي سامان جا ٿالهه ۽ گلن قلن ۽ سرهاڻين جا ڇڄ ڀري بيٺل پوڄارٽيون، مهاپوڄاريءَ جي ويجهو آيون. ڪا دير تہ مهاپوڄاريءَ وهانءَ جي استنيون پڙهندو، گهوٽ ۽ ڪنوار مٿان گلن ۽ قلن جي ورڪا ڪندو رهيو، ۽ پوءِ گهوٽ جي اڳيان بيهي اوچي آواز چيائين :

" گهوٽ وچن ڪري تہ هو سڄي ڄمار پنهنجي ڪنوار سان سچو رهندو."

ڳاڙهي وڳي ۾، موڙن جڙيل گهوٽ، جهڪيل ڪنڌ سان چيو :

" آءُ آتم تارا، پٽ پونءَگر سمبارا، پنهنجي مهاراجا، مهاراڻيءَ، سيني راجائن ۽ راڻين، لڇمڻن ۽ لڇمين ۽ ساري سٽ آڏو وچن ڪريان ٿو آءُ سڄي ڄمار پنهنجيءَ ڪنوار سان سچو رهندس، سدائين ڪيس پنهنجي ساهه سان سانديندس، ڪڏهن ڪيس مَنو نہ گهرندس."

" ڪنوار وچن ڪري" مهاپوڄاريءَ جو ڳورو آواز وري گونجيو.

ڪُنبي ڄُنڊ ۾ اٽاڪي چرپر ٿي، ۽ ڪنوار هٻڪندي چيو :

" آءُ شيوا ديجي، ڏيءَ مکي پندي سمبارا، ماتا ديويءَ جي مندر ۾ پنهنجي مهاراجا، مهاراڻيءَ، سيني راجائن، راڻين ۽ ساري سٽ آڏو وچن ٿي ڪريان ٿي تہ پنهنجي گهوٽ سان سدا سچي رهنديس. مان پنهنجيءَ ڪُک مان هن لاءِ گلن جهڙا ٻار ڄڻينديس، ۽ راتين جون ننڊون ڦٽائي، ساري ڄمار پنهنجي ور ۽ ٻارن جي شيوا ڪنديس، آءُ ساري ڄمار پنهنجي ور مٿان گهوري وينديس."

ڄڻ جلترنگ وڄي ويو. ڪنوار جي ڳالهہ تي لڇمين ۽ ڪنوارين نينگرين ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. سڀ راجا ۽ راڻيون هڪٻئي ڏانهن نهاري مُرڪڻ لڳا. مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جا مُکڙا ٻهڪي ويا. ساري مندر مان هر طرف ڪان واڏاين جون وايون ورڻ لڳيون. آوازن جون هولريو پيدا ٿي ويو. گهوٽ ۽ ڪنوار مٿان پوڄارڻيون ۽ ديوداسيون گول دائرو پائي، گلن جي ڇٽ- ڇٽان ڪرڻ لڳيون. نارين جي لاڏن جي آوازن سان سارو مندر گونجي ويو....

۽ پوءِ مهاپوڄاري، تکي منهن واري ڇُري هڪ پوڄارڻ جي ٿالهيءَ مان کڻي، گهوٽ ۽ ڪنوار جي آڏو آيو. گهوٽ ۽ ڪنوار ڳاڙهن وڳن مان هٿ ٻاهر ڪڍي ڏانهنس وڌيا. مهاپوڄاريءَ گهوٽ ۽ ڪنوار جي هٿن جي آڱوٺن کي ڇهبڪ ڏيئي، ٻنهي جي رت سان ٻڏل آڱوٺن کي هڪٻئي سان ملايو. پوءِ مهاپوڄاريءَ، سندن پٺيان بيهي، گهوٽ ۽ ڪنوار جي اجرڪن جي پلون کي ڳنڍ ڏيئي، سدا لاءِ کين جيون جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌي ڇڏيو هو -- ۽ ساري مندر ۾ سندس آواز گونجڻ لڳو هو :

" او ڌرتي، او ماتا وڌاتا !

خوش ٿي،

اڄ تنهنجي مندر ۾ هنن گهوٽ ۽ ڪنوار، پنهنجن ابن ڏاڏن جي ريت رکي،

هڪٻئي کي پنهنجايو آهي.

خوش ٿي جو اڄ هي ٻئي هڪ رت، هڪ جان، هڪ جُسو ٿي ويا آهن.

هنن جا ٻار جي ڄمندا، سي تنهنجي شيوا ڪندا.

او ڌرتي، او شڪتي ماتا !

Gul Hayat Institute

اڄ پانڊت جا ڳنڍ ٻڌي آهي، سا سوگهي ڪريج،
۽ هن گهوٽ ۽ ڪنوار مٿان سدا سولو ڍارو ڍاريج.
او ماتا، ٻاجهه ٻيلائي ڪريج، ٻاجهه ٻيلائي ڪريج.
جو تون سڀ کان ٻاجهاري ديوي آهين،
جو اسين سڀ تو کي سجدا ڪريون ٿا.... "
" ماتا ديويءَ کي سجدو ڪريو !.... ماتا ديويءَ کي سجدو ڪريو !
هر طرف کان پوڄارن ۽ پوڄارڻين جا آواز اچڻ لڳا هئا.

مهاپوڄاريءَ گهوٽ ۽ ڪنوار پنيان مهاراجا، مهاراڻيءَ، سڀ راجا ۽ راڻيون، لڇمڻ ۽ لڇميون، مٿانئن مُچرڪا ڪري اچي بيٺا. گهوٽ ۽ ڪنوار اڳيان ڪُتيءَ جو وٽو رکيو ويو. پهرين گهوٽ ڪٽيءَ جو گرهه کڻي ڪنوار جي وات ۾ وڌو. ۽ پوءِ ڪنوار مينديءَ رتڙي هٿ سان گهوٽ کي کٽي کارائي. هر طرف کان ٺهڪڙن جا آواز گونجڻ لڳا.

پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار کي هڪٻئي جو اوبر کير پياريو ويو.

پوءِ لانئن جو وارو آيو. سارو سهائو مندر لانئن جي لاڏن جي آوازن سان گونجي ويو. سڀ کان پهرين مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ گهوٽ ۽ ڪنوار کي لانئون ڏنيون. انهيءَ کان پوءِ سيني راجائن ۽ راڻين لانئون ڏنيون. هاسيڪار گهوٽ ۽ ڪنوار جي مٿن کي زور سان ٽي ٽڪرايائون. ناز ڪڙيءَ ڪنوار جي بچاءَ لاءِ، پوڄارڻيون ساڻن جهڳڙنديون رهيون. هر طرف کان سهرن ۽ واڌاين جا آواز گونجندا رهيا، وڏا سوڻ ساٺ، ناچ ۽ ڳاچ ڪرڻ کان پوءِ، پوڄارڻيون ڪنوار کي گهوٽ کان جدا ڪري، لنگ پوڄا ڪرائڻ وٺي ويون، ۽ ڪنوار کي سيني ديوين ۽ ديوتائن آڏو ڦيرايو ويو.

ڪنوار شو ۽ پاربتيءَ جي پوڄا ڪئي. هن گئو ماتا جي ٿڻن ۾ پاربتيءَ جيان وات وڌو، ۽ پوءِ هن لنگ پوڄا ڪئي. پوڄارڻين هن جي لسڙي پيٽ تان پوڄارو پهڻ گهمايو. شيوا جي ساري سرير ۾ ڇڻ اڳني ڊوڙي وئي. سَنڌ سَنڌ ۾ سيڙهاٽ پئجي ويس.

پوءِ پوڄارڻيون ڪيس جنتي ديويءَ جي مورتيءَ آڏو وٺي آيون، جنهن جي سرير مان نئون وڻ ڦٽي رهيو هو. ڪنوار گوڏن ڀر جنتي ديويءَ آڏو جهڪي پنهنجيون ٻانهون پوڄا لاءِ ڦهلائي ڇڏيون --- ۽ سندس ڏيمو، منڙو آواز مندر ۾ گونجي ويو، جنهن ۾ هن وقت هر طرف سانت ڦهلجي وئي هئي :

" او جنتي،
او نئين ٻُري اُپائيندڙ ديوي !

اڄ جي رات آءُ پريم پوڄيندس،
اڄ جي رات منهنجي وهانءُ جي پهرين رات آهي....
او ديوي،
مون کي ستن پٽن ۽ ستن ڌيئن جي ماءُ ڪريج،
منهنجي ڪک کي، پنهنجيءَ ڪک جيان سدا سائو رکيج !
آءُ وچن ڪريان ٿي تہ منهنجا ٻار تنهنجي ڪيتن جي،تنهنجن ماڻهن جي، تنهنجي ڌرتيءَ جي، تنهنجن مندرن جي شيوا ڪندا.
او ديوي، مون کي پٽون سٺ پٽ ڏجان....
او ديوي، ٻاجهہ ڪجان، ٻاجهہ ٻيلاڻي ڪجان ! "
۽ لال ڪنوار جنتي جي ديويءَ آڏو ڪير- پٽن لاءِ وڏا سجدا گهورڻ لڳي.
ان رات ماتا ديويءَ جي وڏي مندر ۾ وڏا سوڻ ۽ ساٺ ڪرڻ ۽ وڏي پوڄا پاٺ ڪرڻ ڪان پوءِ مهاراجا، مهاراڻيءَ، سڀ راجا ۽ راڻيون، لڇمڻ ۽ لڇميون، جنگي اڳواڻ ۽ ساري ڄڃ، گهوٽ ۽ ڪنوار کي سهسين سينگار ڪرائي، سجايل پالڪيءَ ۾ ويهاري، وڏن دهلن ۽ دمامن سان، راڄ- رتول ڏانهن هلڻ لڳا هئا.
مندر کان ٻاهر ايندي ئي، هزارين ماڻهن جو هولريو مچي ويو هو. ماتا ديويءَ جي مندر کان راڄ- رتول تائين روشنين جون لاٽون هيون. ٻنهي طرفن، گلين ۾ ماڻهن جا هشام بيٺ هئا. گهوٽ ۽ ڪنوار ساريءَ ڄڃ مٿان، ماڙين جي هينان توڙي ڇتين مٿان گلن ڦلن، سرهاڻين ۽ رنگن جي ورڪا شروع ٿي وئي هئي. هر طرف کان واڌاين ۽ دعائن، لاڏن ۽ ٽهڪن جا آواز ٻري رهيا هئا. هر طرف شرنايون گونجي رهيون هيون، واڄٽ وڄي رهيا هئا. ڄڻ سونمياڻيءَ جا باغ، بندر ۽ بازارون، رڳو آواز بڻجي ويا هئا ---
" هن ڌرتيءَ تي، وهانءَ جي رات کان وڌ ڪائي پلاري رات ڪانهي !
هن ڌرتيءَ تي گهوٽ ۽ ڪنوار جي سنگم کان وڌ ڪائي پوڄاري رات ڪانهي ! "
اُها ديهہ- ڌرم جي رات هئي.... گهوٽ ۽ ڪنوار جي سنگم جي رات --- چاندوڻي، تارن، ترن ۽ ڳتين پريل، هيرن ۽ هلورن هاڻي، سونهن ۽ وونهن پري رات --- پريم جي رات. جسم جي پوڄا هن ڌرتيءَ جي سڀ کان اڳاهين پوڄا آهي. پريم هن ڌرتيءَ جو سڀ کان اڳاٽو ڌرم آهي. پريم بنا هي جيون پاپ آهي، سراپ آهي، دولاپ آهي. پريم، ديهہ جو سڀ کان وڏو ڌرم آهي. هن ڌرتيءَ تي جو ڪجهہ آهي، اهو سڀ پريم جو ڪرشمو آهي.

ان رات، سندو- گهاٽ لڳ، سونمياڻيءَ جي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جو گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي ڏيج ۾ ڏنل نئون رنگ- رتول، اندران توڙي ٻاهران، سوين ڏيئن ۽ اُماڙين جي روشنين سان جڳمڳ جرڪي رهيو هو. ساري رنگ- رتول، اندران توڙي ٻاهران، سوين ڏيئن ۽ اُماڙين جي روشنين سان جڳمڳ جرڪي رهيو هو. ساري رنگ- رتول ڪي طرحين طرحين ساز سامان، سيج پلنگن، پٿوراٽين، پالڪين ۽ پاتولين سان سجايو ويو هو. در در تي رنگا رنگ جهاٻا، جهولٽا ۽ جهالورا پيئي لڙڪيا. ان رات گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي وڏن لاڏن ڪوڏن سان، ڌهلن دمامن، ناچن ۽ ڳاچن سان سندن نئين رنگ رتول ۾ آندو ويو هو. هزارين چاجي ۽ ساجي اچي مڙيا هئا. رتول جي اندر توڙي ٻاهر ماڻهن جا ميڙا هئا. ناچ ۽ ڳاچ هئا. مکڻ ۾ چل روٽلا، ڳڙداڻيون، ڪُٽيون،ٻُسريون ڪاڏيون ويون هيون.

ان رات، آڌيءَ ويل، جڏهن سڀ پوڄارا ۽ پوڄارڻيون، مهمان راجا ۽ راڻيون، لڇمڻ ۽ لڇميون، دايون ۽ ٻايون، گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي سُرهي سيج مٿان ويهاري، مٿانئن سوين سوڻ ساٽ ڪندا، چندن ۽ ڪپور جي سُرهاڻين، گلن ۽ ڦلن جي ورڪا ڪندا، خوشيون ملهائيندا، ڳائيندا وڄائيندا هليا ويا هئا، ۽ جڳمڳ جڳمڳ جرڪندڙ رنگ-رتول ۾ رهجي ويا هئا — نيريءَ سيج تي، کهنبي جهنڊ ۾ لال ڪنورا، ۽ ڪنوارين ڪڪورئو گهوٽ. ٻنهي جي وچ ۾، بيچين سانت ۽ ڏکڻ هير ۾، جُهلي رهيا هئا — رتول جا هيدا، ساوا، پورا، ناسي، ڪرمچي، ڳاڙها، ساوا، واڱڻائي، يڳ-يڳ جهالورا، ۽ تم — تم ٻرندڙ ڏيئن جون لاٽون.

ڪنوار جُهنڊ هنيو ويني هئي. گهوٽ ڪن لاءِ ماڙيءَ جي پنڊال تي بيٺو، سونمياڻيءَ ۽ سندوءَ جو ڇهچٽو ڏسڻ لاءِ، گهائل نيڻن سان چاندوڻي ٽُپ ۾ ڪي واجهائيندو رهيو هو.

ڊونهاتيل نپ، ڪاڻي رات.... چوڏهينءَ جو چنڊ... تارا، تر تروڪڙيون، ڪتيون.... ڏوپا ويڇا، ڦلارجندڙ، ڦهلياري ڪڪر.... ڏنڏلن ڏنڏلن سپنن جي ننگري... باغ، بندر، بازارون، وڻن جي ٽارن مٿان مورن جا الستي آلاپ — لوڪ لڪاءَ ڪان لڪي، سندوءَ جي اوڊر ۾، هڪڀئي سان ملندڙ بن پريمين جا پاڇا.... ڳل ۽ ڳيراٽيون.... پور نماس ويرا.... نديءَ جي چاندوڻيءَ ڇَر مٿان اپسرائن جيان نچندڙ هوڙهن ۽ ٻيڙن جا رنگين سڙهه.... بيچين سانت، ۽ سونهن ---

گهوٽ بيچين ٿي، نيريءَ ستارن جڙيل سيج مٿان جهنڊ پائي وينل لال ڪنوار ڏانهن نهاريو. کهنبي پَٽ جي جهنڊ ۾ هوءَ تازي ٽڙيل ڪنول جيان ٿي لڳي. هو موهه ڀريل نيڻن

سان ڏانهنس واچيندو، هوريان هوريان پوڄارا پير ڌريندو، وٽس آيو هو، ۽ گوڏن ڀر، سيج مٿان، سندس سامهون اچي وِيٺو هو.

ڪنوار جي من ڌڪو لائي ڏنو هو. سندس ڀاڳ سهاڳ سامهون آيو هو. اڄ سندس پريم پوڄڻ جي رات هئي. اها رات، جنهن لاءِ هن جنم ورتو هو. اها رات جنهن لاءِ نينگريون ورهين کان واجهائينديون آهن. اها رات، جا هر مُنڍ نو لک جيوٽين جي جنمن پوڳڻ کان پوءِ ماٽيندي آهي. اها رات، جنهن ۾ ڪنوارين جي جسمن کي نرواڻ ملندي آهي. اڄ هن ديهه جي آڳ جي چوٽڪاري جي رات هئي. شڪتيءَ ۽ مڪتيءَ جي رات. اڄ سڄڻ سامهون هو، اڄ هوءَ سدا سهاڳڻ هئي.

هوءَ جهنڊ ئي جهنڊ ۾ ماتا ديويءَ جا ڪوڙين ڀال مڃيندي، پنهنجي من- مندر جي ديوتا جي آڳيا ۾ هٿ ٻڌي، سندس شيوا ۾ جهڪي وئي هئي. اُوس تي، هوءَ پنهنجيءَ پريتم جي هنج ۾ ڪنڌ ڍاري، وڏي سجدي ۾ پئجي وئي هئي.

" شيوا.... ! " گهوٽ بيڪل ٿيندي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريو هو، ۽ ڪلهن کان ڇهي، سندس گلاب جهڙي مکڙي تان جهنڊ لاٿو هو. ڪنوار جا مٽماتا نيڻ، جواٽي جي ڪيپ ۾ ٻوٽيل هئا. پيڙا کان، چپ ٻَري ۽ ٻَري رهيا هئس.نٿ،والا، ڌهري، نرڙ تي تلڪ، ۽ ميندي جي خوشبو. گهوٽ ڪيس ڪلهن کان جهلي، سندس مکڙي جي سونڻ ساٽ ڪيل، ڪامڻگر وجا کي ڏسندو رهيو. گهوٽ جي هٿن جي ڇهاءَ سان ڪنوار جو جسو دنبور جيان وڄي ويو هو، سَنڌ سَنڌ ۾ سيڙهاٽ پئجي ويا هئس.

"آتما !...." ۽ گهوٽ جي ڀاڪر سان، هوءَ گهوٽ کي سونين ٻانهين- پريل ٻانهين سان وڏي ڳيراٽي پائي، ساٽس پچي وئي – جڻ هندورن جي جهوٽن ۾ لڙهندي وئي... پنيا وار ڇُڙي، وکري ويا هئا، ۽ ڏڪڻ- هير گهلندي رهي –

" ڪانڌ، آءُ ڏاڍي ماندي آهيان تو بن آءُ اڌوري هيس. تون منهنجو مٿيون پُڙ آهين. مون مٿا ڊڪ ٿي، وري وڃ. منهنجي ديهه کي پنهنجي ديهه سان واٽي ڇڏ."

۽ گهوٽ ڊڪ ٻنجي، مٿانئس جُهلي پيو هو. هن ڪنوار جا چميا، پوءِ نٿ، هٿ-ڪرايون ۽ آڱريون -- ۽ پوءِ چنبيلن، چوٽن جي سڳنڌ ۾ ڪوئجي ويو.

روپائين رات – مينديءَ رتا هٿڙا – ڳجهه ڳوهه – ڳل ڳيراٽيون – اوڌ اوڌ – آڳ ۽ پيڙا – آنهريون اڪڙيون -- ۽ ڏکڻ – هير ۾ هندورا جهلنڊڙ، چڪنڊڙا ڦول – بدن.... آسائتو سهڪو، اونها جهوٽا – اِهڙا پيڙا جي اونگهه – اوم – اوم... ۽ ڪنوار جي ڦول – بدن کي لڳي هئي لاک – لاک، جا سڄلين اڇوتين ڪنوارين جي لڳن مان ڳڙندي آهي.

روپهري رات- ڳل ڳيراتيون، منيون --. هڪبٽي سان ڳلجي، ڳيراتجي وچڻ – وتيرجي وچڻ، ۽ وري ڳنڍجي وچڻ – ڳر لڳي ڳالهيون ڪرڻ.....

ڪنوار سمورا ڳهڻا لاهي ڇڏيا هئا. ڀنيا ڀنيا وار سيج مٿان وکرجندا ويا. گهڙيءَ گهڙيءَ اکين ۾ اوڙاهه پري، هوءَ پنهنجي سهاڳ اڳيان سونهندي رهي.

چنبيليا چوٽا – چاندبوٽو بت – سونا ڏونگر – ٽڙها، ٽل، گهڙوليون، گهڙا – جر مٿي کير- ڏارا، لهرون لهرون هير ڏکڻ جي، هندورا هندورا هانءُ -- ۽ ٽبڪ ٽبڪڙا تارا....

ڪنوار، سمنڊ جي پاتار ۾ پيل پياسي سپ جيان، بوند جهٽڻ لاءِ نيڻ ٽمڪائيندي، پاتار ۾ تڙڳي ٿي، موتي ميڙڻ لاءِ... گهرو ساگر – اونهو اونهو، چوليون چوليون.... اواڪ اُڃ، ناتاري ۽ نانهن – ڏکڻ هير، جهوٽا جهوٽا، هلورا هلورا... اوم... اوم....

تارا هيٺ، تارا مٿي. هوءَ اگهور پولارن ۾ اُبرندي وئي، ۽ هي انت پاتال ۾ پيهندو ويو، ۽ پوءِ، چير جي جهاڳ ۽ جهالورن جا رنگ ويتر ڳاڙها، ساوا، نيرا ڪرمچي، پورا، ناسي ۽ واڱڻائي ٿيندا ويا – ڇهچ ڇهچ، تهان گهٽو ڇهچ. ٻئي، لهرون لهرون جهوٽا کائيندا، اندلنين جي دنيا ۾ کوئجي ويا.

تم – تم تارا – رات ڪاماٽي – هير ڏکڻ جي – جهوٽا جهوٽا ننڊ – شڪتي، مڪتي، نرواڻ... ديهه جو سپ ڪان وڏو ڌرم، پريم – اوم... اوم... اوم... .

چون ٿا، اوجاڳي اوجاڳي ستل وينگس ڪنوار جي پوئين پهر جي سپنا سپنا ننڊ ۾ ڪي ازل جا اونهان ڪيپ ۽ خمار پريل هوندا آهن. دنيا جي ڪا مڌ انهيءَ ننڊ جهڙي نشيلي ڪانهي. ڪا ڪکوهه اهڙي ڪيپ ۽ خمار پريل ڪانهي. ان رات ڪنواريون سڌ ٻڌ ڪوئي سمهنديون آهن.

پنيرڪي اوير ۾، وهائو، ٽمڪندو، سُوت سُوت مٿي چڙهندو ٿي ويو. مٿي – اجا مٿي....ڪڪڙن سجاڳيءَ جا دس ڏنا. مورن جي الستي آلاپن سان ساريءَ سونمياٽيءَ جون پتيون ۽ چتيون واڪا واڪا ٿي ويون. وڻ وڻ سڌ پڙاڏو ٻڌجي ويو. پوجا-گهر جا گهنڊ هڪ هڪ ٿي گونجارجي ويا. اوير ڪي لاڪ لڳندي ئي، ساري وستي اوشا جي پوجا لاءِ سجاڳ ٿي وئي هئي. چُلهه چُلهه مان گانين جي ڇيڻن جو دودرو، ڦلهباري بادلن جيان وٽ کائيندو، نپ ڏانهن ڦُلارجڻ لڳو هو. گهٽين مان گهاگهر رکي ويندڙ پاٽيارين جي پيهه لڳي وئي هئي. پرهه ويل پاٽي پرڻ، ٻوهاري ڏيڻ، وهنجڻ، مکڻ ولوڙڻ، ڊوڊا ڊٽڻ، مور چُڳائڻ، گائيون ۽ ٻڪريون پهرائڻ، هر ۽ ڏاتا ڪٽي ڪيتن ڏانهن وچڻ، ڌرتيءَ جي سپ ڪان وڏي پوجا آهي.

پري، گهڻو پري، جتي برهما لوڪ آهي، جتي ڌرتيءَ ۽ آڪاس جو سنگم ٿئي ٿو، اُتي، ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي ڦاڪ مان، نئون سج، سري ڪڍي، سُوت سُوت، هڪ ڪانو، ٻه ڪانا، ٽي ڪانا، مٽي چڙهندو ويو – مٿي، اجا مٿي.... ساريءَ وستيءَ جو ڪار وهنوار چالو ٿي ويو، پر سونمياٽيءَ جي سڪيلڌي ڪنوار اجا ستي پئي هئي. مٿس ڪيپ مٿان ڪيپ چڙهيل هئا. اونهيءَ ننڊ ۾ السوپ ۾ الوٽ هئي. ڪيس جاڳائڻ ، سنو سنوڻ ۾ ساٿ ڪرائڻ ۽ لڇمين، پوڄارڻيون، نٽ-راڻيون ۽ جيڏيون سرتيون سنڌوءَ جي سپ ڪان سهڻي ۽ سدوري ٻار، سونمياٽيءَ جي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جي پهرئين پٽ، ننڍڙي لڇمڻ پونگر کي وٺي آيون هيون ته جئن ئي ڪنوار اک کولي ته سندس پهرين نهار سنڌوءَ جي سپ ڪان سهڻي ۽ سدوري ٻار تي پوي – ان لاءِ ته جئن هوءَ ٻه پهريون ٻار اهڙو ئي سهڻو ۽ سدورو ڄڻي.

پر ڪنوار اجا ننڊ ۾ الوٽ هئي

ڇَهن.... ڇَهن....

ڇَهن... ڇَهن....

ڇهن... ڇهن....

پوڄارڻين ڇهانڇهه ۽ ٽلين جا مڌر آواز ڇيڙي ڇڏيا هئا.

ننڍڙو لڇمڻ، لڇمين ۽ نٽ- راڻين سان هلندو، ڪنوار جي سيج جي سيرانديءَ آيو هو، ۽ لڇمين جي چوڻ تي، لڄندي، ڦڪو ٿيندي، ننڍاڪريءَ ڪنوار جي ڪنول پنبڻ مٿان پنهنجا نازڪ چپڙا اچي رکيا هئائين – ٻنهه ائين، جئن ٺاريءَ تي ٽڙيل گلاب هوا جي جهوٽي سان سورج مکيءَ تي ڍري پوي، موتيو چنبيليءَ مٿان لڙڪي پوي، نينگريون ٽهڪڙا ڏئي کلڻ لڳيون.

" ائي هيءَ ته اجا پئي برهما لوڪ جي هندورن ۾ جُهلي "

" ويچاري ساري رات جي اوجاڳيل هوندي."

ساري رتول ۾ ٿهه – ٿهه ٽهڪڙن جو سنگيت گونجي ويو.

چپڙن جي ڇهاءَ سان ڪنوار جي پنبڻن ۾ اٽلڪي لرزش ٿي.

ڇهن.... ڇهن ڇهن....

ڇهن ڇهن ڇهن....

ڇهن....

آوازن جو پڙلاءَ ڇٽو ٿيندو ويو. ٽهڪڙا ۽ سنگيت. هن جي ننڊ ڇڄڻ لڳي هئي – ڄڻ برهما لوڪ مان ترلوڪ ۾ اچي رهي هئي – ڄڻ نئون جنم وٺي رهي هئي. ڪَر موڙيندي،

وڏو آرس ڀڃي، جاڳي پئي. سندس پهرين نهار،مرڪندڙ، ننڍڙي لڇمڻ، پونگر تي پيئي. سندس سيج جي چوڌاري لڇميون، نٽ- راڻيون، پوڄارڻيون ۽ سرتيون، لاڪس نون ويس وڳن، هارن سينگارن جا سامان ڪنيو بيٺيون هيون. لڄ ڪان ڪنوار جي مکڙي ڪي جڻ لاڪ لڳي وئي هئي. ڳٽن تان هڪڙا رنگ لٿس تي تہ ٻيا چڙهيس تي. ڪنڌ جهڪائي، ننڍڙي لڇمڻ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي، پيار ڪرڻ لڳي. لڇمين ۽ سرتين ڪيس ٺوڪن سان ورائي ورتو. الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڇئي ڪڍيائونس. ڪِن ڪَن ۾ ڳُجهيون پڇائون ڪري ڇيڙايس، تہ ڪن وري ڪتڪائي ڪري زوري ڪلايس. سڄي رتول ۾ ٺهہ – ٺهہ ٺهڪڙا گونجي ويا. لڄوڙي ڪنوار، ڳاڙهي ڪُنبي ٿيندي رهي.

اهو ڏينهن ڪنوار کي سون- تلاءَ جي پوڄ پاٺي ۾ وهنجارڻ جو ڏينهن هو. سون تلاءَ جي آنريل، اُجري ۽ آجري، سرهاڻين ۽ نِير ڪهُليل ۽ ڪنور تري رهيا هئا. تلاءَ جي رنگا رنگ ڊِڪين ۽ پنڊالن مٿان هيڊن ۽ اڇن وڳن ۾ ويڙهيل پوڄارڻين، رکي رکي، جهانجهہ، ڇنگ، ڪماچ ۽ جلترنگ پئي ڇيڙيا. تلاءَ جي چوڌاريءَ، باغ ۾ مور پئي ٽانءَ سان ٽليا. وڻ وڻ هيٺان پلنگ، پٽوراڻيون، پالڪيون پيل هيون. اٺمين ميون ۽ مناين جا ٿالهہ پريا رکيا هئا. جيڏانهن نهار، سون ورنيون سوڊيون مُڇرڪا ڪريو پيون مارڪا ڪن، ۽ نينگريون پوپٽن جيان پٽپٽيهر پڙا لمڪايو پيون اکبوٽ رانديون ڪن ۽ مور ڇُڳائين. سون تلاءَ تي هر پاسي جڻ سرڳ سڃايل هو.

ان ويل لڇميون، نٽ- راڻيون ۽ سرتيون، هارن ۽ سينگارن جا ٿالهہ هٿ-ترين تي ڪنيو، وڏي شان ۽ مان سان ڪنوار کي تلاءَ تي وٺي آيون هيون. ڪنوار جي ايندي ئي سون تلاءَ کي جڻ چوراسي چنڊ لڳي ويا هئا. هر نينگري، هر ناري، ڪيس واڌايون ڏيڻ لاءِ ڊوڙندي آئي هئي.

۽ پوءِ، پوڄارڻين سندس ڇَتا چوڙيا، سندس ڪامٺي ڏڙ ڪان وهانءَ جو ڪُنبو وڳو ڌار ڪيو. ڪابيءَ ٻانهن ۾ عاج جي موتين مڙهيل ٻانهين. ساڄيءَ ۾ سون ڪڙا ۽ ڪنگڻ، ڳچيءَ ۾ هسلي، ڪهُڪهي جيان گول سڊول بدن جو گهڙاءُ... ۽ سون تلاءَ جي اُجري اُجري، سرهاڻين پريل، گل،ڦل پاڻيءَ ۾ جڻ لٿي هئي ڪا اندر لوڪ جي اپچرا. اڱڙا ڌوئڻ لاءِ، ديوداسيون مٿانئس گلن ڦلن جي ورڪا ڪنديون رهيون، ۽ پوڄارڻين جلترنگ ۽ جهانجهہ تي راڳ ڇيڙي ڇڏيو ---

جهٽ جهٽ وهنجي وٺ ڙي ڇوڙي، مٿان موڙ پيا ڏسن !

جهٽ جهٽ انگڙا ڌوئي وٺ، ٻارڙا سي سنڌو گهاٽ تي اِتي ذڪر ڪيڏڻ ويا آهن :

Gul Hayat Institute

جهٽ جهٽ وهنجي وٽ ڙي چوري، چورا مٽان اچي وڄن !
 جنهن پاٽيءَ ۾ تون وهنجي پئي، سو باغن ڏانهن ورهائبو،
تنهنجيءَ سُرهيءَ مَر مان ڦٽنديون، ڪيئي سُرهيون ڦلڙيون ؛
جهٽ جهٽ انگڙا ڌوئي وٽ، مٽان مور پيا ڏسن !

ان ويل، جڏهن سونمياٽيءَ جي لال ڪنوار وڏي چاڳ ۽ چوهه سان سون تلاءُ جي پوچ پاٽيءَ منجهان پئي ٻڪ ڀريو وهنتي، ۽ سون تلاءَ ڪان پري، سنڌوگهاٽ تي، سنڌوءَ جا ننڍڙا ٻي اُلڪا ٻارڙا، اِتيءَ ڏڪر سان اڪٹ ٻڪٽ، لين مون، راند پئي ڪيڏيا، نيڪ ان ويل، سونمياٽيءَ جا جُنگ جوان، راڪي ۽ ساڪي، هزارن جي ليکي، سنگهرون ڪريو، سنڌو ديس جي سرحدن جي رکواليءَ لاءِ، سونمياٽيءَ ڪان سوين ڪوهه پري، اروڙ جي لَڪن ۾ پڙاءَ وجهيو، ڀالا، ٻڇ، ڪڙٻ، ڪلول ۽ڪٽارا ڪٽيو، چست ۽ چوڪس، پسار ڪري رهيا هئا. هر ويل هشيار، هر ويل خبردار، هر ويل مرڻ ۽ مارڻ جي بازيءَ لاءِ تيار. ڪارونجهر، هالار، پٻ، گنجي نوڙهي، ڀڳي نوڙهي، ڪانيوءَ، ڪير ٿر ۽ سورجاٽيءَ جيان، ڌرتيءَ سان ڳنڍيل، اٽل ۽ اٽموٽ !

اڪٹ، ٻڪٹ، تين، لين، مون، نار....

نيڪ ان ويل، پري، اُتر ڪان، سڄن سارن ڏهن هوڙهن منهن ڪڍيو هو. اروڙ جي لَڪن جي اُتانهين چوٽين مٿان هر ويل چوڪس بيٺل راڪن سنڪن تي وڏي ڦوڪ ڏني هئي. لَڪ لَڪ، ٽُڪر ٽُڪر، پيرِ جي آواز سان پڙاڏجي ويو هو. سنڌوءَ جا جُنگ جوانڙ، سنگهرون سنواري، ڪٽارن سان واڳن جي ڪلن واريون ڍالون وڄائڻ لڳا هئا — ڄڻ سنڌوءَ جي ساريءَ ڌرتيءَ شينهن جيان گجگوڙ لائي ڏني هئي.

۽ اُتر ڪان ايندڙ ڏهه ئي هوڙها ۽ ٻيڙا سانت سان ويجها ايندا تي ويا. سنڌوءَ جي جُنج جواٽن انهن ڪي روڪڻ لاءِ پنهنجا ٻيڙا ۽ هوڙها سنڌوءَ ۾ چوڙي ڇڏيا هئا. سنڌوءَ جي جُڌ اڳواڻ، لڪشمڻ ڏِڳ جو هوڙهو سيني جي مُهڙ ۾ هو. هو هوڙها وڌائڻ جو حڪم ڏئي چڪو هو....

ٽامي نگر ڪان ايندڙ ڏهه ئي هوڙها، سنڌوءَ جي وچ سير ڏيو، جُهلندا تي آيا. سيني ڪان اڳيان ٽامي جي راڄ- رکوال جو هوڙهو هو. ان جي پنيان ٽي هوڙها لوڪن جا هئا. تن جي پنيان ڇهه هوڙها ٽامي جي جنگ جواٽن جا هئا. اروڙ جي ٽڪرين وٽ اچي، ڏهن ئي ٻيڙن جي ٻيڙياتن ڪي ڏهڪاءُ ويڙهي ويو هو. سڀ ناڪئا تڙ توائي تي ويا هئا. جيستائين نهار تي ويئي، سنڌوءَ جي چر مٿان هوڙها ئي هوڙها هئا، جهيڙاڪ جهونجهارن جا جٿا هئا. ڪنڌيءَ

ڪان ڪنڌيءَ تائين، ڏونگرن ڪان ڏونگرن تائين، قطارن پٺيان قطارون، سنگهرن پٺيان سنگهرون، اڙيل وڇيرا، گهوڙا، ٻيڙا ۽ گهوٽ. هٿن ۾ پاونگ، ڪنڌ، ڪٽارا ۽ ڪرت، مٿن ڪلنگيون ۽ سر ڪنگول. رُڪاهان لڳ، ڏمريل چهرا، گهاتو ۽ گهور. ۽ ڏور ڏونگرن مان ايندڙ جنگي ڀير ۽ سنکن جا آواز درياهه ۾ دهشت هئي. چڱ ساري اروڙ جي ڌرتيءَ واڳونءَ جيان وات ڦاڙيو بيٺي هئي. جو گهڙي، سو نِئي. ڪنهن کي موت ڪٽي جو سر سهسائي سامهون تئي. ناڪئن جون متيون موڙهيون هيون. ٿامي جي راڄ- رکوال پري ڪان سونمياٽيءَ جي هٿياربند ڪٽڪ جا هوڙها ۽ ٻيڙا ڏسي، وڏي واڪي پنهنجن ناڪئن کي سڃاڻ ڪيو " ناڪئا، امن ۽ اهنسا جا جهنڊا ڪڙا ڪريو ! جيئن ديوتائن جي درٻار ۾ وڃبو آهي، سونمياٽيءَ جي سردارن، جَڌ اڳواٽن ۽ جهونجهار جٿن اڳيان سر نوائجو. ساڃهه، نياوَ ۽ نوڙت سان هلجو، جو سونمياٽيءَ جي سرواٽن جا ڏمر جهنگلي پاڏن ۽ گندرن جي ڌڪ کان وڌيڪ ڀيانڪ آهن. نمي ڪمي نهارجو، جو اوهين ڌرتيءَ جي راڄ دلارن اڳيان پيا وڃو. " راڄ- رکوال جي هڪل سان ناڪئن امن ۽ اهنسا جا اڇا ۽ هيڊا جهنڊا کڙا ڪيا هئا.سنڌوءَ ۾ سنسو هو. ڏهه ئي هوڙها نيڌوءَ ۾ ڏتڙپندا تي آيا.

" هوڙها جهليو... لنگر اڇلايو.... هوڙها جهليو ! "

هوڙها هوڙهن سامهون آيا هئا. ناڪئن لنگر اڇلايا. ڏهه ئي هوڙها سونمياٽيءَ جي هوڙهن سامهون اڇي پار سان ٻڌجي ويا هئا. سڀ آريا سردار سونمياٽيءَ جي جنگي ڪٽڪ جي اِها سَج ڌڄ، اهو نٽ ۽ ادمبر، جهونجهار جٿا، ڪنڌ، ڪٽارا، رڪاهان لڳ ۽ ڪامل سر ڪنگول جوان ڏسي، وائڙا تي، آڏين اکين سان هڪٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا هئا. سنڌن منهن لٿل هئا. سنڌن شينهن جيان شيرين، بيڊپين، پوائتين، پراسرار اکين ۾ڏهڪاءُ هو. سڀ پنجوڙ ۾ قاتل شينهن جيان چوڪٽا ٿيو بيٺا هئا. ٿامي جي راڄ- رکوال، ۽ جنگ جواٽن، سونمياٽيءَ جي راڄ-رکوال، لڇمڻ ڄام سرواڻ، سيني سردارن، مکين، جڌ اڳواٽن ۽ جهونجهار جٿن آڏو ڀالا ۽ ٻٽچ نوائي، وڏا ڪورنش ڀريا. ٿامي جي راڄ- رکوال سونمياٽيءَ جي راڄ-رکوال اڳيان ڳات نوائيندي، وڏا ڪورنش ڪندي چيو :

" سونمياٽيءَ جي گهوڙن، ٻيڙن ۽ گهوٽن جو خير هجي. آءُ ٿامي جو راڄ-رکوال پنهنجن جنگ جواٽن سميت سونمياٽيءَ جي راڄ-رکوال، جڌ — اڳواٽن، مکين ۽ جهونجهار جٿن آڏو پنهنجو سر نوايان ٿو، جو هن ڌرتيءَ تي اوهين سڀ کان اُتانهان آهيو، جو اوهان جو مان ۽ مرتبو سيني کان مٿانهون آهي." ان کان اڳ جو ٿامي جو راڄ-رکوال هڪ ڀيرو

وري ڪورنش ۾ سر نوائي، سندس سامهون هوڙهي جي آڳي تي بيٺل سونمياٽيءَ جي راڄ-رکوال چيتي جيان چنگهار ڪئي :

" رکوال ! سر انهن جي اڳيان نوائبا آهن، جن جي آڳيا ۾ هلبو آهي، جن جو مان ۽ مرتبو سڃاڻبو آهي. اوهين سڀ ليڪا لنگهي ويا آهيو. اهي ڪورنش ڪوڙا آهن. ٻڌاءِ ڇو آئيا آهيو؟ هي ويري اسان سامهان ڇو آندا اٿئي؟ ٻڌاءِ

ڪهڙا اوپالا پري آئيا آهيو؟ "

سونمياٽيءَ جي راڄ- رکوال جي هڪل سان ٽامي جي راڄ-رکوال جو ساهه ڄڻ سڪي ويو هو. هڪ پيرو وري ڪورنش ڪندي چيائين، " امن ۽ اهنسا جا ڏٽي آهيو، پلارا پال ڪجو. اسين سونمياٽيءَ جي مهاراجا لاءِ ٽامي جي راجا جو سنديش ڪٽي آئيا آهيون."

" ڪهڙو سنديش ڪٽي آئيا آهيو؟ "

ٽامي جي راڄ- رکوال سند آڳيا ۾ ڪنڌ نوائي پنهنجي پر ۾ بيٺل هڪ جنگي جوان ڪان ٽامي جي راجا، جي سنديش واري ميتوڙيل پٽي وٺي، هوڙهي جي آڳي تان ٻه پيرا اڳتي وڌي، هٿ ڊگهيري، سونمياٽيءَ جي راڄ- رکوال کي ڏني. اُها پٽي پڙهي، سونمياٽيءَ جي راڄ- رکوال جي منهن تي گهنڊ پئجي ويو. ٽامي جي راڄ- رکوال ڏانهن نهاري چيائين :

" ته اوهين پاڻ سان گڏ آرين جي مهاويد اگنيءَ کي وني آئيا آهيو."

" ها، راڄ-رکوال، آرين جي مهاديوي اگني موت جي پاٽاريءَ تي پئي آهي. ٽامي جي پانڊتن، ويڄن ۽ پاڙهن چيو ته مهاديوي اگنيءَ جو دارون سونمياٽيءَ جي مندر ڪان سواءِ ڪٿي به ڪين ٿيندو. اسين ٽامي جي راجا جي حڪم سين، ڪيس ڪپاهين ۾ ويڙهي ڪٽي آئيا آهيون."

سونمياٽيءَ جو راڄ- رکوال چوهه مان تڪ ٻڌي ڏانهنس نهاريندو رهيو ۽ چيائين : " پلا اوهان ائين ڪيئن وسهيو ته سونمياٽيءَ جي سرحدن ۾ اُن کي گهڙڻ جي آڳيا ملندي؟ "

" ان لاءِ ته اسين ڄاڻون ٿا ته اوهين ويرين جي واهر ڪرڻ وارا آهيو. سونمياٽيءَ جي در تان سڪٿو ڪو ڪو نه وڃي، جو سونمياٽيءَ امن ۽ اهنسا جي ڌرتي آهي."

" ها، رکوال، اسين دشمن جي ڦٽن تي لپريون ٻڌڻ وارا آهيون. اسين ٻچڙن سان پلايون ڪندڙ آهيون. اهو سونمياٽيءَ جي مندرن جو اتهاس آهي. پر اڄ اسين اُنيءَ ۾ ٿوري ڦير گهير ڪنداسين. آرين جي مهاديويءَ اگنيءَ جي ٿنهي هوڙهن کي آڳيا ملندي، ان لاءِ ته متان آريا ائين وسهن ته اسان ڪنهن ڏهڪاو ڪان ڏڪي آرين جي مهاديويءَ کي پنهنجي در تان موٽايو آهي. پر اوهان کي نه، ان لاءِ ته اوهين پائرن ۽ واهرن جي پٺيءَ ۾ ٻٽيچ وجائڻ وارا

آهيو. اسين اوهان سان سڀ ناتا ڇني چڪا آهيون. هاڻ اسان جو اوان سان نه رت آهي نه پَت، نه سڱ نه سياڪو. سونمياڻيءَ جي ڌرتيءَ جا سمورا در اوهان تي بند آهن. اوين پنهنجا ست ئي هوڙها موٽائي وڃو."

" راڄ- رکوال، اسين ٽامي جي راجا جي حڪم سان مهاديوي اگنيءَ جي شيوا ۾ آئيا آهيون، اسين ڪيس ڇڏي ڪيئن ويندا سين."

" ٽامي جي راجا جو حڪم ڪو ساري پرٿويءَ لاءِ ڪونهي. هيءَ سونمياڻيءَ جي ڌرتي آهي. آرين جي مهاديوي اگنيءَ هاڻ اسان جي پاڪر ۾ آهي. سونمياڻيءَ جا سجاڻ پانڊت، ويج ۽ پاڙها، مئل ماڙهوءَ ۾ ساهه ڦوڪي ڇڏيندا آهن.مهاديوي اگنيءَ کي سونمياڻيءَ پڄاڻ جو ذمو اسين پنهنجي سر تي ٽا ڪٽون، اسين پاڻ هوڙها ۽ ٻيڙا قطاري ڪيس سونمياڻيءَ وٺي ويندا سين. اوهين ست ئي هوڙها ڪاهي هتان هليا وڃو."

ٽامي جي راڄ – رکوال ڏاڍي ايلاز مان چيو : " پر اسين ٽامي جي راجا ڏانهن ڪهڙو منهن ڪٽي ويندا سين."

" جهڙو منهن اسان ڏانهن ڪٽي آئيا آهيو. وڃو، انهيءَ سپت سنڌوءَ جي سرحدن جي سوداگر کي چئي ڇڏيو ته سونمياڻيءَ جي سرحدن جا سمورا در مٿن بند ٿي ويا آهن. باقي رهي آرين جي مهاديوي اگني، اُها ڇڱي ڀلي ٿي ته وڏي ڏام ڌوم سان ٽامي پهچائي ويندي. سونمياڻيءَ جا ماڻهو پنهنجي اڳڻ آيل ماڻهن جي شيوا چڱيءَ طرح ڪري ڄاڻن. هاڻ اهي لڄيندا منهن ڪٽي هتان هليا وڃو. وري ڪڏهن به سونمياڻيءَ جي پلاري پونءَ لتاڙڻ جي سڌ نه ڪجو."

ٽامي جي راڄ – رکوال گهائل ٿي سونمياڻيءَ جي راڄ-رکوال ڏانهن نهاريو. سونمياڻيءَ جي راڄ- رکوال جو حڪم ڄڻ ڪاٺ ۾ ڪهاڙي جو ڌڪ هو. ٽامي جي راڄ- رکوال ڏي نهار ته اڪر نه اُجهيس. ماٺ منيءَ سان سونمياڻيءَ جي راڄ- رکوال جي آڳيا ۾ پنهنجو سر نوائي ڇڏيو.

اُها ڏاڍي ڏکوئيندڙ گهڙي هئي. ٽامي جي راڄ-رکوال مهاديوي اگنيءَ جا ٽيئي هوڙها ڇڏي، سونمياڻيءَ جي راڄ رکوال، مکين، جڏ اڳواڻن ۽ جهونجهار جتن آڏو وڏا ڪورنش پريندو، ست ئي هوڙها ڪاهي، پڳهه ڇوڙي هلڻ لڳو هو. ٽامي جي هوڙهن کي پنهنجي در تان موٽائي، سونمياڻيءَ جو راڄ- رکوال مانو ٿي ويو هو. سڀ سردار ۽ جنگ جوان چپ چپات هئا. اڪين ڇنبڻ ڇڏي ڏنو هو. ڇوندا آهن ته رت رت آهي، رت، جو رڳن ۾ ڊوڙي ٿو... رت، جو ڌرتيءَ جي داٽي پاٽيءَ مان ڄڙندو آهي، چالهين سنگ تي به وري ويندوآڳي. اڄ

رت رت کان جدا ٿي ويو هو. اڄ پائر پائرن جي در تان موٽي ويا هئا. پروشني ۽ ستادرو [18] سنڌوءَ مان ڦٽن ٿيون، ۽ سنڌوءَ ۾ مِڙن ٿيون. اهي ڪڏهن جدا ڪين ٿين. پر اڄ پروشنيءَ، ستادروءَ ۽ سنڌوءَ جي ماڻهن ۾ ڪوهن جا ويڇا پئجي ويا هئا. اهڙا ويڇا، جي ڪنهن گهاٽ تي نٽا گڏجن، ڪنهن سنگم تي نٽا مڙن، ڪنهن رڳ تي نٽا ملن. رڳن ۾ رت جڻ ڄمي ويو هو. سنڌوءَ جي وهڪ جڻ بيهجي وئي هئي. ٽامي جا هوڙها وچي رهيا هئا. جيستائين نهار ٿي وئي، سونمياٽيءَ جو راڄ- رکوال ۽ جنگ جوان، هانو تي پهڻ رکي، ٽامي جي ويندڙ هوڙهن ڏانهن نهاريندا رهيا.

آريا سردار وائڙا هئا. ڪڏهن سونمياٽيءَ جي ڪٽڪ ڏانهن ٿي نهاريائون ته ڪڏهن ٽامي جي ويندڙ هوڙهن ڏانهن. سندن ڪيهر شينهن جهڙين اکين ۾ آبڪو هو. ان ويل، سونمياٽيءَ جي راڄ- رکوال ڪنڌ ڦيري ٽنهي هوڙهن جي آڳي تي بيٺل آريا سردارن مٿان ڪڙي نهار وڌي. سيني آريا سردارن جي جسمن تي جانورن جون کلون اوڍيل هيون. مٿن ڍڳن جا سنگ ۽ ڳچين ۾ جانورن جي هڏن جون مالهائون هين. وڏيون ڏاڙهيون، وڏا وار، بنهه جهنگلي جانارن جيان ٿي لڳا.

سندن ٻي ڊپين اکين ۾ ڊپ ۽ اُبڪو ڏسي، سونمياٽيءَ جي راڄ-رکوال ڪين آٿت ڏني: "آريا سردارو، نه ڊڄو، وهم نه پچايو، سونمياٽيءَ جا ماڻهو پنهنجي تڏي آيل ماڻهن کي امرت پيارينداآهن، نه وهه جا وٽا. هي جهونجهار جتا رڳو روهه رڻن ۾ ڪڙڳ ڪلول ڪرڻ ڄاڻن، ميدانن ۾ هاڪاري وڙهڻ ڄاڻن، هي پنهنجي گهر ۾ گهرائي ڪنهن کي ڪين مارين. هيٺن ۽ هيڪلن تي جلهه ڪرڻ اسان جو وڙ ناهي. اوهان جي مهاديوي، مهاراڻي اگنيءَ ۽ اوهين، سونمياٽيءَ جي مهاراجا جا مهمان آهيو. اسين اوهان جي مهاراڻيءَ ۽ اوهان جي آجيان ائين ڪنداسين، جئين راجا ۽ راڻيون پنهنجين مهمان راجائن، راڻين ۽ سورهيه سردارن جي آجيان ڪندا آهن. اوهين بيدپا هلو. ڪنهن جي مجال ڪانهي جو اوان ڏانهن اک کڻي نهاري."

سيني آريا سردارن سندس ڳالهه سمجهندي، سندس آجيان لاءِ سر نمايا. ان ڪان پوءِ سونمياٽيءَ جي راڄ- رکوال پنهنجي جنگي ڪٽڪ ڏانهن منهن ڦيري، پنهنجي سون ڪڙن ۽ ڪنگڻن واري رُڪانهين ٻانهن هوا ۾ جهولي، پنهنجي ڪٽڪ جي جڌ- اڳواڻن ۽ سورهيه سردارن کي هڪل ڪري چيو :

---

[18] پروشني ۽ ستادرو : راوي ۽ ستلج

" اي منهنجي ! ڪٽڪ جا سورهيہ سردارو، جڌ-اڳواٽو، سرويچ پهلواٽو، اج آريا ديش جي مهاديويءَ، مهاراڻي اگني، سونمياڻيءَ جي مهاراجا جي مهمان بڻجي آئي آهي. پنهنجن جهونجهار جٽن کي حڪم ڏئي ڇڏيو تہ مهاديويءِ اگنيءَ جي آجيان لاءِ سنک ۽ توتارا وڄائين، پيرِ تي ڏونڪا هڻن، ڍالون کڙڪائين، کنڊ،ڪٽارا، ڀالا ۽ ٻٽچ نوائي، آريا ديش جي مهاديويءَ جي هوڙهن جي آجيان ڪن. سونمياڻيءَ جي مهاراجا ڏانهن رٻارا ڊوڙايو تہ کين خبر پوي تہ آريا ديش جي مالڪياڻي، ميرو پربت جي ڄائي، همالا جي ڌياڻي، آرين جي مهاديوي، مهاراڻي اگني، سونمياڻيءَ جي مهمان بڻجي اچي رهي آهي."

سونمياڻيءَ جي راڄ-رکوال جي حڪم سان سڄي ڪٽڪ ۾ وٺ پڪڙ پئجي وئي هئي. سونمياڻيءَ ڏانهن هڪدم رٻارن جا هوڙها ڊوڙايا ويا هئا. مهاديوي اگنيءَ جي آجيان لاءِ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان جهونجهار جٽا سنگهرون هٽي بيهجي ويا هئا. مهاديويءَ اگنيءَ جي هوڙهن جي آجيان لاءِ، سنڌوءَ جي ڪنارن کان ڏونگرن جي چوٽين تائين، سنکن، توتارن ۽ پيرِ جا آواز ٻُرڻ لڳا هئا. جئين ئي سونمياڻيءَ جي راڄ-رکوال جي هوڙهي پنيان مهاديوي اگنيءَ جا ٽيئي هوڙها تار مان ترندا، ٿامي جي سرحد مان سونمياڻيءَ جي سرحد ۾ آيا تہ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان بيٺل هزارين جنگ جوانن، ڪٽارن سان ڍالون وڄائي، پنهنجا کڙڳ کلول، ڀالا ۽ ٻٽچ نوائي، آريا ديش جي مهاديوي اگنيءَ جي هوڙهن جي وڏيءَ ڏام ڌوم سان آجيان ڪئي.

ان کان پوءِ سونمياڻيءَ جي راڄ-رکوال آرين جي مهاديوي اگنيءَ جي هوڙهي ۾ وڃي کيس ڏٺو. هوڙهي جي ننڍڙي ڪانانهين جهروکي ۾ هوءَ موت جي پاٽاريءَ تي يسرت پئي هئي. مٿانهنس اڇو اوڇڻ وريل هو. سندس پاٽاريءَ جي چوڌاريءَ آريا پروهت ۽ پوڄارٽيون گوڏا اونڌا ڪريو، ڪنڌ جهڪايو، ياترا ۾ اباڻڪا وينا هئا. هن هٿ وڌائي، اوڇڻ هٽائي، مهاديوي اگنيءَ کي ڏسڻ تي گهريو، پر آريا سردارن سندس هٿ جهلي ورتو. سونمياڻيءَ جو راڄ-رکوال آرين جي مهاديويءَ مٿان ڪجهہ دير بينو ڏانهنس نهاريندو رهيو، ۽ پوءِ منهن موڙي ٻاهر آيو.

انهيءِ شام جو سونمياڻيءَ جو راڄ-رکوال، پنهنجي جنگي ڪٽڪ جون واڳون پنهنجي سورهيہ سردارن، جڌ اڳواٽن ۽ مُکين جي حوالي ڪري، کين وڏيون سمجهاڻيون ڏيڻ کان پوءِ، آرين جي مهاديوي اگنيءَ کي سونمياڻيءَ پڄائڻ لاءِ هوڙها ۽ ٻيڙا قطاري، تار ۾ تراز تاريندو، سونمياڻيءَ روانو ٿيو. اروڙ جي نديءَ مان جتان جتان سندن هوڙهان ٿي لنگهيا،

سنڌوءَ جا جنگ جوانڻ، ڀالا ۽ ٻڇ نوائي، سنک ۽ توتارا وڄائي، سندن آجيان ڪندا رهيا. هوڙهن ڀنيان هوڙها، سڙهه اُڀا ڪريو، ٽيٽهرن جيان چڙهه اُڏاٽا ٿي ويا.

***

Gul Hayat Institute

6

سونمياٽيءَ ۾ مهاراڻي اگنيءَ ديويءَ جي اچڻ سان، چئني ڏسائن ۾ وڏي بدسوڻ جيهي بيچيني پئدا ٿي وئي هئي.

سونمياٽيءَ ۾ غرغلو هو، سنڌو گهاٽ کان وٺي راڄ رتول تائين ماڻهو منجهاڻل منجهاڻل هئا.سنڌوءَ جا سڀ رشي پانڊت ڪيرت پويا ويچ ۽ ويد وڏيون پوٿيون پٽڻ ڪانپوءِ وڏي سن ۾ اچي ويا هئا.

مهاديوي اگنيءَ جا هوڙها ۽ ٻيڙا سنڌو گهاٽ سان لڳندي ئي سنڌوءَ جي مهاراجا جي حڪم سان، آرين جي مهاديويءَ اگنيءَ ڪي سونمياٽيءَ جي سڀ کان وڏي ويچ وديا گهر ۾ پهچايو ويو هو جتي وڏا ويچ ۽ وڏوان بيمار ماڻهن ڪي پوڄ پهيڙا ستيون پيارڻ سان گڏ پنهنجي پانڪن ۽ پوئلڳن ڪي ويچ وديا جو پٽيون پڙهائيندا هئا.

صبح ٿيندي ئي راڄ رتول ۾ سنڌو جي مهاويچ آتم تارا ۽ ٻين چئن وڏن ويچن ڪي مهاديوي اگنيءَ جي دوا دارونءَ لاءِ گهرايو ويو هو. راڄ رتول ۾ سنڌوءَ جو راڄ- رکوال لڇمڻ جام سرواڻ سان گڏ ٻيا جڌ اڳواڻ، مهامنتري، مکي، رگ ويد جا رشي ٻيا پانڊت ڪيرت هڪيا حاضر هئا. سنڌوءَ جي مهاراجا ڏاڍي گمڀير مان مهاويد آتم تارا ڏانهن چوڻ لڳو :

" مهاويد، آرين جي مهاراڻيءَ اگني اڄ اسان جي نجهري علاج لاءِ مهمان ٿي آيل آهي. اهو بدسوڻ آهي يا سنو سوڻ اسان ان جي پرواهه ڪين ڪنداسين. مهاديوي اگنيءَ ڪي نراس ڪري اسين سنڌوءَ جي ساک ۽ راجنيتيءَ سان ڪيت نه ڪنداسين دشمنيون جنگ جي ميدان ۾ پاڙيون ويندیون آهن. اسانجي ملڪ جو شان مان ۽ مرتبو. اِنيءَ ۾ آهي ته مهاديوي اگني اسانجي ملڪ مان چاڪ چوبند ٿي پنهنجي وطن ڏانهن موٽي وڃي. ٻڌايو اوهين ڇا ٿا چئو ....؟ مهاراجا جي ڳالهه تي مهاويد آتم تارا پنهنجي ڳري آواز سان ڳالهائي ٿو :

" مهاراجا، اوهين دل جاءِ ڪريو. اسين پنهنجي ڏيهه جي ناموس لاءِ وڏا وس ڪنداسين. جئين آريا لوڪن ۽ هن پرٿويءَ تي رهندڙ قومن مٿان اسانجي اُتم وديا جي وِڇا ڏِڇا جي ڏاک ۽ ساک سدائين جئين اونچي رهي. اسانکي خبر آهي ته اگني اسان جي ملڪ جي سڀ کان وڏي ويري آهي. پوءِ به اسان ڪيس جيئدان ڏيڻ لاءِ سندس علاج ڪنداسين."

مهاويد آتم تارا جي ڳالهه تي مهاراجا ڏاڍي گمڀيرتا سان اونهون ساهه کڻي ڪين علاج لاءِ آگيا ڏيندي چيو :

" مهاويد، پوءِ وجو ۽ پنهنجي پوچ پهيڙا سُتين ۽ دوا دارونءَ سان آرين جي مهاديوي کي مئيءَ پاتاريءَ تان اتاري کڙو ڪريو. وجو آئون اوهان سيني ويجن کي آڳيا ٿو ڏيان جيئن اوهان پنهنجي ويج وديا سان ساريءَ پونءِ مٿان سوپيارا هجو."

آڳيا ملندي ئي مهاويد آتم تارا، راڄ رتول جا چارئي وڏا ويج، پنهنجي پنهنجي پالڪين ۾ اچي وينا هئا. ۽ راڄ- رتول جا جوپ جوان قطارون ڪري پالڪين کي ڪلها ڏئي، راڄ رتول ڪان سونمياٽي جي سپ ڪان وڏي ويج وديا گهر ڏانهن، تکيرا هلڻ لڳا هئا. مهاويد آتم تارا وڏين سوچن ۾ وهلور چوڏس سونمياٽيءَ جي وڏين ويڪرين گهٽين ۾ نهاريندو ٿي ويو. پنج ئي پالڪيون جڻ هڪ ٻئي پنيان اُڏاٽيون ٿي ويون. سامهون پالڪيءَ ۾ وينل پڪو جهوليندڙ دائيءَ مهاويد جي مک ۾ نهاريندي وڏن وسوسن مان پٽڪو ڪندي چيو :

" مهاويد، اها ڳال ته ڪوراڙ ٻلا جي وات ۾ ڪير وجهڻ برابر آهي."

" هون.... ها اهو سچ آهي." ڪن لاءِ مهاويد دائيءَ ۾ وڏي اون مان نهاريندي وري ڳالهائي ٿو.

" ڪڏهن ڪڏهن نانگ مارڻ بدران نانگ جو زهر ڪڍڻ ضروري ٿي پوندو آهي. اسين ويج آهيون. اسين اهو ئي ڪم ڪنداسين جيڪو اسانکي سيکاريو ويو آهي." ٻئي چپ ٿي وڃن ٿا.

پنج ئي پالڪيون هڪ ٻئي پنيان گهٽين مان گذرنديون ٿيون وڃن. مهاويد آتم تارا سونمياٽيءَ جي سرڳ سمان رنگ رتولن، ماڙين محلن، ٿيڪاهين چونرن ۽ جهروڪين ڏانهن ڏاڍي اندوهه مان نهاريندو ٿو وڃي. مهاويد آتم تارا محسوس ڪري ٿو ماڻهو خوش ڪينهن. ماڻهن جا منهن لٿل ۽ اترا آهن. سپ سنگهارون ۽ ڪنواريون ۽ دايون ۽ ٻايون وڏن وسوسن ۾ آهن. سپ پوڙها ۽ جوان ڪيس ڏاڍا منجهائل، رُساٽا ۽ رنجوڙ پئي ڏنا. جڻ اوچتو ئي اوچتو ماڻهن جي اندر کي اُوڏهي لڳي وئي هئي. ڪوئي خوش ڪو نه هيو. بس رڳو گهٽين ۾ ڪيڏندڙ ٻارڙا خوش هئا. ٻالاپڻ جي ٻوڪ سان پئي اڪٽ ٻڪٽ، تين.لين، مون. راند ڪيڏيا ۽ ڊوڙيا. ڪن ٻارڙن پالڪين سان گڏ ڊوڙون پايو، ٻاتا منا منا آواز ٿي ڏنا. ٻي اُبڪا ٻارڙا. پلا ٻارڙن کي ڪيهي خبر ته وڏن جي من ۾ ڇا آهي... .

رات، سنڌو ڪاري رڳ ويدا رچيندڙ رشين راڙو ڪيو هو ته :

مهاراڻي اڳني، ها سنڌو جي وچ سير وني آئي آهي اُها وڏو اپاڳ آهي. اهو سنڌوءَ لاءِ سنو سوڻ ڪينهين مهاراڻي اڳني لوپي، اهنڪاري آهي. مهاراڻي اڳنيءَ جي اندر ۾ ڇيرن،

هنسا ۾ ڪام ڪانسواءِ ڪين ٻه ڪينهين. رات، سنڌو جي وڏن پاندٿن پوٿيون پٽي چتاءُ ڏنو هو ته :

اسان دراوڙ لوڪ تارن، نکيترن ۾ گرهن ڪان وڌ ڌوتيءَ جي وديا جا ڄاڻو آهيون. اندر ۾ ڄيرا ڪنيو هلندڙ اگني ديوي اسان جي ساٿيهہ متان وچ ڪرڻ برابر آهي. اگني نه رڳو سون ولات، چين ولات پر ساري پرٿويءَ کي پنهنجي اندر جي آڳ سان نشت ڪرڻ آئي آهي ۽ اگنيءَ جا پوڄاري، پنهنجي آسماني ديوتا ديوس پتر [19] کي خوش ڪرڻ لاءِ پروان ملڪن متان ڪاهون ڪندا. پڪل پوڪن کي باهيون ڏيندا. هي پرٿوي نون ورشن [20] ۾ ورهايل آهي. آريا لوڪ نون ئي ورشن متان ڪاهون ڪندا. آريا نديون ورش سنڌوءَ جون ننگريون ناس ڪندا. ان لاءِ ته ڌرتيءَ تي ڪوپ ڪرڻ آريا لوڪن جو ڌرم آهي.... مهاويد آتم تارا سوچيندي تي ويو ۽ پالڪيون اڳ پريون ٿينديون تي ويون.

" اوان کي سوچيا پيو؟..... "

" ها.... " پکو جهوليندڙ دائيءَ جي ڳالهہ تي مهاويد پاڻ سنياليندي وراڻي ٿو.

" ڇا؟... "

" ڪجهہ ٻه ڪين. ماڻهوءَ جو ذهن پاڻ سوچهٽارڪل آهي. ماڻهو هر ويل ڪجهہ نه ڪجهہ سوچيندو رهندو آهي. پنهنجي لاءِ ٻين لاءِ. ماڻهو اَوس آهي. ماڻهو سوچڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي".

مهاويد آتم تارا پکو جهوليندڙ دائيءَ سان ڳالهائيندي ماٿ تي ڪڏن جي چتين متان اُس تي ڌوتل ڪپڙا وجهندڙ ڌوبياڻين ڏانهن تو نهاري. ڌوبياڻيون ڌوتل، نپوڙيل ڪپڙا چندي چندي اُس تي وجهندي، پالڪيون پسنديئي هڪ ٻئي پٺيان ڪورنش ڪرڻ لڳيون هيون. مهاويد کي ڌوبياڻين جا تلڪ ٻي رنگ، مُک هيڊا، انرا، اُجهاٽل ۽ اوٻاتيل تا ڏسڻ ۾ اچن. ڌوبياڻيون ڪورنش ڪنديون ٿيون رهن.

وڏي وڏي ويج وديا گهر آڏو پالڪين جي ايندئي ئي گهنڊ گُڙڻ لڳا هئا. ويج گهر جا وڏا وڏا ويج ۽ پالڪ سندس آجيان ۾ وڏا ڪورنش پريندا ڪين مهاديوي اگنيءَ جي وڏي جهروڪي ڏانهن وني وجڻ لاءِ اڳيان اڳيان سونهان تي هلڻ لڳا هئا.

مهاويد آتم تارا ۽ چارئي وڏا ويج هلندا مهاديوي اگنيءَ واري وڏي جهروڪ ۾ پيهي آيا هئا. مهاديوي اگني وڏي وڏي جهروڪ ۾ هڪ وڏي کاٽ ڪتول متان ڪپاهين ۾ ويڙهيل

---

[19] ديوس پتر : جيو پيٽر، زوئر سيٽر، آسماني ابو، زردشت.

[20] ورش : براعظم، کنڊ

هئي. ڪاٽ ڪنول مٿان وڏي ڏونگي رکيل هئي جنهن مٿان اونچي اچي سنڌڻ ململ جا پڙدا چڙهيل هئا. جي منگهه جي ٽڏيءَ هير ۾ لڏيا پئي. مهاديوي اگني کي ڏسي کن لاءِ مهاويد آتم تارا، راڄ رتول جا ويچ ۽ سڀ دايون جڻ جادوءَ ۾ اچي ويا هئا. ڏونگيءَ جي پڙدن مان مهاديويءَ جي سون سمان پنڊ پاهڻ ڪايا جڻ تجرا تي هنيا. مهاويد آتم تارا آريا لوڪن جي جهور جهوني مهاويد، مهامنترين سردارن ۽ جڏ اڳواڻن جي جٿي مٿان اُچاتڙي نهار ڦهلائڻ ڪانپوءِ هٿ اشاري سان پنهنجي ويڄن کي اگني ديوي مٿان پڙدا هٽائڻ لاءِ حڪم ڪيو هو. ويچ گهر جا پانڪ مهاويد جو اشارو ملندي ئي هڪ هڪ ڪري ڏونگيءَ جا پڙدا هٽائڻ لڳا هئا ۽ جيئن جيئن پڙدا هٽندا تي ويا، تيئن تيئن اگني ديوي جو بدن ويو تي ٻهڪندو. اگني ديوي چا هئي. جڻ ڪنهن سونا گهر پنهنجيءَ ڪلا سان پيش سون مان نئون بت گهڙيو هجي

سونهن،

جيڪا جسمن کي پنڊ پاهڻ ڪريو ڇڏي

سونهن

جيڪا سواسن مٿان ڏانوڻ جڙيو ڇڏي.

مهاويد آتم تارا اگني ديويءَ جي اڌ ٻوٽيل اکين ۾ نهاريندي محسوس ڪري ٿو جڻ اگني ديويءَ جي اکين جي ساين ماٽڪين جي روشني تجرا ڪري سندس پلڪن تي ڇٽي رهي هئي. مهاويد آتم تارا اڳتي وڌي اگني ديويءَ جي مٿان جهڪي هٿن جي آڱرين ۽ انگوٺن جي هلڪي ڇهاوَ سان اگني ديوي جون اکيون کولي ڏسڻ لڳو. الاهين دير اکيون تپاسڻ ڪانپوءِ مهاديو آتم تارا ۽ ساٿس گڏ آيل چارئي وڏا ويچ الاهين دير تائين، واري واري سان اگني ديويءَ جو ڏڙ، اکيون تپاسيندا، ۽ دل جي ڌڙڪن ٻڌندا رهيا. اگني ديويءَ جو سڄو ڏڙ پنڊ پاهڻ جيان سخت ۽ بي جان تي لڳو. رڳو سندس لُڪيءَ منجهان ساهه جي ڏمڻ هوريان هوريان هلي رهيو هو. سڀ ويچ ۽ پاڙها اَسڌ ۽ اَسرت اگني ديوي جي چڪاس ڪندا رهيا.

وڏي چڪاس ڪانپوءِ مهاويد آتم تارا سڀ وڏا توڙي ننڍا ويچ هڪ وڏيءَ پاٺ شالا ۾ اچي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا هئا ۽ پانڪ ميٽاهِنيل ڦرهيون ۽ ڪلڪ ڪٽي مس ڪپڙين ۾ ٻوڙيندا سندن ڳالهيون لکڻ لڳا هئا.

مهاويد آتم تارا سڀ ويچ مهاديوي اگني جي بيماري تي ڳالهيون ڪندا رهيا. هڪ وڏي ويچ اگني ديويءَ جي روڳ بابت ڳالهائيندي چيو ؛

" مهاديوي اگنيءَ جو روڳ تمام پراڻو ۽ پر اسرار آهي. هِنيان اڳي اسان اهڙو روڳ نہ ٻڌو هو نہ ڏٺو. ان ڪري آئون هڪدم ڪا راءِ نٿو ڏيان."

هڪ نوجوان ويج اٿندي چيو :

" پر اسين ايترو تہ چئي سگهون ٿا تہ انهي روڳ جو ڪارڻ، ميجالي جي جوهري تندن جو شڪتي نشٽ ٿي وڃڻ ڪري آهي."

" ها رڳو جوهري تندون يا رڳون، جيڪي رڳو جسماني سرير جي چرپر جي شريسٽي ڪي پنهنجي شڪتي هيٺ رکنديون آهن. انهن جي نشٽ يا نِسب ٿيڻ سان ئي هينون ڏڙ ساهہ ڇڏي ڏيندو آهي. ۽ پانڪ ڦڙهين تي ليک لکندا ٿا وڃن. سيني ڪي چڱي ريت ٻڌڻ ڪانپوءِ مهاويد آتم تارا ڳالهائڻ شروع ڪيو ڪري :

" اگني ديويءَ جي روڳ تي اسان مان گهڻن ويجن جا ويچار ساڳيا آهن. ڏسڻو اهو آهي تہ انهن جوهري تندن جي نشٽ ٿيڻ جا ڪارڻ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا. ڇا سِريءَ ۾ نوڙو آهي. يا ڪو پراڻو گهاءُ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جي پنهنجي ڪريا ڪرم اجاين اُبهراين سوچن ۽ جولانن ڪري يا ڪي نشاور شيون واپرائڻ ڪري بہ سِريءَ جون اهي جوهري رڳون پنهنجو پاڻ وڏي ڏماڪي سان پسم تي ويندون آهن ۽ ماڻهو جو ڏڙ ڏبي ويندو آهي. اڄ اسين مهاديوي اگنيءَ ڪي رڳو هڪ پوچ پهيڙا ستي پيارينداسين. آئون تہ ائين ٿو وسهان تہ اڄ جي اسانجي تپاس وڏي ڪارگر تپاس آهي."

پانڪ مهاويد آتم تارا جي هٿ ۾ ميٺاهِنيل ڦرهي ڏين ٿا ۽ مس مان ڪلڪ ٻوڙي سندس هٿ ۾ ڏين ٿا. مهاويد آتم تارا ڦرهيءَ تي وڏي سوچ ويچار سان دوا لکي ٿو. ڦرهي جو ليک سمورن ويجن ۽ پانڪن ۽ داين ڪي واري واري سان ڏيکاريو وڃي ٿو. اوچتو ڪا ڳالهہ سوچي مهاويد آتم تارا حڪم ڏئي ٿو :

" آريا لوڪن جي مهاويد سان اسان ڪِي ڳالهائينداسين."

ويج گهر جا راڪا جهور جُهني آريا مهاويد ڪي مهاويد آتم تارا آڏو وڏي ادب سان وني ٿا اچن.

" مونڪي اوانجي ٻولي سنساڪرت ڪا نہ اچي. ڇا تون اسانجي ٻولي ڄاڻين ٿو؟...."

مهاويد آتم تارا جي انهيءَ ڳالهہ تي جهور جهنو آريا اڳواڻ جا چپ ڏڏڻ لڳا هئا :

" ها – اسانکي سون ولات، چين ولات ۽ ٻين وڏين وڏين راڄڌانين جون ٻوليون سيکاريون وينديون آهن."

" اهو ان لاءِ ته جئين اوان پنهنجي پاڙي وارن ملڪن جا سمورا ڳجهه ڳوهه سهيڙي، مٿاهن ڪاهون ڪري دڳي جا ڏٽي تي ويهو." مهاويد آتم تارا جي ان ڳالهه تي جهور جُهني آريا اڳواڻ جي اکين ۾ هڪ پر اسرار چمڪ اچي وئي هئي. وراڻيائين :

" هائو.... اهو اگني ديوي جو حڪم آهي ديوس پتر هيءَ ڌرتي رڳو آريا لوڪن لاءِ پئدا ڪئي آهي. آريا انهي جا سچا مالڪ ۽ اگني انهن جي اڳواڻ آهي."

" تون آريا ويچ آهين؟... ."

" هائو آئون آريا لوڪن جو وڏو ويج آهيان."

" ويج... شايد تو کي ان ڳالهه جي ڪل ڪانهين ته، دنيا جو سڀ کان وڏو روڳ پراوا ملڪ هٿ ڪرڻ جو لوڀ آهي. ۽ اوهانجي مهاديوي اگني انهيءَ لوڀ ۽ ڪام جو شڪار آهي."

مهاويد جي انهيءَ ڳالهه تي آريا اڳواڻ ڪجهه ڪاوڙجي تو پوي، ڏاڍي جولان مان ٿو ڳالهائي.

" اسين هتي مهاديوي اگنيءَ جي علاج لاءِ آيا آهيون."

آريا – مر ٿُڙس.[21] اسين بيمار دشمن جو دارون ڪندا آهيون – اسانکي اهو ٻڌاءِ ته اگني ديوي کي انهيءَ مئي پاتاري تي پئي گهٽا ڍهاڙا ٿيا آهن.

هڪ ورهيه پورو ٽيڻ وارو آهي. اها ڳالهه چوندي آريا اڳواڻ جي اکين جي پراسرار چمق ويتر وڏي وئي هئي.

مهاديوي اگني ميرو پربت جي مهاراڻي آهي. جتي ڇهه مهينا ڏينهن هوندو آهي ۽ ڇهه مهينا رات هوندي آهي. مهاديوي اگنيءَ اڳڪتي ڪئي هئي ته هوءَ ڏکهي ننڌ سمهندي ۽ سون ولات جي مندرن ۾ جاڳندي.

آريا، سون ولات جي مندرن ۾ سرڳ جون هوائون هلنديون آهن. اوان آريا لوڪ پنهنجي پرٿويءَ تي اهڙو ڪو به سرڳ ناهي نه سکيا آهيو جتي اوان سک سان سمهي ۽ جاڳي سگهو. هن ڌرتي تي رهڻ لاءِ وڏي مهارت کپي. ۽ اها مهارت ڪنهن به قوم کي جنگين سان پرابت نه ٿيندي آهي. ۽ جنگ... . جنگ سواءِ زخمن، بدبوءِ، جٽپائي، بکن، بيمارين، لاڏاڻن، روڄ راڙي ۽ موت کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڏئي سگهندي آهي. اسين اوهانجي مهاديوي اگني کي نيڪ ڪري ڇڏينداسين. ان لاءِ اوانکي ! اسانجون کي ڳالهيون مڃٽيون پونديون.

ڪهڙيون ڳالهيون؟....

[21] مر ٿُڙس : نه ڊڄ

هڪ ته آريا ويچن ڪانسواءِ ڪو به آريو اسانجي ويج وديا گهر ۾ نه ايندو.

چو؟....

ان لاءِ ته اسانجا ويج گهر اسان لاءِ اسانجي مندرن ڪان به وڌ پوڄارا هوندا آهن. انهن ۾ ڪو به اوپرو ماڻهو يا گوڙ ٻڌو نه ويندو آهي.

ٻي ڳالهه...

ٻي ڳالهه اها ته اوانجا ويج اسانجي درمل ڪرڻ ۾ رنڊڪ نه وجهندا انڪري ته اسين ماڻهوءَ ڪي چڱو ڀلو ڪرڻ لاءِ انجي تارونءَ ۾ به سيون ۽ ڏنبٽيون هڻندا آهيون. علاج لاءِ اسانجا پنهنجا ارٿ، طور ۽ طريقا آهن. ان لاءِ سختيءَ سان اوهانکي اسانجو پابند ٿيڻو پوندو.

اوانکي پڪ آهي ته مهاديوي اگني سجاڳ ٿي ويندي؟

ها اسين پنهنجين دوائن سان ڪيس جاڳائي ڇڏيندا سين.

ته پوءِ ٺيڪ آهي. اوهان جي سيني ڳالهين تي اسين پابند رهنداسين.

ٺيڪ آهي، جڏهن مهاديوي اگني ڳالهائڻ جوڳي ٿيندي اوهانکي جاڻ ڏنو ويندو. اهو چئي مهاويد آتم تارا اُٿي ڪڙو ٿئي تو. ويج گهر جا گهنڊ ڳُڙن تا.

راڄ رتول جا جوپ جواڻ پالڪين کي ڪلها ڏئي ڪڻن تا ۽ تڪيرا تڪيرا راڄ رتول ڏانهن وڃڻ لڳن تا.

***

Gul Hayat Institute

7

چوندا آهن :

چڇيءَ جي چمڙي جي اُڏام کان، شڪري جي اُڏام کان لِڱڙ[22] جي اُڏام کان بہ ماڻهو جي ذهن جي اُڏام ڏاڍي تکي هوندي آهي. ڪنهن کي بہ کل ڪانهين تہ ان ڪاري مِريءَ جيهي ڪيپراتيءَ ۾ ڪيڏا اسرار پريل آهن. اهڙا اسرار جن کي اڄ تائين سمجهي پرجهي نہ سگهيو آهي. ڪير ڄاڻي، موت جي پاتاريءَ تي ستل مهاديوي اگنيءَ جي ذهن ۾ ان ويل ڪهڙيون ويريون پئي وهيون، ڪيها درياهہ پئي سرجيا، ڪيها سمونڊ پئي ڇَليا، ڪيها رنگ رتول پئي اجاگر ٿيا، ڪيهون باهيون پيون پڙڪن، ڪيهون ڪنوڻيون پيون ڪلڪا ڪن. مهاديوي اگني موت جي پاتاري تي پند پاهڻ جيان سڏي سڏي ستل آهي. موت جيهي ننڊ. پر سندس ذهن جئيرو آهي. ذهن جيڪو، پنهنجي چال سان سدائين پيو هلندو آهي. ذهن جيڪو سدائين پيو جاڳندو آهي. رکي رکي مهاديوي اگنيءَ جي ڪنن ۾ آواز ٿا اچن :

سندو ڏاڍي امير آهي

سندوءَ جا ماڻهو وڏا ڪاري ڪيڙائو آهن.

سندوءَ جا زوراور هوڙها ۽ جنگ جهاج مها سندو ساگر[23] بہ اورهانگي ويندا آهن.

سندوءَ جا وڻجارا پوربو[24] بندر اورهانگي سئنام[25] جي سمونڊن مان سون ڪمائي ايندا آهن

سندو پٽين جا هوڙها يون — ديوپ[26] مان هيرا موتي هٿ ڪندا آهن.

سندو ڌرتي جو سرڳ آهي ۽ آريا اسانجا سچا مالڪ آهن. ۽ مهاديوي اگني آڏو برف ئي برف ڦهلجندي ٿي وڃي مير پربت جي اتانگهہ چوٽين جي برف، جتي رڳو آريا ئي آريا آهن. جتي رڳو باهين جا پيڙ پرندا تا ڏسڻ ۾ اچن. ۽ مهاديوي اگني برفاني پهاڙن ڏانهن جتي سج ديوتا هڪ ورهيہ ۾ رڳو هڪ ڏهاڙو پنهنجو درشن ڏيندو آهي. تارا ڪتيون سال ۾ رڳو هڪ پيرو ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جتي رات ڏينهن جيان روشن هوندي آهي. جتي سج ديوتا تمام

---

[22] لِڱڙ : لِڱر، باز، شاهين

[23] مهاسندو ساگر : عربي وڏو سمونڊ

[24] پوربو : بنگال جو سمونڊ

[25] سئنام : چين جو سمونڊ

[26] يون- ديوپ : جاوا، سوماترا جو سمونڊ

Gul Hayat Institute

ويجهو آهي. جتي ديوس پتر جو تخت آهي. مهاديوي اگني برفاني چوٽين مٿان چڙهندي ٿي وڃي. ۽ آريا لوڪن جا وڏا جهونجهار جٿا وڏا وڏا سجدا گهوريندا سندس پراٿنا ڪندا ٿا رهن.

او اِگنس [27]، تون سڄ ديوتا جي ڌيءُ آهين.

او اِگنس، ديوس پتر تو کي وچ جيان سر ڳِدام تان ڌرتيءَ تي لاٿو هو. تون وڄ جو ٻيو سروپ آهين

او اِگنس تون ! اسانکي موتمار سرد هوائن کان بچائين ٿي.

او اِگنس، اسين برف جي نرڳ ۾ ڦاسي ويا هياسين ۽ تو اسانکي سنڌو ورش ۾ جايون جوڙي ڏنيون.

او اِگنس، ڌرتي جا سڀ سرڳ تو لاءِ آهن.

او اِگنس، تنهنجي ڏمرجڻ سان ننگريون ناس ٿي ويندڻيون آهن

او اِگنس، سڀ سجدا تو لاءِ آهن جو تون آريا لوڪن جي اڳواڻ ۽ مهندار آهين، آريا لوڪن جا وڏا وڏا لشڪر مهاديوي اگني آڏو وڏا وڏا سجدا گهوريندا ٿا وڃن ۽ باهين جي پيڙن وچان اگني مٿي برفاني چوٽين ڏانهن چڙهندي ٿي وڃي، اتي جتي وڏو سڄ ديوتا مير پربت جي چوٽين مٿان براجمان ٿيو آهي. اتي جتي وڏن وارن وارا سانير ڳاٽ [28] اونچا ڪريو سڄ ديوتا کان گرمي حاصل ڪندا آهن. جتي وڏين وڏين باهين جي مچن جا دونهن اڏامندا آسمان سان وڃي ٿا لڳن. ۽ پوءِ سڄ ديوتا جي ويجهو اچي مهاديوي اگني پنهنجون ٻئي ٻانهون ڦهلائي ديوس پتر سان ڳالهائڻ ٿي لڳي. جتي سندس آواز جو پڙاڏو برفاني چوٽين سان ٽڪرائجي پڙاڏو پيدا ڪندو تو رهي.

او ديوس پتر، مونکي سنڌو مٿان سوڀ جي شڪتي ڪپي. دراوڙ لوڪن وٽ وڏا ڪٽڪ آهن. دراوڙ جڌ جي فن جا وڏا ماهر ۽ تيرندار آهن.

او ديوس پتر، منهنجي ٻانهن کي ايڏو ٻلواڻ ڪري جيئن

ڌرتيءَ جون سموريون راڄڌانيون منهنجي تابع ٿي وڃن. ۽ آئون دراوڙ لوڪن کي انهن مان لوڏي ڪڍان.

او ديوس پتر،

اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو،

---

[27] اِگنس : اگني

[28] سانير : ٻارهن سنگن وارو هرڻ

جڏهن،
هن سموري ڌرتي تي آريا لوڪ راڄ ڪندا.
او ديوس پتر، لاشڪ هي ڌرتي تو آريا لوڪن لاءِ ناهي آهي. ائين چئي، مهاديوي اڳني سڄ ديوتا آڏو وڏا سجدا تي ڪري.
اوچتو جڻ ڪنهن سپني جي تند ٽٽي تي وڃي ۽ سڄ ديوتا هيٺان تجرا ڏيندڙ برفاني چوٽيون ۽ وڏا وڏا آڳ اُلاوَ سانيرن جا ڌڻ ۽ وڏا سجدا گهوريندڙ آريا لوڪ جڻ وڏي دونهن سان ڏنڌلائيندا، گم ٿيندا ٿا وڃن.
آريا لوڪ جي مهاديوي اڳني ساڳي ريت وڏي ڪاٺ ڪٽول مٿان جڻ موت جي ننڊ ستل آهي. سنڌوءَ جا وڏا ويد رکي رکي سندس چڪاس لاءِ ايندا ويندا ٿا رهن. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته مهاديوي اڳني ڪيهي سڪرات ۾ آهي. موت جي پاٿاريءَ تي سندس مٿان ڪهڙيون وارتائون وهنديون ٿيون وڃن. ذهن ۾ ڪهڙا جڳ ۽ جولان [29] تا جاڳن. بس رڳو موت جي پاٿاريءَ آهي جنهن مٿان ستل آهي مهاديوي اڳني.

***

[29] جڳ ۽ جولان

8

سونمياڻيءَ جي وڏي ويج گهر ۾ وڏا گوڙ ۽ هاگاما هئا.

چوندا آهن، هر قوم جو نئون نسل سندس وڏن کان اڳاهون ۽ اڏول هوندو آهي. سج جي الهڻ سان ئي سجو ويج گهر ۽ ان جون پانشالون سوين اُماڙين ۽ ڏيئن جي روشني ۾ جگمگ جگمگ جرڪي روشن ٿي ويون هيون پر وڏن وڏن ويجن ۽ داين جي اکين آڏو چڻ اونداهيون اچي ويون هيون. ان لاءِ ته گهر جي پانڪ نينگرن توڙي نينگرين وڏو ڪروڌ ڪيو هو. پانڪ نينگرن ۽ نينگرين جا وڏا ٽولا نهي ويا هئا اُهي پاٺ ڪرڻ بدران هل ۽ هاگاما، جهيڙا جهٽا ڪرڻ لڳا هئا. سڀ پانڪ وڏيون منڊليون ٺاهي مهاديوي اگني خلاف آواز اٿارڻ لڳا هئا:

" مهاديوي اگني ڪي اسانجي ويج گهر مان ٻاهر ڪيو. "

" اگني اسانجي سڀ کان وڏي ويري آهي. اسين اگنيءَ جو علاج نه ڪنداسين. "

" سنڌوءَ جي دشمن جو علاج ڪرڻ سنڌواسين سان ويساهه گهاتي آهي"

" اگني ڪي اسانجي ودیا گهر مان ٻاهر ڪيو"

" سنڌوءَ سان غداري بند ڪريو."

وڏي ويج گهر جو اهو چٽو ٻول سڄي سونمياڻيءَ ۾ پڙاڏو ٻڻجي پکڙجي ويو هو. ويج گهر جا وڏا راڪا راج رتول ڏانهن ڊوڙايا ويا هئا. اها خبر اک ڇنڀ ۾ مهاراجا ۽ مهاراڻي ۽ مهامنترين تائين پهچي وئي هئي.

اهو سڄو گوڙ، وڏي ويج گهر جي هڪ وڏوان نوجوان پانڪ نالي تلڪ سنڌو ڪڙو ڪيو هو جيڪو نينگر ۽ نينگرين جو اڳواڻ ۽ مهنداري ڪري رهيو هو.

مهاديوي اگنيءَ جي ساهه رکيا لاءِ راج محل جو هڪ چاڏائو وڏو جٿو ويج گهر ڏانهن موڪليو ويو هو. پالڪن ۾ ويتر وڏي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ وڏا وڏا نعرا هڻڻ لڳا هئا. ۽ اُهي سڄي رات دنگو فساد ڪندا رهيا.

صبح ٿيندي ئي وڏي راج سڀا ڪوٺائي وئي. ۽ پانڪ تلڪ سنڌوءَ کي مهاراجا، مهاراڻي ۽ مهامنترين آڏو پيش ڪيو ويو. راج سڀا ۾ سنڌوءَ جو راج رکوال ڄام سرواڻ، مهاويد آتم تارا پنهنجي پنهنجي جڳهين تي ڏاڍي گمڀيرتا سان ويٺا هئا. ۽ راج سڀا کان ٻاهر سوين پانڪ نينگرن ۽ نينگرين جو وڏو غوغياءُ هو اهي سڀ وڏي واڪ نعرا هڻي رهيا هئا.

تلڪ سنڌوءَ جي ايندي ئي مهاراجا محسوس ڪيو ته هو نه رڳو حسناڪ جانٺو ۽ پهلوان هو. ويڪرو نراڙ ۽ سندس وڏا وڏا پونر جيهون ڪاريون ڪاريون اکيون، سندس وڏوان هئڻ جي ساک پري رهيا هئا.

" تلڪ سنڌوءَ تنهنجو نالو آهي "

" ها مهاراجا، آئون آهيان تلڪ سنڌوءَ " تلڪ سنڌو مهاراجا آڏو وڏو ڪورنش ڪندي وراڻيو هو.

" ڇا اهو سچ آهي ته تو ويچ گهر جي پاڻڪن ڪي راجنتيءَ خلاف پڙڪايو آهي؟.... "

" ها مهاراج، اهو سچ آهي. مون ڪين وڏي واڪ ورغلايو آهي."

" ڇو؟... ."

" انڪري ته اگنيءَ اسانجي ساٿيهه جي سڀ ڪان وڏي ويرڻ آهي. اسين ڪيس پنهنجو پاڪ پوتر ويچ گهر ۾ برداشت نتا ڪري سگهون."

" ڇو؟.... ڇا هڪ مهاديوي اگنيءَ جي جيڻ يا مرڻ سان سنڌو ديس مٿان آريا لوڪن جو ڪاهون بند ٿي وينديون ڇا؟... جڏهن ته آريا ڌرتيءَ جي نون ئي ورشن مٿان هڪ سوءِ سالن ڪان ڪاهن مٿان ڪاهون ڪري رهيا آهن." اها ڳالهه مهاراجا وڏي گمڀيرتا سان چئي پاڻڪ تِلڪ سنڌوءَ جي مک ۾ جواب لاءِ نهاريندو رهيو هو.

" پر مهاراڻي اگنيءَ جي ڪاهه سئين سڌي اسانجي نندي ڪنڌ سنڌو ديس مٿان آهي. ڇا ان ڳالهه جي ڪو ساک ڏئي سگهندو ته مهاديوي اگني چگي پلي تيڻ ڪانپوءِ اسان مٿان حملا نه ڪندي؟ ٻڌايو، آريا ڪڏهن ٻه ڪنهنجا دوست ٿيا آهن؟..." نوجوان پاڻڪ تلڪ سنڌوءَ جي اها جرئت ڏسي مهاراجا، مهاراڻي، سڀ مهامنتري ديوان ڏاڍيءَ اچرج ۾ اچي ڏانهنس نهارڻ لڳا هئا.

" تلڪ سنڌو، اسين سمجهون ٿا جيڏو تنهنجو نانءُ سهڻو آهي اوڏوئي تنهنجو ذهن. اسان خوش آهيون ته اسان جي ڌرم شالائن ۾ ويچ شالائن جا بار ايڏا وڏا وڏوان ٿي ويا آهن. ڇا نالو آهي تنهنجي پيءُ جو...؟ ڪهڙو ڪم ڪندو آهي؟..."

" آئون تلڪ يمونا [30] جو پٽ آهيان. منهنجو پيءُ رگ ويدا رچيندڙ رشي آهي."

تلڪ سنڌوءَ جي جواب تي مهاراجا مرڪي ڏانهنس وڏي پيار ۽ موهه مان نهاري ٿو. لڇمڻ ۽ لڇميون پاڻ ۾ ڪَن ڪُسڪا ٿا ڪن. مهاراجا وڏي ويچار مان وري ڳالهائي ٿو.

---

[30] يمونا : جمنا ندي

" تلڪ سنڌو، ڇا اوهين سڀ دراوڙ لوڪ آريا لوڪن جي حملن ڪان تمام گهڻو ڊڄي ۽ هيسجي ويا آهيو؟... "

" ها مهاراج ان لاءِ ته آريا لڪي ڪاهون ڪندا آهن ۽ پٺي ۾ ٻڇي هڻندا آهن. اسانکي سپيتا ساهه ڪان وڌيڪ پياري آهي. اسين ڪنهن به قيمت تي انکي ميسارجڻ نه ڏينداسين. اهو اسانجو ڌرم آهي."

" پر آريا ڪاهون ڪندڙ جٿن کي منهن ڏيڻ، جڏ اڳواڻن ۽ جنگي جوانن جو ڪم آهي نه ويچ ۽ ڌرم شالائن جي پانڪن جو؟...."

" آئون مجيان ٿو مهاراج ته اهو جنگ جُڏ اڳواڻن جو ڪم آهي. پر اهي جڏ اڳواڻ ڪڏهن به سوپيارا ڪين ٿيندا آهن. جن سان سنڌن پرجا جي طاقت گڏ نه هجي ۽ اسين پانڪ راجائن ۽ پرجا جي سڀ ڪان وڏي شڪتي ۽ طاقت هوندا آهيون. اسانکي پنهنجي ملڪ جي شيوا ڪرڻ جو ايترو ئي حق هوندو آهي، جيترو هڪ جُڏ اڳواڻ جو." مهاراجا نوجوان نينگر جي اڏولتا ڏسي اچنبي ۾ اچي ويو هو. سيني مهامنترين ۽ ديوان داڙن جي چڻ وائي بند ٿي وئي هئي. راڄ رکوال ڄام سرواڻ، مهاويد آتم تارا به وڏي آهم مان پئي نوجواڻ تلڪ سنڌوءَ ڏانهن نهاريو ۽ پاهران نوجوان پانڪ نينگرن ۽ نينگرين جي غوغياوَ جو آواز راڄ سڀا ۾ ايندو ٿي رهيو.

" پر اوهانجي چوڻ سان اسين پراچين سنڌو جو قانون ڪي ته ڪين ٽوڙينداسين."

" اسانکي سنڌوءَ جو اهو پراڻو قانون ٽوڙڻو پوندو. مهاراج جي اسان ان پراڻي قانون کي نه ٽوڙيو، ته نه رڳو سونمياڻيءَ پر سڄي جو سڄو نديو ڪنڌ سنڌو ٽٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو. ڇا اهو ڪنڌ اڳي ٽڪرا ٽڪرا نه ٿيو آهي ڇا؟... . ڇا ڄام ديپ [31] تي اڄ ڄام دراوڙ راجائن جو راڄ آهي ڇا؟.... نه، اڄ اهو سڄو ڄام ديپ آريا لوڪن جي ميراث آهي. جتي سنڌو کي پاڳا ڪرڻ لاءِ سدائين آريا جنگي ڪٽڪ ماڪڙ جيان گڏ ڪيا پيا وڃن. ڳالهيون.... ڳالهيون... اسين اڻ سڌريل جهنگلي آرين سان کهڙيون ۽ ڪيتريون ڳالهيون ڪنداسين. جئين وڇونءَ جي ٻچي ڪان سندس ڏنگ هڻڻ جي عادت نٿي ڇڏائي سگهجي، تئين آريا لوڪن جي دلين مان ملڪ گيريءَ جو لوڀ نٿو ڪڍي سگهجي. آئون وڏي واڪ اهو چوڻ لاءِ مجبور آهيان ته آرين سان اسانجو ڪو ناهه ناهي ٿيڻو. آريا لوڪن جي رستي روڪ ڪئي وڃي. آريا اسانجي ملڪ ۾ نه اچن."

---

[31] ڄام ديپ : ڄمون ڪشمير

پانڪ تلڪ سنڌو جي ڳالهين سان سڄي راڄ سڀا کي جڻ ڏنڌين آڱريون اچي ويون هيون. اڄ راڄ سڀا ۾ جڻ ڪو پانڪ نہ پر راڄ سڀا جو ڪو وڏو وڏوان رکن ڳالهائي رهيو هو. سڀ مهامنتري، مهاويد پانڊت ڪيرت چپ هئا. اوچتو مهاراجا جي راڄ گديءَ تان اٿڻ سان راڄ سڀا جي پڇاڙيءَ جا گهنڊ وڄڻ لڳا هئا. سڀ مهامنتري پانڊت ڪيرت وڏي ڪورنش ۾ پئجي ويا هئا. سڀني جا ڳاٽ جهڪيل هئا. رڳو نوجوان پانڪ تلڪ سنڌو مهاراجا آڏو ڪٿهڙي ۾ اونچي ڳاٽ بينو هو. ۽ بيو مهاراجا هو جو وڏي آهر ۽ مچتا سان نوجوان پانڪ ۾ نهاري رهيو هو.

" پانڪ تلڪ سنڌو، سياڻ وڏي راڄ سڀا ڪونائي ويندي آئون سنڌو ساٿيهہ جو مهاراجا تو کي ان راڄ سڀا جي ڪوٺ تو ڏيان. سياڻ اوانجي ڳالهين تي وڏو غور ۽ ويچار ڪبو. آئون آس تو رکان تہ اوهان ويچ گهر جا سڀ پانڪ شانت تي، وڏي سانت سان وڏي ويچ گهر ۾ پنهنجي پاٺ شالا ۾ پنهنجا ڪم ڪاريون سنڀاليندا."

۽ مهاراجا جي انهي ئي ڳالهہ ڪانپوءِ راڄ سڀا جي پڇاڙي ٿي هئي.

***

Gul Hayat Institute

9

تو ٻڌو....

تو ٻڌو....

تو ٻڌو....

ان ڏهاڙي سونمياٽيءَ جي گهر گهر ۾ هڪڙو ئي سوال پڙاڏو بڻجي پکڙجي ويو هو. ايستائين جو سج اُلهي ويو هو ۽ مهاويد آتم تارا وڏي ويج گهر وچڻ جا سانپاها ڪري رهيو هو.

" ۽ اوان سڀ ڏنڌين انگريون ڏئي ٻڌندا رهيا؟ "

" ها—ان پانڪ نينگر ڪنهنجي ڳالهائڻ لاءِ ڪا واٽ، ڪا گهٽي ئي ڪانہ ڇڏي هئي."

لڇمڻيءَ شيواديوي جي ان ڳالهہ تي مهاويد آتم تارا ڪجهہ اشانت ٿيندي پنهنجي گهر واري ڏانهن نهاريندي پنهنجي رنگ رتول جي ڳڙڪيءَ جي ڪليل تاڪن مان سنڌيا جي رنگن ۾ نهارڻ لڳو هو.

" چو يلا، اوان اُشانت پيا ڏسڻ ۾ اچو؟.... "

" شيوا، آئون اشانت نہ، اڄ آئون ڏاڍو خوش آهيان. آئون ان پانڪ نينگر جي ڳالهين تي پيو سوچيان. ڪڏهن ڪڏهن وڏا وڏا ويد ۽ وڌوان پنهنجي پانڪن آڏو پنهنجو ڳاٽ جهڪائي ڇڏيندا آهن ڪڏهن ڪڏهن ساهمي ۾ هڪ ماڻهوءَ جي تور هڪ وڏي ڪنڌ جي برابر ٿي ويندي آهي. راڄ سڀا ۾ ائين ٿي لڳو ڄڻ اهو نينگر نہ، منهنجو پنهنجو اندر ڳالهائي رهيو هو. "

" ڇا اوان ان پانڪ کي اڳ ئي سڃاڻيندا هئا."

" نہ، هو مهاديويءَ اگنيءَ جي اڇڻ سان ئي جوالا مکي بڻجي اسانجي وچ ۾ اچي ويو آهي. هونئن مونکي رڳو ايتري خبر هئي تہ سڀ پانڪ هن کي پاٺ شالا جو نائڪ سڏيندا آهن."

" ۽ ڪڏهن انهي پاٺ شالا جو نائڪ تو هئين؟... . "

" ها — اڄ ياد پيو اچيم. هڪ ڏهاڙي مون پاڻ بہ انهيءَ راڄ سڀا ۾ اهڙن ئي ويچارن سان دانهيون هو ۽ ان جي موٽ ۾ منهنجي نراڙ تي مهاتمائن وارو ڇٽ ٻڌي مونکي راڄ گديءَ جو وڏو رڪن چونڊيو ويو هو. اڄ سوچيان پيو ڇا ماڻهو ان لاءِ داهيندو آهي؟.... ڇا ان لاءِ آواز ڪڙو ڪندو آهي.... اڄ سوچيان ٿو مونکي ڇا مليو؟." اها ڳالهہ چوندي، مهاويد آتم تارا ڄڻ روئڻهار ٿي دور سنڌيا جي اندر جي پيڙا کي محسوس ڪندي سنڌس پنيان، هلندي، سنڌس ڪلهي مٿان ڪاڏي رکي ڏاڍي موهہ مان ٿي ڳالهائي:

" او راجاڻ، پانک پنهنجي ويدن ۾ وڏوانن جو نئون سروپ ۽ آتما هوندا آهن. اسين سڀ انهيءَ پاٺ شالا جي پئداور آهيون. هر ماڻهو هن پرٿويءَ تي پنهنجو وارو وڄائڻ ايندو آهي. سچ منهنجو من چوي ٿو هينئر پالڪي کڻي وڃان ۽ ان پانک نينگر تلک سنڌو جي چرنن ۾ موتين جون مالهائون گهوريندي رهان. ايءُ منهنجو عورتاڻو وچن آهي. اسين تنهنجي پانک جو مان مٿاهون ڪنديوسين. هو جيئن چاهيندو تئين ئي ٿيندو." شيوا آتما سان ڏاڍو ڳر لڳي ڳالهيون ٿي ڪري. مهاويد آتم تارا ڏاڍي موهه مان ڏانهنس نهاري ٿو ؛

" شيوا... اهو ٺاٺو اچي ويو آهي. اسان سيني جي گڏجي پنهنجي ملڪ لاءِ آواز نہ اُٿاريو تہ پوءِ وڏي مهاياري لاڏاٽي ۽ موت ڪانسواءِ اسانکي ڪي بہ ڪين پرابت ٿيندو. ياد رکيج اها ساڳي سونمياٽي موت جي ڏيوالتي سڏائيندي. ماڻهو ان ڏيوالتي جي پر مان لنگهندي ڪنبدا."

اهو چئي مهاويد آتم تارا پنهنجي گهر واري آڏو ڪنڌ جهڪائي تکو تکو پنهنجي رنگ رتول جا ڏاڪا لهندو هيٺ باغيچي ۾ گلن جي ڪيارين وٽ پنهنجي پالڪيءَ ۾ ويهي ٿو. سنڌوءَ جا جُوپ پالڪي کي ڪلها ڏئي وڏي ويج گهر ڏانهن وڃڻ تا لڳن.

وڏي ويج گهر ۾ پانڪن جا ٽولا پاڻ ۾ وڏيون ڪچهريون ڪندا تي ڏسڻ ۾ آئيا.

" اسانجو نائڪ آتم تارا نہ تلک سنڌو آهي." هڪ نينگريءَ وڏي واڪ نعرو هنيو هو.

" نائڪ تلک سنڌوءَ جي – جئي. جئي. جئي ..... "

" اسانجو نائڪ ....

تلک سنڌو آهي .... تلک سنڌو آهي.... تلک سنڌو آهي.... "

چئني ڏسائن کان رڳو هڪڙو ئي آواز اچي رهيو هو. سڄو ويج گهر رکي رکي، تلک سنڌوءَ جي نالي جي نعرن سان گونجيندو تي رهيو ۽ سونمياٽي جي جنگي جوانن سڄي ويج گهر ۾ گشت پئي ڪيا تہ متان ڪو پانک مهاديوي اگنيءَ کي ڇيهو رسائي.

مهاويد آتم تارا، سڀ وڏا ويج ۽ دايون سڄي ويج گهر ۾ جڻ اڪيلا رهجي ويا هئا. پاٺ شالائن ۾ ڪو پالڪ ڏسڻ ۾ ئي ڪين تي آيو. سڀ پانک ٽولا ڪريو، ويج گهر جي ورهاندن، پندالن ۽ چتين متان منڊليون مچايو وينا هئا. ۽ مهاديوي اگني وڏي کاٽ کٽول متان جيهي گهري ننڊ ستل هئي. مهاويد آتم تارا ۽ وڏا ويج مهاديوي اگنيءَ جي روڳ تي وڏا ويچار ۽ ڳالهيون ڪرڻ ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتا هئا تہ مهاديوي اگنيءَ جي ميجالي جي نشٽ ٿي ويل جوهري تندن ۽ رڳن ۾ نئين جوهر پرڻ لاءِ سندس سڄي ديهہ ۾ ڏنيٽيون ڏنيون وڃن.

سڀ دايون مهاديوي اگنيءَ جي وڏي ڪاٺ ڪٺول جي ڍونگيءَ مٿان ململ جا وڏا وڏا پڙدا هٿائڻ لڳيون هيون ۽ مهاويد آتم تارا مهاديويءَ اگنيءَ جي تارونءَ، نڙيءَ، هٿن پيرن جي آڱرين ۽ آڱوٺن جي مهاڙين ۽ سڄيءَ ديهه مٿان سرائي سان، نيرا ٽڪا ڪيندو ٿي ويو. پوءِ انهن نشانن مٿان سريءَ جي تارونءَ ڪان وٺي پيرن جي آڱوٺن تائين پوڄ پهيڙا دوائن مان ڏنيٽيون پريندو، سندس سڪرات پريل ديهه ۾ ٽنبيندو ٿي ويو. مهاديوي اگنيءَ جي جسم ۾ ڏنبٽين جي سيون لڳڻ سان ڪابه چرپر پيدا نه ٿي هئي. سندس ٻوٽيل اکين مٿان چڻ ويتر موت جيها ڪيپ ويا ٿي وڌندا. هوءَ اگهور ننڊ ستل هئي، سئين سڌي ڏنبٽين جي نيرن داڳن سندس سرير کي ڪوراڙ بلا جيئن ويتر حسناڪ ٻڻائي ڇڏيو هو. ان ڪانپوءِ مهاديوي اگنيءَ جي وات ۾ پوڄ پهيڙا ستيون وڏيون ويون هيون ۽ داين ڪيس وري ڪپاهين چاڙهي ڇڏيا هئا. ۽ پويا ۽ ٻاوا ڪيس اگر ۽ لوبان جا وڏا واس ۽ ڌوٻ ڏيندا ٿي رهيا.

مهاويد آتم تارا ۽ سڀ وڏا ويج مهاديوي اگنيءَ کي ڏنيٽيون ڏيئي هليا ويا هئا ۽ انهن جي جاءِ تي سنڌوءَ جا جنگي جوان پالڪن ڪان سندس ساهه بچائڻ لاءِ سنگهرون هٽي بيهي ويا هئا. مهاديوي اگني موت جيهي اگهر ننڊ ۾ هئي. ۽ ويج گهر ۾ چوڌس اگر ۽ لوبان جو دونهن اُڏامندو پئي رهيو.

***

Gul Hayat Institute

10

سونمياڻيءَ ۾ وڏو سنسو هو. ڄڻ ڌرتي ڌٻي هئي. آسمان ترٽليا هئا. ڪاري ڪاري پولار مان هڪ وڏو نکيتر ڪيڙي، سنڌوءَ جي سير مٿان وڏا چمڪاٽ ڪندو، ڇيرا ڇڏيندو ڄڻ دور سٽو مها ساگر جي پاتارن ۾ پيهي ويو هو. ماڻهو وڏن ڍڪاوَن مان نپ ڏانهن نهارڻ لڳا هئا. ماڻهن ڪي وڏا اولاڪا ويڙهي ويا هئا. پوڄا گهرن ۾ پوڄاري وڏيون پوڄائون ڪرڻ لڳا هئا. سنڌو جو مهارشي تلڪ يمونا " رگ-- ويدا ! " جي ڪَپر پن پوٿيءَ مٿان ڪِلڪ سان وڏو ليک لکڻ لڳو هو ؛

وڏي مها پرلئہ جيان،
آريا ايندا.
آريا، جي ماس کائيندا آهن.
آريا، جي رت وهائيندا آهن.
ڇتني ڏسائن کان،
آريا وڏيون مهاپاري ڪاهون ڪندا.
جهروڪن ۾ جهانءِ پوندي.
ننگريون ناس ٿي ويندون.
" ناد " ۽ " نگد " جيان،
" رگ ويدا " جا پنا،
ڌرتيءَ تان اُڏري ويندا.

اهو ليک لکندي مهارشيءَ جا هٿ پير ڄڻ ڏڪڻ لڳا هئا. سندس وڏين وڏين اکين جا ڳاڙها ڏورا ويتر ڳاڙها ٿيندا، پاڻيٺ سان پرجندا ويا. مهارشي ڄڻ رت روئي پيو هو ۽ سنجها مندر ۾ پوڄاري ڌرتي ماتا جي انگاس بت اڳيان وڏيءَ تپسيا ۾ پئجي ويا هئا.

چوندا آهن، رشي نکيترن جا ڄاڻو آهن. رشين مٿان ذات لهندي آهي ۽ سونمياڻيءَ جي ماڻهن کي ڄڻ پتڻ پئجي ويا هئا تہ ڌرتيءَ مٿان ڪو وڏو ڪُلاپ ٿيڻو آهي. ماڻهو وڏا دان ۽ پوڄائون ڪرڻ لڳا هئا.

ان ڳالهہ کي اڃان چار – پنج ڏهاڙا بہ ڪين ٿيا هئا جو ڪاروڃاڻ ڪان، ڏور ڏور ڏيساورن جا هوڙها ۽ ٻيڙا وڏي ناز ترندا هڪ ٻئي پنيان هاڪاريندا سنڌوءَ جي راڄ ڌاني سونمياڻيءَ ۾ سنڌو گهاٽ جي گوديءَ سان اچي لڳا هئا. ماڻهن کي خبر پئجي وئي هئي تہ سئنام ملڪ

مٿان آريا لوڪن وڏي ڪاهه ڪئي هئي. ڌرتيءَ جا وڏا وڏا ملڪ خطري ۾ اچي ويا هئا. انڪري سئنام دويپ، يون دويپ، پورب، پارٿ ۽ تور ۽ بابل جي ملڪن جا رٻارا، مهامنتري، جُڌ اڳواڻ ديوان داڙا، ننڍي ڪنڌ سنڌوءَ جي راڄڌانيءَ سونمياٽيءَ ۾ ڪٺي آيا هئا. اُهي آريا لوڪن سان جنگ جون چيڙهيون نبيريون ڪرڻ لاءِ، سونمياٽيءَ ۾ گڏ ٿي رهيا هئا. سنڌو گهاٽ مٿان وڏي اچ وڃ لڳي پئي هئي. سنڌوءَ جا ٻئي ڪاپ پرڏيهي هوڙهن ۽ ٻيڙن سان سٽجي ويا هئا. دور دور دواپن کان آيل مهمانن جي آجيان لاءِ سنڌوءَ جا راڄ رڪوال، مهاممنتري، مهاويد ۽ ٻيا جڌ اڳواڻ سنڌو گهاٽ مٿان اُڀين پيرين بيٺا هئا. چئني ڏسائن کان سنڌو گهاٽ مٿان هاٿين جون چنگهاڙون ۽ ڍڳي گاڏين جا چيڪاٽ هئا. پالڪين پنيان پالڪيون آيون ۽ ويون پئي. وڏا محل ماڙيون، رنگ رتول سينگاريا ويا هئا. سئنام ۽ ٻين ملڪ جا پاڻ ۾ وڏا لڳ لاڳاپا هئا. سئنام ۽ ٻين سيني ملڪن جي عيوضين جي ايندي ئي، سونمياٽيءَ جي مهاراجا ۽ مهاراٽيءَ سنڌوءَ جي سمورن راجائن ۽ راٽين کي سنڌوءَ جي راڄ- سڀا ۾ اچڻ جي ڪوٺ ڏني هئي ته اُهي سونمياٽيءَ جي راڄ سڀا ۾ اچي حاضر ٿين ۽ ان سان گڏ آريا لوڪن جي. مهامنترين ۽ جڌ اڳواڻن کي سنڌوءَ جي راڄ- سڀا ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ۽ انهي سان گڏ سونمياٽيءَ جي ڪئين پالڪ نينگرن کي راڄ سڀا جي ڪار وهنوار جي سکيا ڏيڻ جي ڪوٺ ملي هئي جن ۾ نوجوان پانڪ تلڪ سنڌو به شامل هو. راڄ- سڀا جا وڏا ديوان ۽ داڙا ڪين راڄنيتيءَ جون ڳالهيون سيڪارڻ لڳا هئا.

ڏهن ڏهاڙن اندر سونمياٽيءَ جي راڄ سڀا ۾ جڻ ساري پرٿويءَ جا راجا راٽيون، مهامنتري، راڄ رڪوال، جڌ اڳواڻ، مهاويد، پانڊت ڪيرٿ، ديوان داڙا اچي گڏ ٿيا هئا. راڄ سڀا جي اڳين قطارن ۾ آريا لوڪن جا عيوضي ويٺل هئا. راڄ- سڀا جي ڪاروائي شروع ٿي وئي هئي. جُڌ ۽ اهنسا، ڪميا اڪميا جون وڏيون ڳالهيون شروع ٿي ويون هيون. سئنام دويپ جو پرڏيهي منتري راڄ سڀا ۾ اوچي آواز ڳالهائي رهيو هو :

" آئون – سئنام ملڪ جو پرڏيهي منتري آريا لوڪن خلاف سنڌوءَ جي مهاراجا، مهاراٽيءَ ڏانهن سئنام ملڪ جي مهاراجا ۽ مهاراٽيءَ جو سنديش کڻي آيو آهيان. ان ڪري ته سنڌو ملڪ سان سئنام دويپ جا لڳ لاڳاپا ڏاڍا پراڻا ۽ اُنت آهن. اڄ آئون خوش آهيان جو آئون سنڌ ملڪ جي راڄ سڀا ۾ پنهنجي ملڪ لاءِ آواز ڪڙو ڪري رهيو آهيان. سنڌ ملڪ جيڪو وديا جو ڀنڊار ۽ اهنسا جون نه، جُڌ جون ڳالهيون ڪرڻ آيو آهيان. ان ڪري ته آريا لوڪن اسانجي ملڪ سئنام مٿان ڪاهه ڪري اسان جون اڪيون ڪولي ڇڏيون آهن. آريا لوڪن اسان

جي ملڪ مٿان وڏي جنگ مڙهي ڇڏي آهي. هن راڄ سڀا ۾ آريا لوڪن جا عيوضي ويٺا آهن. هن راڄ- سڀا ۾ ڪو آريا عيوضي ان ڳالهه کان انڪاري ٿي سگهي ٿو ته آريا لوڪن سئنڌو ملڪ مٿان وڏي مهاپاري ڪاهه نه ڪئي آهي؟... اسين سئنڌو ملڪ جا ماڻهو پنهنجي ملڪ جو بچاءُ ڪرڻ ڄاڻندا آهيون ۽ اسان اهو به ڄاڻون ٿا آريا اڻ سڌريل آهن، ۽ آريا وڏا ڪروڌي، لوڀي لبوچ ۽ اهنڪاري آهن. آريا سئنڌو، پورب ۽ يون دويپ جون راڄڌانيون اڪ ۾ ڪيو ويٺا آهن ۽ انهن کي قبائڻ لاءِ آريا چئني ڏسائن کان مٿان ڪاهون ڪري رهيا آهن. جيڪا ڳالهه سڄي پرٿوي لاءِ ڏاڍي هاڃيڪار آهي. آريا سڄي پرٿويءَ لاءِ وڏو خطرو بڻجي ويا آهن. ۽ هتي، هن راڄ سڀا ۾ آئون جيڪا سڀ کان وڏي پوائتي ڳالهه ڪرڻ آيو آهيان اُها هيءَ ته، سئنڌو ملڪ مٿان آريا لوڪن جن هوڙهن ۽ ٻيڙن هٿيارن ۽ پنوهارن سان ڪاهيو آهي اُهي هوڙها ۽ هٿيار سنڌوءَ جي ڪاريگرن جا ٺاهيل آهن جنجا ٽڪرا سڃاڻڻ لاءِ راڄ سڀا ۾ ڏيکاريا ويندا. جيڪا ڳالهه اسان سئنڌو جي رهواسين لاءِ نه رڳو ڏکوئيندڙ پر وڏي اچرج جوڳي آهي چو ته سئنڌو جا ماڻهو سنڌو ڪنڌ جي ماڻهن کي پنهنجو سڀ کان وڏو دوست ۽ ساٿاري سمجهندا آهن. چاهه آئون هن راڄ سڀا ۾ اها ڳالهه پڇي سگهان ٿو ته آريا لوڪن وٽ اهڙا جنگي هوڙها ۽ هٿيار ڪٿان آئيا ڪئين آيا؟... جڏهن ته آريا لوڪ ڪارائي هلائڻ به ڪين ڄاڻن. آريا لوڪن کي اهڙا هوڙها ۽ ٻيڙا ڇو ڏنا ويا جن سان هو سڄيءَ دنيا جا سمونڊ ڇاڇولي ڇڏين. آئون هتي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ته آريا لوڪن کي ايڏا وڏا مهاپاري هٿيار ڏيڻ نه رڳو سئنڌو ملڪ سان ناتن جي ڀڃڪڙي آهي پر اهو هڪ وڏو آپگهات آهي – پنهنجي ڪنڌ مٿان ڪاتي وهائڻ برابر آهي. آئون سنڌو ڪنڌ جي مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ کي اهو سنديش ڏيڻ آيو آهيان ته سنڌ ملڪ پاران جي آريا لوڪن کي واڌو هٿيار ڏنا ويا ته پوءِ سئنڌو ملڪ نندي ڪنڌ سنڌوءَ سان پنهنجا سمورا لڳ لاڳاپا ۽ ناتا ٽوڙي ڇڏيندو." ايترو چئي سئنڌو جو پرڏيهي منتري مهاراجا، مهاراڻيءَ ۽ سڄي راڄ- سڀا آڏو وڏا ڪورنش ڪرڻ ڪانپوءِ وڏي ٺهمر ۽ گمڀيرتا سان پنهنجي جاءِ تي ويهي ويو هو. ڪن لاءِ مهاراجا، مهاراڻيءَ ۽ سڄي راڄ - سڀا کي ڄڻ وڏي چُپ لڳي وئي هئي. راڄ سڀا ۾ مهاراجا جي ٻئي پاسي کان سنڌوءَ جو مهامنتري وڏي گمڀيرتا سان اٿي بيٺو هو ۽ وڏا ڪورنش ڪرڻ ڪانپوءِ ڳالهائڻ لڳو هو :

" اڄ سنڌ جي راڄ- سڀا ۾ سئنڌو دويپ جي پرڏيهي منتري جيڪي ڪجهه ڳالهايو آهي اُهو وڏو سچ آهي. اڄ سنڌوءَ جي راڄ سڀا ۾ ٿامي نگر جو راڄا ديوداسا به ويٺو آهي ۽ آريا لوڪن جا وڏا اڳواڻ به ويٺا آهن اڄ راڄ- سڀا ۾ آريا اڳواڻن کي سندن اڱراين ۽ ڪاهن جو

جواب ڏيڻو پوندو. ان ڪري اسين سنڌ جا ماڻهو آريا لوڪن جي سئنام مٿان چڙهائي ڪي ننديون ٿا ۽ اسين اهو ٿا سمجهون ته جيڪڏهن آريا لوڪن جي مهاديوي اگنيءَ علاج لاءِ سنڌ ۾ نه آيل هجي ها ته اڄ اها آريائي ڪاهه سنڌوءَ مٿان هجي ها. ٻيو ته اسين ان ڳالهه ۾ پڪو ويساهه ٿا رکون ته آرين سان اهنسا تي ڳالهائڻ اجايو آهي. ان ڪري هن راڄ سڀا ۾ هي مول متا پيش ڪيا ٿا وڃن." ايتروچئي سنڌ جي مهامنتري وڏي گمڀيرتا سان ڪڇ ۾ ڦٻايل ڦرهي ڪڍي، اونچي آواز سان پڙهڻ لڳو هو :

اڪڙ :

اهو ته.... سئنام مٿان آريا لوڪن جي ڪاهه ڪي سنڌ ملڪ جا ماڻهو پنهنجي ملڪ مٿان حملو سمجهن ٿا. جي آريا لوڪن اها ڪاهه هڪدم بند نه ڪئي ته پوءِ سنڌ ملڪ سئنام ديپ جي مدد لاءِ جوڳو قدم کڻندو.

ٻڪڙ :

اهو ته.... اهي ساموندي ٻيڙا، جن سان آريا لوڪن سئنام ملڪ مٿان ڪاهه ڪئي. آريا لوڪن اهي ٻيڙا ڪٿان آندا، انهيءَ جو جواب آريا لوڪ پاڻ ڏيندا.

تين :

اهو ته... آريا سويتيءَ، ڪيا، وستنا، ستادرو، پروشڻيءَ ۽ سنڌوءَ جي اُترائڻ وارن پٽن ۽ پَٻن مٿان ڪيما ڪوڙي ويهي رهيا آهن. آريا لوڪ اُهي پٽ خالي ڪن انڪري ته اهي سمورا پَٽ نندي ڪنڌ جو اٽٽ انگ آهن.

لين :

اهو ته.... سنڌ ملڪ ڪنهن ريت به سئنام ملڪ سان پنهنجا ناتا نه ٽوڙيندو انڪري ته سئنام ملڪ اهنسا جو وڏو ڪوٽ ۽ وديا جو ٿُنڀيت آهي ۽ سنڌ ملڪ جو ساٿاري ۽ تلهدار آهي.

مون، :

Gul Hayat Institute

اهو تہ.... جي آريا لوڪن سنڌو ساڱيھ جي ڪنهن بہ ساٿاري يا پاڙيسڙي ملڪ سان ويڙهاند ڪئي تہ پوءِ سنڌ ملڪ، انجو بچاءَ ڪندو.

نار،

اهو هي تہ آريا لوڪن کي انهي ڳالهہ جي ڄاڻ ڏني ٿي وڃي تہ آريا لوڪ پنهنجون ڪاهون بند نہ ڪندا تہ پوءِ سنڌ ملڪ سئنام، سنگھل دويپ، پورب، يون دويپ سان گڏجي هڪ طاقت ٿي مٿاهن ڪاهون ڪندو.

ويمي، :

اهو هي تہ هن پرٿويءَ تي جيڪو بہ ملڪ يا راجا ڪنهن بہ لالچ يا لوڀ ۾ اچي آريا لوڪن جي مدد ڪندو، سنڌ ملڪ انکي پنهنجو سڀ کان وڏو ويري ۽ دشمن سمجهندو.

اڪ،

اهو تہ ... .انهن هوڙهن ۽ هٿيارن جي جانچ ڪرائي ويندي جن سان آريا لوڪن سئنام مٿان چڙهائي ڪئي آهي.

جَڳ،

اهو تہ.... هنن سيني مول مٿن جو هن راڄ- سڀا ۾ گڏ ٿيل سمورن ملڪن کي سختي سان پابند رهڻو پوندو.

مول متا پڙهڻ ڪانپوءِ سنڌو جو پرڌيهي منتري سڄي راڄ سڀا آڏو وڏا ڪورنش ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي جاءِ تي ويهي ويو هو ۽ راڄ- سڀا ۾ اوچتو سنڌوءَ جو راڄ رکوال لڇمڻ ڄام سرواڻ اُٿي ڪڙو ٿيو هو. ۽ وڏو واڪو ڪندي چيو هئائين :

" آريا مهامنتري ترشتول، هن راڄ- سڀا ۾ اسين اوهانکان اهو ٿا پڇون تہ اُهي هوڙها ۽ ٻيڙا اوهان ڪٿان ۽ ڪئين هٿ ڪيا جن سان اوهان سئنام ملڪ مٿا ڪاھ ڪئي؟.... ".

سنڌوءَ جي راڄ رکوال جي انهيءَ ڳالهہ تي آريا لوڪن جو مهامنتري ترشتول جواب ڏيڻ لاءِ اٿي بيٺو هو.

" اُهي هوڙها ۽ ٻيڙا اسان تامي نگر جي راجا ديوداسا کي سوين پلا سيگهڙو [32] ڏئي تامي جي پرڏيهي پٽين ۽ وڻجارن کان هٿ ڪيا ويا هئا. هاڻ اُهي هوڙها ۽ هٿيار اسانجو مال ۽ مڏي آهن."

آريا مهامنتري جي ڳالهه تي تامي نگر جي راجا ديوداسا کان ڇرڪ نڪري ويو هو. هن راڄ- سڀا ۾ وڏي رڙ ڪئي هئي ؛

" آريا ڪوڙا ۽ ڪُسيا ڪيا آهن. آريا لوڪن جي ڪنهن به ڳالهه تي ويساهه نه ڪيو وڃي."

سڀ راجا راٽيون وڏي اچرج ۾ اچي ويا هئا.

" تامي نگر جي راجا ديوداسا کي حڪم ڏنو تو وڃي ته هو مانڙي ڪري پنهنجي جاءِ تي ويهي رهي " سنڌوءَ جي مهاراجا شينهن جيان گجگوڙ ڪئي هئي. سڄي راڄ – سڀا ۾ ڪن لاءِ وڏي چپ لڳي وئي هئي. تامي نگر جو راجا ڏاڍو ٽٽان وِٽان تي پنهنجي جڳهه تي ويهي ويو هو. ۽ سنڌوءَ جو راڄ رکوال آريا اڳواڻ کان وري آڏي پڇان ڪرڻ لڳو هو ؛

" آريا؟... ڇا اوهان اهي هوڙها ۽ هٿيار خاص سئنام دويپ مٿان ڪاهه ڪرڻ لاءِ ورتا هئا؟.... "

" ها، اسان اهي سئنام ديپ مٿان ڪاهه ڪرڻ لاءِ ورتا هئا. انڪري ته آريا ديس ۾ رڳو برف ئي برف آهي. جتي سڄ رڳو هڪ پيرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جتي رات اڌ ورهيه جيڏي ڊگهي هوندي آهي. ديوس پتر هن پرٿويءَ کي نون ورشن ۾ ورهايو آهي ۽ نون ئي ورشن مٿان آريا لوڪ راڄ ڪندا. اسين آريا جتي به سهٽا پٽ ۽ سرڳ سمان ماٿريون ڏسنداسين. انهن مٿان ڪاهون ڪنداسين. اهو اسانجو ڌرم ۽ جياپو آهي. جنهن ۾ ڪوبه رنڊڪ نٿو وجهي سگهي."

آريا مهامنتريءَ اها ڳالهه بنا هٻڪ جي ڏاڍي سورهيائيءَ سان چئي ڏاڍي ادب سان پنهنجي جڳهه تي ويهي ويو هو.

" تامي نگر جو راجا ڊوهي ۽ ڏوهي آهي." راڄ سڀا ۾ سنڌوءَ جي مهاراڻي ڏاڍي ڇوهه مان اٿي بيٺي هئي.

" تامي نگر جي راجا ديوداسا کي گرفتار ڪيو وڃي "

سنڌوءَ جو مهاراجا به شينهن جيان گجگوڙ ڪندي پنهنجي تخت تان اٿي ڪڙو ٿيو هو. مهاراجا ۽ مهاراڻيءَ جي اٿڻ سان سڄي راڄ سڀا ۾ راجا ۽ راٽيون، پرڏيهي مهامنتري ۽ جڏ اڳواڻ پنهنجي پنهنجي جڳهين تي اُٿين پيرئين بيهي وڏا ڪورنش ڪرڻ لڳا هئا. مهاراجا

---

[32] سيگهڙو : گهوڙا

Gul Hayat Institute

۽ مهاراڻيءَ سوني ڦُل وارين چاڪڙين سان راڄ سيا جي ڏاڪڻين تان هلندا پنهنجي راڄ رتول ڏانهن وڃڻ لڳا هئا. چئني ڏِسائن ڪان راڄ سيا جي پڄاڻي جا گهنڊ ڏانگ.... ڏانگ ڪري وڃڻ لڳاهئا.

Gul Hayat Institute